
دنيا گمان آگتي

(کھاڻيون)



محمد علي پٽاڻ

پيڪاڪ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

دنيا کان اڳتي

محمد علي پٺاڻ

پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي

كتاب نمبر 124

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو به حصو ڪاپي يا شايع نه ٿو ڪري سگهجي.

دنيا کان اڳتي

ليکڪ: محمد علي پناڻ

چاپو پهريون: 2019ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهه

ڪمپوزنگ: محمد امين ڪلهوڙو

ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو

بيڪ ٽائيٽل فوٽو گرافي: جان محمد عباسي

قيمت: 300 رُپيا

ڇپيندڙ

ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ بُڪ هائوس

فليٽ نمبر 404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ

فون نمبر: 021-35682020, 021-35680607

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اڀنا

لازوال سنڌي ڪهاڻيءَ جي ليکڪ

بادل جماليءَ

جي نالي

سچاٽپ

نالو:	محمد علي پٺاڻ
والد جو نالو:	حبيب الله پٺاڻ
والده جو نالو:	عائشہ خاتون عباسي
جم جي تاريخ:	03 فيبروري 1962ع
جم جو هنڌ:	لاڙڪاڻو
پرائمري تعليم:	گورنمينٽ پرائمري اسڪول محلو غوث پور لاڙڪاڻو
سيڪنڊري تعيلم:	گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول، لاڙڪاڻو
انٽر:	گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو
بي اي:	سنڌ يونيورسٽي جام شورو، سنڌ
ايم اي (سنڌي ادب):	سنڌ يونيورسٽي جام شورو، سنڌ
شادي:	1987ع
اولاد:	هڪ نياڻي روحي بانو پٺاڻ
لکڻ جي شروعات:	1974ع ڪان پارن جي لاءِ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ ڪان
چپيل ڪتاب:	اکيون آلا چند (نثري نظم) 1988ع، عاشورا آهن (شاعري) 1995ع، اڪهيا اوجاڳا (وايون) 2000ع، پگهو آرس اکڙين (شاعري) 2001ع، Fluttering Feelings (Poetry) 2011 translated by: Jam Jamali مسافتون ياد جون (ڪوتا ناول) 2013ع مسافتين ياد کي (اردو) ترجمو: ننگر چند اڇي رات ڪارو چند (ٽي وي ڊراما سيريز) 2016ع

مونکي اهڙا ٽاريو (شاعري) 2016ع
ميندي لهڻ کان اڳ ۾ (کهاڻيون) 2016ع
وقت بيهي نٿو... (طويل نظم) 2018ع
سئو لفظ سئو کهاڻيون(کهاڻيون) 2018 ع
سامين سمر سورُ(ٽي وي ڊراما سيريل) 2018ع
دنيا کان اڳتي(کهاڻيون) 2019 ع

اڻڇپيل ڪتاب: ايرينگ (فائيو ڊيز ٽي وي ڊرامہ سيريل)، چمپل ڳنڍايو (کهاڻيون) منهنجو ڏڪ (شاعري) وات وڃائي جن (ناول)، ڏوهي گهاٽ (ناول)، پٽائيءَ ۾ بلهيٰ شاه جي ديس ۾ (سفر نامو)، وهڪرو (انفرادي ٽي وي ڊراما)، پسي بازاريون (ڪالم)، انصاف (ٽي وي ڊراما سيريز)، ڏک دنگي، هل ناکٹا (ڪالم)، يادگيريون سنڀال (خاڪا)، ڏرتتي (ٽي وي ڊرامہ سيريل)، چند ٽو ڳائي پيو (شاعري) ڏکي ۾ ڏونگر (ڪالم)، اوڏر جي ماءُ (اسٽيج ڊراما)، ٻاروچو پنيور جو (انٽرويوز)، مونکي به وٺي هلو (کهاڻيون)، انون نڪاح (اسٽيج ڊرامہ)، ڏوهي گهاٽ (ناول) ايي اياريام (تبصرا)، مضمون، اخباري فيچر ۾ مهاڪ)، تڪرار (ٽي وي ڊراما سيريل)، ڪاهيءَ جي وڃ ۾ (ناوليٽ)، پنج کهاڻيون پنج ڊراما.

سهيڙيل ڪتاب: ڊاڪٽر بيگم اشرف عباسيءَ جي آتم کهاڻي "جيڪي هلن هيڪليون"، سوپي گيانچنداڻيءَ جي آتم کهاڻي "روشنيءَ جي پنڌ ۾"

ٽيليڪاسٽ ٽيل ڊراما سيريز:

انصاف (سنڌ ٽي وي 2004)،
اڄي رات ڪارو چند (ڪي ٽي اين 2005).

ٽيليڪاسٽ ٽيل انفرادي ڊراما:

وهڪرو (ڊائلاگن کان سواءِ)، قومي شاعر، بک بيڙو ٽول، پاٽيءَ جا شهيد، جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، همٽ، پنجوڙ

(مرڪزي خيال رزاق مهر جي اسٽيج ڊرامي ايف آءِ آر تان ورتل) ڪاري ڪٽي آهي (ڪهاڻي / امر جليل) ساڳيو ئي سوال (ڪهاڻي/ ايشور چندر)، انڊو خواب (ڪهاڻي / اخلاق انصاري)

اڻ ٽيليڪاسٽ ٽيل ٽي وي ڊراما:

ڏرتي (سيريل)، هَٽ (انفرادي ڊراما)، بيوسي (انفرادي ڊراما)، ايرينگ (فائيو ڊيز سيريل) توتان بند بدا ٽيو (ڪهاڻي / امر جليل)، تڪرار (ڊراما سيريل) پڙلاءُ (ڪهاڻي / امر جليل)

ڳايل شاعري: رحمان مغل (سرمد سنڌي)، عاشق نظاماڻي، رحمت ميرالي، شبانہ ڪوثر، نظير سمون، شفيق منگي، محمد بچل عباسي، هادي بخش عباسي، پروان علي (مشتاق شيخ)، سهڻو شيخ

ايڊيٽر: "ذات" پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، "مرڪ" پبليڪيشن ۽ ماهوار "ڪونج"، لاڙڪاڻو

نوڪري: اسسٽنٽ پروفيسر ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

رهائش: گهر نمبر 913/1 ويجهو مسجد خضرا، محلو ڏڙي، لاڙڪاڻو

فون: 03312291073 — 03003414407

اي ميل: pathanmohammadali@gmail.com

فهرست

•	اداري پاران	ڈاکٹر آفتاب ابڑو	10
•	ليکڪ پاران	محمد علي پنائڙ	12
•	مهاڳ	زيب سنڌي	15
•	طويل ڏکن جون مختصر ڪهاڻيون	انور ابڑو	18
•	سنڌ ديس جو منظرنامو پيش ڪندڙ ڪهاڻيڪار	ابراهيم ڪرل	20
•	مختصر راءِ	مشتاق ڪلوڙ	24
•	Jam Jamali A Painful Portrayal of Sindh Society		I-V
01	ڏسئون ڪير ٿو پُڏين		25
02	بابي جو نالو		27
03	سي سي ڪئميرائون		28
04	آنيارا پلا		30
05	آڏو ٽَڪَرَ ٽَر		32
06	پنيورَ کي باهِ		35
07	وات ۾ ڏپ		37
08	پنهنجو گهر		39
09	وَٽُ وَهنديءَ کي		41
10	عقل اوجارو		43
11	مَرَڪُ		45
12	ون ويلنگ		48
13	پيٽ ۾ سورُ		50
14	ڏهري ڏور تي مَڇَرَ گهٽا		52
15	وارث		54
16	ڪوئي نه ڪيهائي		57

17	گڏهَ جي پويان	59
18	خواريءَ جو کارو	63
19	سُکَ سان نہ سُمهنداسون	66
20	گهنگهر گهٽو ٽِياس	69
21	تہ پوءِ پاڻ ڇو پنتي رهون	72
22	وحشي وهکرو	75
23	جڏهن پوليس ٿهي نہ	77
24	سنهڙو ڪپڙو ۽ سليماني ٽوپي	79
25	واهَ جي سرڪار آ	81
26	عزت	82
27	ڏسجانءِ ويلو	85
28	ڏاڍو ڪاتو	87
29	ٽي زالون ٽيهَ جريب	89
30	شاهہ لطيف ۽ لنڊن	91
31	اهو سون ئي گهوريو	93
32	چاٽو روڊ جي رَڻيءَ جو	95
33	پنهنجو ڪُهڙَ تون پيچرو	97
34	نہ رهيو بانس، نہ وڄي بينسري	99
35	گليمرائيزڊ تعليم	101
36	انگل	103
37	سُک جو ساهہ ۾ آڇپو	104
38	ڪُتن جي ذات	106
39	ديڳ تپي رهي آ	108
40	شينهن ڏَپَ ناهن چرندا	110
41	ٽيا طمع لئہ طبيب	112
42	ڏر کي ڪَڙو	114
43	امان...گڏي...	116
44	ڪارو پٽر ۽ هَڻُ	118

45	شوق جي بَها	120
46	وڏڻ جي نشاني	121
47	تبديلي ايندي	124
48	رهندا وڃي ڪاريءَ وارا ڪَڪَ	126
49	جنمن جي چَٽي	128
50	سِجَ ڪَني	130
51	امانت	132
52	ٽنگجي ويندين	134
53	اجالو ٿيندو	137
54	دنيا کان اڳتي	139
55	اَنَ جو مُنهن جنڊَ ڏي	142
56	کول	144
57	هو معذورن مان به نه مُڙن	147
58	چمپل ڳنڍايو	149
59	رَوش	151
60	ٻُڌو اَنَ ٻُڌو	153
61	ڳچيءَ ۾	155
62	ڪڙڪايون ٿا قانون کي	157
63	ووٽر جي عزت	160
64	نه ڪورٽون نه قانون	163
65	پهريون پيرو	165
66	ٽي پٽائي سياست	167

اداري پاران

سائين محمد علي پنهل، اڄ جي دور ۾ گهٽو لکندڙ ۽ پڙهيو ويندڙ ليکڪ ليکيو وڃي ٿو. سندس لکڻين ۾ اها ڳالهه آهي، جنهن کي پڙهندڙ مڃين ٿا ۽ ان حوالي سان کيس پڙهندا رهن ٿا. هو سنڌ جي ريتن ڪُريتن تي مسلسل لکندو رهي ٿو. سندس ڪاب لکڻي سنڌي سماج جي تاڃي پيٽي کان ٻاهر نه آهي. ان حوالي سان، سائين ابراهيم ڪرل، جيڪو پاڻ به هڪ سڃاڻ ليکڪ ۽ نالياورو کهاڙيڪار آهي واه جو لکيو آهي. لکي ٿو ته:

"محمد علي پنهل کهاڙي لکي ٿو. هن وٽ کيترائي موضوع اکين آڏو رهيا. زندگيءَ جي گوناگون حادثن، واقعن، احساسن، جون تصويرون ڦرنديون، گهمنديون، پاڻ پسائيندين ڏهن جي اسڪرين تي ايندين رهيون ته هن قلم کڻي لکڻ شروع ڪيو. هن جا حواس، ڏسڻ، ڇهڻ، چکڻ، سنگهڻ سميت سالم رهيا. هن جي اک اخبار جي هيڊنگ تي به رهي ته ٿي وي اسڪرين کي به ڏسندي رهي ۽ آس پاس ۾ ٽيندڙ انيائن تي به رهي. هن جيئن جيئن منظرن، انيائن ۽ لوڪ وارتائن کي ڏٺو محسوس ڪيو تيئن ان جو بيان ڪيو. اهوئي سبب آهي جو هن وٽ نندڙي احساس واري کهاڙي به پني تي لڻي ۽ ماڻهن، پڙهندڙن ان کي نه صرف پنهنجو ڪيو پر ان ڪيفيت کي حقيقت جو نانءُ پڻ ڏنو. اسين هر روز ڪنهن اهڙي وارتا کي پنهنجي اکين سان ڏسون ٿا پر نظر انداز ڪري ٿا ڇڏيون. محمد علي انهن کي نظر انداز نٿو ڪري، هو هڪ سُڃيت ليکڪ جيان انهن کي لکندو رهي ٿو. پوءِ چاهي اها کهاڙي "ڏسئون ڪير ٿو ٻُڌين" هجي يا "بابي جو نالو" هجي. نندن نندين مسئلن کي کڻي محمد علي کهاڙيءَ سان نينهن جو ناتو نيائيندو ٿو اچي. هن وٽ قديم ۽ جديد جو ميلاپ ملي ٿو. هو سي

سي ٽي وي ڪيميرائن تي بہ لکي ٿو تہ ڪيس اهو بہ اونو آهي تہ وڏڙن جي جسد خاڪيءَ کي ڪيئن بچائجي، هو ڊاڪٽرن جي مسيحائي تي بہ لکي ٿو ۽ جعلي دوائن جي مارڪيٽنگ کي بہ قلم هيٺ آڻي ٿو.

سائين پنهل صاحب جا پاڳ پلا آهن جو همعصر توڙي سينئر اديب ڪيس سڏمان ڏين ٿا. آهي بہ پل مانس. هن ئي ڪتاب ۾ سينئر اديب ۽ ڪهاڻيڪار سائين حميد سنڌي، سائين غلام نبي مغل، ابراهيم ڪرل، زيب سنڌي، انور ابڙو، مشتاق ڪلوڙ، جام جمالي، رضوان گل ۽ ٻين نالي وارن ليکڪن جا رايا شامل آهن، سيني سائين پنهل صاحب جي لکڻين کي بيحد ساراهيو آهي. سنڌ جي مهان ڪهاڻيڪار سائين حميد سنڌي جا رايا تہ ساهہ ۾ سانڍيل جهڙا آهن.

سائين محمد علي پنهل جو اسان جي اداري پاران هي ڇهون ڪتاب آهي، حقيقت اها آهي تہ اڳيان ڪتاب وڪرو ٿين ٿا، تڏهن پبلشر ٻئي ڪتاب ۾ هٿ وجهندو آهي، ان حوالي سائين پنهل صاحب وڏو بختور آهي، جو سندس پڙهندڙن جو انگ وڏو آهي.

اسان کي اميد آهي تہ اڳين ڪتابن جيان هي ڪتاب بہ انسانوي ادب ۾ جوڳي جاءِ والارينڊو.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو
چيئرمين
پيڪاڪ پبلشرس

ليکڪ طرفان

"ميندي لهڙ کان اڳ ۾" کانپوءِ پنهنجي ڪهاڻين جي ٻئي مجموعي "سئو لفظ سئو ڪهاڻيون" ۾ سئو لفظن ۾ ڪهاڻي ڏيڻ جي تجربي مان گذريس. جنهن بعد انهن کان ڪجهه وڌيڪ فريم ۾ "اڄ جي ڪهاڻي" جي مستقل عنوان جي چٽيءَ هيٺ ڏهي سال کان روزاني "ڪاوش" اخبار جي هفتيوار رنگين ايڊيشن "ڪاوش گيلري" ۾ ان جي انچارج عزيز سولنگي صاحب جي خاص قرب سان لڳاتار ڪهاڻيون لکندو پيو اچان. جيڪي هر سومر تي شايع ٿيندڙيون رهيون آهن.

"دنيا کان اڳتي" نالي واري منهنجي هن ٽئين ڪهاڻي ڪتاب ۾ شامل سموريون ڪهاڻيون ان هفتيوار سلسلي ۾ ئي شايع ٿيل آهن. سواءِ ٽن ڪهاڻين جي. "جن مان هڪ "امان ...گڏي" روزاني عوامي آواز ۾ شايع ٿي هئي، باقي ٻه "آڏو ٽڪر نڙ" ۽ "تيا طمع لئه طبيب" اڇپيل آهن.

هفتيوار ڪهاڻين لکڻ جو هي سلسلو هن ڪتاب تائين ڪنهن کي پل چٽين جو ڪيل لڳندو هجي، پر مون لاءِ اهو پوگهائن جا ڪيئي تيزابي ڊرم کٽي آيو. جن ۾ پاڻ کي اڇلي هڪ ڪهاڻيءَ کي انهن مان ڪڍي پئي آيس، تہ ٻيءَ لاءِ تن ۾ وري پاڻ کي ساڳيءَ طرح اڇلڻو پئي پيو.

ائين ان پيڙا واري سفر ڪڏهن ڪڏهن تہ صفا نهوڙي ناس ڪري پئي ڇڏيو. تڏهن هڪ لحظي لاءِ مان قلم روڪي اهو پئي سوچيو تہ بس، هاڻي ٿوري ساهي ٻہ پنجي. پر اخبار جي تتيءَ ٽڏيءَ ڪاهڻ "سور پريان جا ساڻ ڪري" ويهڻ واري وٿي ڏيڻ کي ممڪن بڻائڻ کان سدائين پاسو ڪيو ۽ پاڻ سان سلهاڙيون اڇتي گهلينديءَ وئي.

هنن کهاڻين جا موضوع، انهن جا ڪردار، ماحول، تاريخ، اڄ جي حقيقتن جا مظهر آهن. جن جو واسطو ڪنهن به من گهڙت ڏرتيءَ سان نه آهي. هي خيالي يا تصوراتي نه آهن. اوسي پاسي نظر ڪبي ته اهي هِتي هُتي، جتي ڪٽي پکڙيل نظر ايندا.

تڏهن ئي هنن کهاڻين جي چڇڻ واري عرصي دوران ماڻهن جتي ڪٽي، مونکي سڏي، بيهاري انهن بابت ڳالهايو آهي. انهن ۾ بيان ڪيل مسئلن يا ڳالهين بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. اهڙو پيار ڏنو آهي. جنهن جي ڪو ليکڪ سَڏ ئي ڪري سگهي ٿو.

قلمڪاريءَ جي اها عوامي موٽ مون لاءِ سون چانديءَ جي تمغن کان سئو هزار پيرا مٿانهين آهي. جنهن لاءِ مان وري به عزيز سولنگي صاحب جو ٿورائتو آهيان. جنهن مونکي اهو ميدان مهيا ڪري ڏنو آهي. جو مان عوام سان، عوام جي هوليءَ ۾ هنن کهاڻين ذريعي ملان به ٿي ته ڪين ملايان به ٿو.

ڪتاب جي مهاڳ لاءِ زيب سنڌي صاحب، راين لاءِ انور ابڙي صاحب، ابراهيم ڪرل صاحب، ڇام جمالي صاحب، مشتاق ڪلوڙ صاحب جون ۽ فليپ لاءِ غلام نبي مغل صاحب، رضوان گل صاحب ۽ بيڪ پيج لاءِ لکيل سِٽن جون حميد سنڌي صاحب جون خاص مهربانيون ۽ قرب. چار رنگي خوبصورت ٽائيٽل لاءِ ڪپتان ابڙي صاحب، بيڪ ٽائيٽل فوٽو گرافيءَ لاءِ جّان محمد عباسي صاحب ۽ کهاڻيون پڙهي وقت بوقت پنهنجي راين کان آگاهه ڪندڙ مهربان دوستن ۽ عزيزن ادل سومرو صاحب، مختيار سمون صاحب، ڊاڪٽر ظفر پيرزادو صاحب، ڊاڪٽر بدر اڃڻ صاحب، پيڙ جهان آرا سومرو صاحب، انور شيخ صاحب، احمد سلطان کوسو صاحب، امر لغاري صاحب، سرمد عذيز صاحب، حافظ نظير عباسي صاحب، سرمد کوسو صاحب، پروفيسر عبدالوحيد چانڊيو صاحب، روشن شيخ صاحب، آزاد انور ڪانڊڙو صاحب، امر اقبال صاحب، جبار تاثير سومرو صاحب، محمد ابراهيم لاشاري صاحب، مور مغيري صاحب، زاهد منگي صاحب، محمد پنجل سانگي صاحب، ڊاڪٽر مظفر کوهارو

صاحب، امر پيرزادو صاحب، پروفيسر ذوالفقار علي تنيو صاحب، سجاد مهر صاحب، مرتضيٰ ڪلهوڙو صاحب، حسن پنائڙ صاحب، محمد امين ڪلهوڙو صاحب، علي بخش پنائڙ صاحب، پيڙ سيما عباسي صاحبہ، پروفيسر عبدالفتاح سپرو صاحب، عبداللطيف پنائڙ صاحب، ڊاڪٽر احسان دانش صاحب، پيڙ فرزانہ شاهين صاحبہ، رياضت پرڙو صاحب، طالب حسين چنو صاحب، گدا حسين بخاري صاحب، پيڙ ڇام صنم سنڌي صاحبہ، پروفيسر لال بخش ڪلهوڙو صاحب، عادل شر صاحب، سچل پنائڙ صاحب، پروفيسر عبيدالله جکرو صاحب، زين العابدين عباسي صاحب، حاڪم منگي صاحب، ڪاشف سولنگي صاحب، پروفيسر وحيد عباسي صاحب، سليم مگسي صاحب، عبداللطيف ڪرتيو صاحب ۽ پروفيسر سجاد ميراڻي صاحب سان گڏ ٻين اڻ ڳڻين مهربانن جا بہ نہ لاهڻ جهڙا ٿورا سدائين پيا ڳائبا. ان کان علاوہ وڏا ورڙ پبلشنگ اداري "پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي" جي ٽيم محترم سائين ڊاڪٽر آفتاب اپڙو، قمر آفتاب صاحب ۽ ظفر آفتاب صاحب جا، جن منهنجو هي ڇهون ڪتاب شايع ڪيو آهي.

ٿورا مَر ٿورا، مونتي ماروئڙن جا،
ٽر ۾ واري ٿورڙي، تِهان گهَڻيرا،
پلايون ۽ پيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا.
(پٽائي)

محمد علي پنائڙ
درڙي محلو لاڙڪاڻو

درد جا عڪس

محمد علي پٺاڻ 45 سالن کان لڳاتار لکندو رهيو آهي ۽ لڳ ڀڳ ايترو ئي پراڻو هن سان منهنجي دوستي جو تعلق به آهي. هو لاڙڪاڻي جي نهيءَ ادبي چوپاري ۾ شامل هوندو هو، جنهن ۾ رزاق مهر، واجد ۽ زيب هيا. اهو هن جي لکڻ جو ابتدائي زمانو هو، جنهن ۾ جنون جي حد تائين هن کي لکڻ جو شوق هوندو هو. تمام تيزيءَ سان لکڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن اسان دوست هن کي روڪيندا هئاسين ته، ايترو گهٽو نه لک، جو متان ٿڪجي پئين ۽ پوءِ لکڻ بند ڪري ڇڏين. هو دوستن جون اهڙيون ڳالهيون هڪڙي ڪلي چوندو هو "مان نه ٿڪبس، متان توهان نه ٿڪجي پئو!" ۽ وقت ثابت ڪيو ته لڳاتار لکندڙ هي ليکڪ ڪڏهن به نه ٿڪيو ۽ پنجيتاليهن سالن کان بنا ڪنهن وقفي جي لکندو رهيو آهي. هن جي نه ٿڪجڻ جو هڪ سبب ته بيشڪ سندس چوپاريءَ جي ٻين ٽن دوستن جو به لڳاتار لکڻ هو پر سندس نه ٿڪجڻ جو ٻيو اهم سبب اهو به آهي ته، پورهيو سندس رت ۾ شامل رهيو آهي.

محمد علي پٺاڻ هڪ پورهيت، لوهار جو پٽ آهي. هن نندڙي ۾ ئي فقط اسڪول مان موڪي اچي پنهنجي پيءُ سان گڏجي لوهار ڪوڪم ڪيو پر ڪڏهن هن ڪٽي ڏاڙيءَ تي مزدوري ڪئي، ڪڏهن لاڙڪاڻي شهر جي فوٽ پاٽ تي وڪڻڻ لاءِ ننڍا جا سوئيٽر به وڪرو ڪيا ته ڪڏهن وري دوستن پاران ڇپرائي سندن ڪتاب ۽ رسالا ڪٽي وڃي مختلف آفيسن ۾ تعليمي ادارن ۾ وڪرو ڪيا هٿا. 1981 ۾، جڏهن سندس عمر 19 سال هئي، تڏهن ڪراچيءَ جي ليارياءَ واري علائقي سان تعلق رکندڙ گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي ان وقت جي ادب دوست پرنسپال شير محمد بلوچ کيس ڪلارڪي جي نوڪري ڏئي رولڙن کان بچائي ورتو پر ڪلارڪي محمد علي جي

مزاج ۾ ئي نہ هئي. ڪلارڪيءَ منجهان بيزار ٿيو تہ پرنسپال ڪيس ليبارٽري اسسٽنٽ ڪري چڏيو. محمد علي ليبارٽري اسسٽنٽ جي نوڪريءَ سان گڏ پرائيويٽ شاگرد جي طور تي سنڌيءَ ۾ ايم ڪري ورتي. 1990 ۾ هو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ هاڻي انهيءَ ڪاليج ۾ ئي اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان پڙهائي ٿو.

سندس هن سڃي تعارف جي مون هتي ان ڪري ضرورت سمجهي تہ جيئن توهان کي اندازو ٿي سگهي تہ، هو زندگيءَ جي ڪهڙن مرحلن منجهان گذريو آهي. سندس زندگيءَ جا اهي تجربا ۽ مشاهدا ئي آهن، جنهن ڪري سندس ڪهاڻين ۾ عام ماڻهن جي زندگين جا حقيقي عڪس نظر اچن ٿا.

هن ڪتاب "دنيا کان اڳتي" ۾ شامل سندس سمورين ڪهاڻين جو محور سڌ جو اهو سماجي نظام آهي، جنهن ۾ عام ماڻهو روز نوان عذاب ٿو پوڳي! اهو ئي سبب آهي تہ هنن ڪهاڻين ۾ ڪا هڪ به اهڙي ڪهاڻي ناهي، جيڪا ڪنهن مسئلي ڏانهن ڌيان نہ ڇڪائيندي هجي. رشتن جي پيچ ڍاهہ، انسانيت جي تذليل، نياڻين جو وڪرو، جرڳائي فيصلا، سياسي وفادارين جي تبديلي، ڪمزور عقيدا، ناقص تعليمي نظام، پوليس جي زيادتين، صحت جي سهولتن جي اٿوند کان وٺي سگ چٽي تائين جهڙا موضوع ملن ٿا. سگ چٽيءَ طور ڏنل معصوم نياڻيءَ جو به هن چا تہ دل کي ڏوڏيندڙ عڪس ڇٽيو آهي، جنهن ۾ چٽن سالن جي ٻارڙيءَ کي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي، حانورن وانگر وٺي پيا وڃن، جو سندن چوڻ آهي تہ اها انهن جي رسم آهي! ۽ وري پنهنجين نياڻين کي وڪرو ڪندڙ هڪ پٿر دل پيءُ بابت هڪڙي ئي ڍائلاگ ۾ هو سڀ ڪجهہ ٻڌائي چڏي ٿو:

"بابا، ماڻهو ڏاڍا ڪنور تا ٿين. هي تہ آهي ئي نِڪُرُ. مان سڃاڻانس. هن آخري ڏيءُ کان اڳ ڇهہ ڏيئر ٻيون به ائين ئي ٽڪا وٺي ڪپايائين. هونئن ريڙهي تي فروٽ رکي ڪپائيندو آ، پر چون تا تہ جڏهن به ڪا ڏيءُ ڪپائيندو هو تہ، تيستائين ويهي روزانو ٻہ ٻہ آنيارا پَلا ڪائيندو هو، جيستائين ڏوکڙ پورا نہ ٿينس!"

محمد علي ٽالپر جي ڪهاڻين ۾ ڪٿي به هرو ڀرو جي لفاظي موجود ناهي. هن عام ماڻهن جي مسئلن کي عام فهم ۽ بيحد اثرائتي سادي انداز سان پيش ڪيو آهي، جيڪا سندس تحرير جي خاص خوبي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل سندس مختصر ڪهاڻيون فليش فڪشن (Flash Fiction) جي زمري ۾ اچن ٿيون ۽ اهي اهڙا عڪس ڏيکارين ٿيون، جو ڪٿي ڪٿي اکيون به آليون ٿي وڃن ٿيون.

زيب سنڌي
2 فيبروري 2019
حيدرآباد

طويل ڏکن جون مختصر کهاڻيون

دنيا ۾ هينئر تائين گهڻي پاڳي تن قسمن جون کهاڻيون لکيون ويون آهن، جن ۾ ڪردارن واريون، پلاٽ واريون ۽ واقعاتي (event) کهاڻيون شامل آهن. هيءَ ڪتاب "دنيا کان اڳتي" انهن تنهي قسمن جو هڪ مجموعو آهي، جنهن ۾ اوهان کي ڪردارن تي ٻڌل کهاڻيون لکيل ملنديون (جيئن 'بابي جو نالو'، 'آنيارا پلا' ۽ ٻيون)، پلاٽ واريون ٻڌل کهاڻيون ملنديون (جيئن 'ڏهري ڏور تي مَڇَر گهٽا...!' وغيره) ۽ واقعاتي ٻڌل ملنديون (جيئن 'شاهه لطيف ۽ لنڊن' وغيره). ان سان گڏ هي سماجي حقيقت نگاريءَ واريون اهڙيون مختصر کهاڻيون پڙ آهن، جيڪي پڙهڻ سان اسان کي اڄ جو سنڌ جو معاشرو واضح طور سمجهه ۾ اچي ويندو.

هن ڪتاب سميت ڪيترن ئي ڪتابن جي مصنف محمد علي پناڻ جي وڏي سڃاڻپ اها آهي ته هُو پنهنجي کهاڻين ۾ بنا ڪنهن رک رکاءَ جي اهڙي سماجي سچائي بيان ڪري ٿو، جو ماڻهوءَ جون پَٽجي ۽ اکيون کُلي وڃن ٿيون. اڄوڪي ايڪيهين صديءَ جي دور ۾ ٻڌيراشاهيءَ جون ڏاڏايون، نياڻين جو ڏکن تي وِڪرو، علاج جي سهولتن جي ڪوٽ، اسڪولن جي خراب حالت، عام چونڊون، ون ويلنگ، نقلي دوائون، پوليس ۽ اهڙا ٻيا ڪوڙ موضوع آهي، جيڪي هن ڪتاب کي موضاعاتي توڙي فني حوالي سان، ٻين ڪتابن کان منفرد بڻائين ٿا.

"دنيا کان اڳتي" کهاڻي ڪارو ڪاريءَ جي موضوع تي لکيل آهي، جيڪو داغ سنڌ تان لهي ئي نٿو. ۽ وڏي ڳالهه ته محمد علي پناڻ سنڌ جي اُتر واري علائقي جي اُها اصلي ٻولي ٻ پنهنجي هنن کهاڻين ۾ استعمال ڪري ٿو، جيڪا اُتان جا، خاص طور ٻهراڙين جا ماڻهو اڄ

ٻہ ڳالهائين ٿا.

ائين ٻہ ناهي تہ ڪو هيءَ سمورو ڪتاب اهڙين سماجي تلخ حقيقتن تي ٻڌل ڪهاڻين تي مشتمل آهي، جن ۾ رڳو اذيتون، تڪليفون، قتل، ڏک، بيوسيون، ڏج، جهيڙا ۽ انساني دردنگي بيان ڪيل آهي، ۽ جيڪي ڪهاڻيون پڙهندي ماڻهو پريشان ٿي ويندو، پر ڪي ڪهاڻيون اهڙيون ٻہ آهن، جيڪي معصوم احساس رکن ٿيون، معصوم خواهشون پالين ٿيون ۽ معصوم لهجي ۾ ڳالهائين ٿيون، جيئن "ماڻ گڏي" ڪهاڻي.

سو هيءَ ڪتاب اڃوڪي سنڌ جي تخليقي انداز ۾ لکيل سوشل اسٽڊي ٻہ آهي، جيڪا اُنهن ماڻهن کي بلڪل ٻہ چرڪائيندڙ لڳندي، جيڪي خاص طور وڏن شهرن ۾ رهن ٿا.

انور ابڙو

18 فيبروري 2019ع

ڪراچي

سنڌ ديس جو منظرنامو
پيش ڪندڙ ڪهاڻيڪار

ماڻهو جيڪڏهن لکڻ تي پئي تہ پنهنجيون ڳالهيون لکي الائي ڪيترين ڪهاڻين کي جنم ڏيئي سگهي ٿو. هونئن پي علامہ آءِ آءِ قاضي چوائي "هر ڪو جيڪڏهن سچائيءَ سان رڳو پنهنجي "آتم ڪهاڻي" لکي تہ هوند الائي ڪيترا اهڙا دلچسپ قصا سامهون اچي سگهن ٿا جو انهن جهڙا ورلي لکيا ويا هجن پر شرط صرف سچائي آهي."
مان اڄ جڏهن محمد علي پٺاڻ جون ڪهاڻيون پڙهان ٿو تہ اها ڳالهہ ذهن تي تري ٻيهي ٿي. محمد علي پٺاڻ مسلسل لکي رهيو آهي ۽ دل جي حضور سان لکي رهيو آهي بجاءِ ان جي جو ڪنهن خاص مقصد لاءِ لکيو وڃي ۽ ويهي انتظار ڪجي تہ ڪو اڇوتو موضوع ڳولهي ڪيڃي ۽ پوءِ لوڙ ولوڙ ڪانپوءِ ڪا ڪهاڻي لکجي ۽ وري گم ٿي وڃجي ۽ ماڻهن جي ذهن تان ئي ميسارجي وڃجي. اڄ جي دور ۾ جڏهن پڙهندڙن وٽ وقت نہ هجي تہ ماڻهو ڇا ڪري؟ مٿان وري پوسٹ ماڊرن ازم جي تلوار مياڻ مان نڪتي پئي هجي تہ بابا هي ادب متن مان متن تيار ڪرڻ واري فارمولي تي ڦٽ ٽيل آهي، ڪابہ نئين تخليق ناهي اسين پراڻن پيش ڪيل خيالن جي سنوار ۽ سينگار وارو ڪم ڪري رهيا آهيون تہ هڪ تخليڪار جا تہ مٿي تي هٿ اچي وڃن ٿا.

اڄ جي دور ۾ فڪشن جيڪي رنگ ڍيڪارڻ شروع ڪيا آهن، ان کي ڏسي ڪهاڻيءَ جي مستقبل تي اسانکي سوچڻ گهرجي! ڪو وقت هو جو ڪهاڻيءَ بيانيہ انداز ۽ پينهنجو جوهر ڍيڪاريو ۽ ڪردار ماڻهن جي ذهن تي پنهنجو اثر ويهاريو وري ڪو وقت اهڙو بہ آيو جو ڪهاڻي پلاٽ ليس ٿي آڪهاڻيءَ جي سِري هيٺ لکي وئي جنهن ۾

كردار نگاري ۾ پلاٽ ته ڳوليو به ڪونه لڏو ويو. صرف سوچون ئي سوچون، ذهني خلفشار سامهون آيا. پر اڳتي هلي ان جدت جي ناڪامي ۽ ڪيل ڪاٽيءَ جا پَر گهٽو عرصو قائم رهي نه سگهيا. وري هڪ پونچاڻ آيو ته ڪاٽي مري رهي آهي. عظيم ڪاٽي ڪونه ٿي لڳجي يا ڪاٽيءَ کي گولي لڳي وئي. پر پوءِ به ڪاٽي لڪبي رهي لڳجي پئي ۽ لڪي ويندي.

محمد علي پناڙ ڪاٽي لکي ٿو. نرڙ تي هٿ رکي ويهي ڪونه رهيو آهي نه ئي شروع ڪيل بحث تي عرق ريزي ڪرڻ ۾ لڳو. هن وٽ ڪيترائي موضوع اڳين آڏو رهيا. زندگيءَ جي گوناگون حادثن، واقعن، احساسن، جون تصويرون ڦرنديون، گهمنديون، پاڻ پسائيندڙيون ذهن جي اسڪرين تي ايندڙيون رهيون ته هن قلم کڻي لکڻ شروع ڪيو. هن جا حواس، ڏسڻ، ڇهڻ، چکڻ، سنگهڻ سميت سالم رهيا هن جي اک اخبار جي هيڊنگ تي به رهي ته ڪي وي اسڪرين کي به ڏسندي رهي ۽ آس پاس ۾ ٽيندڙ انيائن تي به رهي. هن جيئن جيئن منظرن، انيائن ۽ لوڪ وارتائن کي ڏٺو محسوس ڪيو تيئن ان جو بيان ڪيو. اهوئي سبب آهي جو هن وٽ ننڍڙي احساس واري به ڪاٽي ٿي پني تي لٽي ۽ ماڻهن، پڙهندڙن ان کي نه صرف پنهنجو ڪيو پر ان ڪيفيت کي حقيقت جو نانءُ پڻ ڏنو. اسين هر روز ڪنهن اهڙي وارتا کي پنهنجي اکين سان ڏسون ٿا پر نظر انداز ڪري ٿا ڇڏيون محمد علي انهن کي نظر انداز نٿو ڪري، هو هڪ سُڃيت ليڪڪ جيان انهن کي لکندو رهي ٿو. پوءِ چاهي اها ڪاٽي "ڏسئون ڪير ٿو ٻُڌين" هجي يا "بابي جو نالو" هجي. ننڍين ننڍين مسئلن کي ڪٽي محمد علي ڪاٽيءَ سان نينهن جوناتو نيائيندو ٿو اچي. هن وٽ قديم ۽ جديد جو ميلاپ ملي ٿو. هو سي سي ڪيميرائن تي به لکي ٿو ته ڪيس اهو به اونو آهي ته وڏڻ جي جسد خاڪيءَ کي ڪيئن بچائجي، هو ڊاڪٽرن جي مسيحائي تي به لکي ٿو ۽ جعلي دوائن جي مارڪيٽنگ کي به قلم هيٺ آڻي ٿو. پراڻن قدرن جي ناپيد ٿيڻ تي لکي ٿو ته فيشن ايبل، ڪاسميٽڪ دور جي به ڀالهه ڪري ٿو عورتن جي سجاڳيءَ کي به سارا هي ٿو ته عورت جي وڪري، ننڍي عمر جي شاديءَ

ڏانهن ٻه اشارا ڪري ٿو. شهري ماحول جي بدلجندڙ دنيا ۾ ڏيکاري ٿو ته پهراڙي جي ناسور کي ٻه بيان ڪري ٿو. معاشري جي هر موضوع تي سندس اک آهي. نوجوان جي بي راهه روي، انڌ جي گهوڙي سواريءَ کان ويندي موٽر سائيڪل جي "ون ويلنگ" تائين، هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ آڻي ٿو. هوغربت جي چڪيءَ ۾ پيڙهجندڙ انسانن جي ڪهاڻي ٻه لکي ٿو ۽ سلائيءَ جي مشين هلائيندڙ عورت جي ڪردار کي ٻه سامهون رکي ٿو. هو مرد جي حوس ۽ هيڇ ڏانهن ٻه آگر ڪڍي ٿو ۽ پيٽ ٻکايل تن اگهاڙن جي ڪٿا ٻه ڪڍي ٿو. هو انسانن جي لڇڻن جي ٻه ڀالهه ڪري ٿو ته پيٽ جي ٻک ۽ آنيارن پلن کي ٻه ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪري ٿو. هو سماج جي نبض تي هٿ رکيون ويٺو آهي، هڪ ڪامياب نبض شناس طور سرض ٻه پڌائي ٿو. ڪوڙهه ورتل سماج کي سڌارڻ جا جتن ڪري ٿو. هو پنهنجو ڪردار نپائي رهيو آهي بنا ڪنهن سرٽيفڪيٽ ونڊ جي، پوءِ پل ڪيس عظيم ڪهاڻيڪار جونٿو لڳي ڪاغذ ملي نه ملي. يا دنيا کي لوڏي ۽ ڏوڏي چڏيندڙ ڪهاڻيڪار جو رتبو باڪس ۾ بند ٿي ملي نه ملي ۾ هو ڪلي ۾ ويڙهيل ۽ ڏهن ۾ بند ٽيل، انهن تحفن تان اها چمڪ ضرور هٽائڻ ۾ ڪامياب ويندو. جيڪا وقت جي ٽيڪيدارن ٽيڪي ۾ ڪٽي پنهنجا معيار مقرر ڪري چڏيا آهن.

محمد علي جي ڪهاڻين ۾ ماحول، زمان، مڪان، زميني حقيقتون ايتريون ته بيان ٽيل آهن جو اهي اڳتي هلي ريفرنس طور ڪم اچي سگهن ٿيون. موضوع ايترا بيان ٽيل آهن جو جيڪڏهن لکجن ته هڪ ڏگهي لسٽ تيار ٿي سگهي ٿي. اهڙي ڪهاڻيڪار کي اوهان ڪيئن نظر انداز ڪري سگهندئو جنهن جون پاڙون پنهجي مٽيءَ ۾ ڪتل هجن... جنهن پنهنجي ديس کي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو هجي. جيڪو پنهنجا پير پختا ڪيون ٻيٽو هجي. سندس ڪهاڻيون سنڌ ديس جون ڪهاڻيون آهن.

ابراهيم ڪرل
ڪائنات اسڪول،
سول اسپتال روڊ، خير پور.



کھاٹیون

محمد علي پٺاڻ سنڌ جو مخلص ادبي پورهيت آهي. جنهن هميشه ڏک، سک، انتظار، اوسيئڑ، ڏکار سکار، رشتن، ناتن، ريتن ۽ رسمن تي ايمانداريءَ سان قلم کنيو آهي ۽ خوب نپايو آهي.

اها محمد علي پٺاڻ جي ئي خوبي آهي ته جنهن به موضوع تي قلم کنيو اٿائين، ته خوب لکيو اٿائين. هن جي لکڻين جي هڪ خوبي هي به آهي ته هولي تمام سادي ۽ سلوٽي ۽ ڪردارن جي چونڊ به اهڙي، جيڪي اسان پنهنجي چوطرف روز ڏسون ٿا. انهن کي قلم جي جنبش ڏيئي هن حياتي بخشي آهي.

مشتاق کلوڑ

ڏسئون ڪيرُ ٿو ٻڌين...!

ہن شڪاري ڪتن جا رسا جبوءَ ۾ اسلوءَ جي هٿن ۾ پکڙيل هئا ۽ جيئن ڪتن کان ڳڳون پئي وهيون، ايئن هنن جي واڇون ۾ ڳڦ الوڊ هُيون. هو تيزيءَ سان ڊوڙندا، ڳوٺ نِما ننڍڙي شهر جي ننڍڙي بازار ۾ اهڙي ڏِڪ ڏيندي ظاهر ٿيا، جڙ ڪنهن بچڙي بلا جي ڪَيڏ هجن ۽ ان کي شڪار ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري آيا هجن.

بازار جي اڌ تائين پهتا، تہ موجود ماڻهن جي اکين ۾ عجيب قسم جي حيرانگي ڪاهي آئي ۽ انهن ڏانو تہ تکڙ ۾ رسا کولڻ ۾ ضروري نہ سمجهي انهن ڪتن کي رسن سوڌو هٿن مان ڪيندي اڳيان ويندڙ ايڏوت ڳوناٽي عورت ۽ ان سان گڏ ننڍڙي پنجن ڇهن سالن جي عمر جي ٻارڙيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو "اُدِش...وٺون..."

عورت اوچتو ڪنڌ ڦيرائي اهو منظر ڏسي ورتو. تڏهن بنا سوچڻ جي ٻارڙيءَ کي هٿ کان پکڙي پيرن تي زور ڏئي اڳيان ڇڄڻ لڳي ۽ گڏوگڏ دانهون ڪندي "بچايو...بچايو..." ۾ چوندي وئي.

ڪتن چند قدمن تي عورت ۽ ٻارڙيءَ کي گهيري ورتو. رومڙ ڪ ي، ڏُونُ هٽي ٻنهي کي ڪيرائي وڌائون.

"اڑي، چڏايو...چڏايو هنن کي..." ڪپڙي جي دڪاندار حاجي نيکڻ جبوءَ ۽ اسلوءَ ڏي ڪاوڙ ۾ ڏسندي چيو.

"پکڑيو ٻنهي کي...نہ چڏيون...عورتن ۽ نياڻين تي ٻَڇُون ٿا ڪَن...! پوليس کي سڏيو... ٻڌرايون..."

"هٽ نہ لايو اسانکي...پري ٿيو...متان ويجها آيا آهيو...پوتار نصير خان جا هاري آهيون...جند نہ چڏائي سگهندئو...ڳيا ڳيا ٿي ويندئو..."

هنن ڏانهن وڌندڙ ڪجهہ واٿڙو ۽ دڪاندار اهو ٻڌي ڊرا ٿي بيهي رهيا...

عورت ۾ ہارڙيءَ جي اپ ڦاڙ رڙين ۾ ڪتن جا ڏند انڊن وانگي ماس ۾ پيوست ٿيا. پوءِ نڪتا. وري ٻئي هنڌ پيا.

ٻہ چار ڇڪَ هٽي ورتائون، تہ جبوءَ ۾ اسلوءَ وڏي وڃي رسن ۾ هٿ وڌا ۾ ڇڪي ڪتن کي اتان گهلي وڃڻ وارا ٿيا، تہ نيڪڙ همٿ ڪري پڇين، "هٿن جو قصور ڪهڙو هو جو..."

"صبح جو سوير اسانجي ٻنيءَ مان اک بچائي گاهُ ڪري وئي آ..." اسلوءَ وراڻيو "هي تہ چڱو ٿيو جو اسانجي ننڍڙي صغير ڏسي ورتس....تڏهن هيءَ بَچِّ ٿيس...مليس سيکت..."

عورت ۾ رتو رت ٿيل ہارڙي روئندي رانيات ڪندي اٽڪ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. ان وچ ۾ عورت اسلوءَ جا الزامي جملا ٻڌا، تہ ساڳئي روچ سان سڏڪن گاڏر لهجي ۾ چوڻ لڳي، "مان نہ پائو منهنجي ننڍڙي پنهنجي ورتل ويسي مان لوسڻ لٽڻ وئي هئي...ٿي سگهي ٿو ان کا ہاراڻي ڪئي هجي. مونکي جيڏو به قسم ڏيو مون ان کان چوري ناهي ڪرائي..."

جبوءَ اتي ئي تارا ڦوتاري وراڻيو "اجايو ڪوڙو واٽ، رَنَ زال آ، ڏَڻ ہارن جو ٿُس...هُون...نہ ٿي پڇي سگهي تہ مالُ چوٽي ڏاري؟ ونڊَ جون مانيون وٺي نہ سڃي ڳوٺ مان... ڪٽائي نہ سيني ہارن کي ٽالَ مٿي تي...هيئن کير ڪپائي، ڏونگ سان چوريون ڪري، پيٽ پري وري نہ اک بچائي اسانجو ايئن گاهُ چوري ڪندي، تہ هاٿي وانگر اسان ہ چار ڇڪڙا هٽائي، ڪتا کاهي هيئن ٽورئي ويندا سون، سيني ہارن سميت هِنَ رَنَ جون پاسريون ہ رڙڪائي، خُونَ ڪنداسون...خُونُ..."

"ها، پوتار جو ہ اهوئي حڪم آ...جيڪو ڪري، گهٽِ نہ ڪيوس..." اسلوءَ ڪاوڙ ۾ ڏند ڪرتي ورتا.

"پر ادا، هي ايڏو وڏو ڏوهُ تہ ڪونہ هو ہارڙيءَ جي غلطيءَ جي ايڏي سزا، جو ويچاري زائفان ۾ معصومڙيءَ تي پري بازار ۾ بَچِّ..."

"ها، بَچِّ بَچِّ، ڪنداسُون... ڪنداسُون...جاتي ڪاهٽي ٿَن، وڃي ڪاهِن..." اسلوءَ جي واڃن مان وري گڏ نڪري آئي، جڻ تہ وڻلندي چوڻ لڳي "ڏاڻائن پوليس کي يا ڪنهن کي ہ، مٿي ۾ هيٺ هونئن ئي پوتار جا يار هِن، ڏسئون تہ ہيو ڪيرُ ٿو ٻُڌين...!!"

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

بابي جونالو...

"ادي، چو اڄ ائين متو ٻڌيو ويئي آهين. سيبي جو ڪر ٻه ڪونه ٿي ڪرين. طبيعت ۾ بهتري ڪونهئي چا؟" پنهنجي ٻن هارڙن جا ڪپڙا سبرائڻ لاءِ آيل پاڙيسرياڻي زينب اچڻ سان شانل کان پڇيو.

"ها ادي، متي مڙدايو سور آ. رات بخار ٻه هيو. لڳي ٿو هاڻي ٻه آهي."

"ڪا ٽڪي ڏڪي ڪاڏي ٿئي؟"

"نه ڪو. اڇي مڙسالو ته استور تي موڪليانس ته بخار ۾ متي جي سور جون ٽڪيون وڌي اڇي. پر سج لٽي کان اڳ ۾ اهو ڪو نه ايندو جو بريانيءَ جو ديڳڙو ڪپندس ئي ڪونه..."

"ڪنهن وڏي هار کي موڪلي، ميڊيڪل استور اڃا پري آ، گلو ڪرياني واري وٽان ئي گهرائي وٺ نه. اهو ٻه رکندو ٿئي."

"آڙي ادي، ڪهڙا ٿي سورن جا حال پڇين. صبح مڙسالوءَ هارن کي خرچي نه ڏني، جو ڪلهه جمعو هو. بريائي نه ڪڍي هئائين. تنهن ڪري مونوٽ جيڪو باقي بچيل پنجاهه رپيو هيو سو ڏهن ئي هارن کي پنج پنج رپيا ڪري ڏئي چڏيم. هاٿي هڙ ۾ تون پيڙ ويئي آن، ته جائي ٻه پائي ٻه ڪونهي، جو..."

"واهه ادي واهه، واهه جي تنهنجي زندگي آ. ڏهن هارن جو اولاد. غربت. مان سمجهي سگهان ٿي ته توهان جو گذارو ڪيڏو نه مشڪل سان ٿيندو هوندو ۽ هاٿي ته ويتر مهانگائي آسمان سان ڀالهيون ٿي ڪري. جي گهٽ هار ڇڏيو ها، ته هيئن هيڏي تڪليف ۾ نه هجو ها پيڙ، ٻئي زال مڙس ڪيڏي هلاکي تا ڪيو. مڙسهن کي برياني ته توکي سيبي جو ڪم، ٻه رپيا اچن ٻه ٽا، پوءِ ٻه قصو پوئتي آ. اسان وانگر ٻه هار ڇڏيو ها، ته ڏکيءَ ۾ ٻه ايڏا ڏک نه ملنو ها..."

"بس ادي، جيڪو مقدر ۾. رات ته اڃا مڙسالوءَ ڇيو پئي ته، بس رڳو باقي هڪڙو پٽڙو ڇڏي ته بابي جونالو رکانس!..."

سي سي ڪئميرائون...!

"ٻڌائي؟"

"ڇا؟"

"لاش ٽا ڪپائني!"

"لاش ٽا ڪپائن، ڪنهنجا؟!"

"تو اسانجا، اسانجي بابن ڏاڏن جا!"

"ڪل ته نه ٽڙي ٽئي؟"

"اخبار ۾ لکجي آيو آ. تون نه پڙهندو آن نه، ته ان ۾ ڏوهُ تنهنجو آ. پورن ٻن لکن ۾ ٿو لاش وڃي."

"مون يار، ڳالهه تنهنجي پوريءَ طرح نه سمجهي، سئولي ڪري ٻڌاءِ نه."

"سهٽا سائين، مقامن ۾ مڙدا دفنائي مالڪ موٽن ٽا نه، ته ڪي منظم ٽولا اهي قبرن مان ڪڍي، ڪلهو ڏئي وڃي ٻن ٻن لکن ۾ وڪرو ڪري ٽا ڇڏين."

"وڪرو ٽا ڪن، مڙدا!؟ ڪير ٿو وٺين؟"

"ليبارٽرين وارا. يعني ميڊيڪل ليبارٽرن وارا. جيڪي انهن تي تجربا ڪن ٽا ۽ جن کي لاش نه ٽا ملن ته اهي مصنوعي ماٿو مهانگي قيمت تي وٺڻ تي مجبور ٿين ٽا. هي ته انهن گروهن هنن کي هڪ سستو ۽ سئو رستو ڪولي ڏنو آ، جو ٻن لکن جي معمولي رقم ۾ ڪين سچو پچو لاش ملي وڃي ٿو."

"منهنجا ته تو وڻ ئي وڃائي ڇڏيا. ته ڇئبو مقامن ۾ هاڻي ميت محفوظ ناهن نه."

"ازي يار، هتي جيئرا ئي محفوظ ڪونهن بابا، مئن جو ته مامرو ئي ٻيو آ."

"پوءِ مرڻ کانپوءِ اسان سان ٻه...؟"

"اهوئي ٿيندو، جيڪو ٻين مَيتن سان ٿيڻ جي روايت پئي آ. يعني قبر مان ڪڍي، ٻن لکن ۾. چَهُو تِيتُر گُندي ۾..."

"ڳالهه ان حد تائين پڳي آ ته ضروري آ ته، اسانکي مقامن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ حڪومت کي نند مان جاڳائڻ گهرجي ۽ کا اهڙي تحريڪ هلائڻ گهرجي، جيئن ڪوبه مَيت قبر مان ڪڍي ورکو ٿيڻ ممڪن نه ٿي سگهي."

"حڪومت سجاڳ آ سائين، نند ۾ اسان آهيون. خبر نڏه ن ٿي پئي، جڏهن ڪو مري ٿو ته مقامن ۾ وڃي ڏسجي ٿو ته قبضا ئي قبضا. قبر ڪونه. پوءِ ڏوڪڙ ڏئي جڳاڙ سڳاڙ ڪري قبر حاصل ٿي ڪجي ته نه رڳو ان مَيت ڪڍي ليبارٽرين ۾ عاملن وٽ ائين پگڙن مُٺ تي ڪپايا وڃن ٿا، پر قبر به تين وال ڪئي وڃي ٿي."

"هي ته وڏو آزار ٿي ويو. ماٺهو ان حالت ۾ پنهنجي پرين پيارن جا لاش نيٺ هاٿي ڪٽي دفنائن، جو انهن جي ورکي جو خدشو نه رهي ۽ قبر به، ڪنهن به طرح هيٺ مٿي نه ٿئي. چا اهي اڄ کانپوءِ پنهنجي ئي گهر اڳڻ ۾ مَيتن لاءِ هڪ خاص جاءِ مختص ڪرڻ تي عمل پيرا ٿين؟"

"ڪير به گهر جي اڳڻ ۾ مَيت ڪونه دفنائيندو ائين نه ٿي سگهندو ادا، نه ٿي سگهندو. بهتر اهو ئي آ ته ماٺهن ۾ اها سجاڳي پيدا ڪئي وڃي ته مرڻ کانپوءِ هو پنهنجا عضوا عطيو ڪرڻ جو حياتيءَ ۾ ئي باضابطه اعلان ڪري وڃن، جيئن ٻين کيترن اڳهن ۽ لاچار ٿي، موت جي پڪَ پهتلن جي حياتي بچڻ انهن جي عضون جي صدقي ممڪن ٻڌجي. يا وري سنئون سڌو سڌي جو سڃو وجود ڪنهن ليبارٽريءَ کي تجربن لاءِ سپرد ڪري ڇڏجي. ان سان مَيت ورکو ڪندڙ جو وچ وارو ڪردار به ناڪارا ٿي ويندو ته مقام ۽ مَيت به امن امانَ ۾ رهندا. باقي مقامن ۾ حڪومت پاڻ کي سي سي ٿي وي ڪيميرائون ته ڪونه هٽائي ڏيندي نه، جن جي مدد سان مڙدا ورکو ڪندڙ گروهن جي ان سفاڪيءَ کي ٻنجواچڻ ممڪن ٻڌبو...!!"

آنيارا پَلا...

سرہاڻ ۾، "هو سامهون مٿي تي انگوڇو ہڏل ڪراڙو ڏسين ٿو؟..."

"ها..."

"تاجل جو سهرو ٿئي رہن..."

"اڇا!، تہ اهو آ، جنهن تاجل کان سگ جا ہ لک رپيا ورتا هئا..."

"هاها..."

"يار، تاجل کي مٿي ايڏا ہ ڏينهن مس ٿيا آهن. ڪيڏو مٽياادار مڙس هو. الهه راسين کي ہ هن جي ڪاري ڪامڙ ۾ ٿيل موت تي ڏک آ. پر هن شخص کي تہ مُنهن ۾ ڏک جي ڪا لڪير ئي ڪونهي. ہئي ماڻهوءَ سان ڏس تہ ڪيئن نہ ڪِلندو ٿهڪ ڏيندو ٿو وڃي. ڪو بي درد آ الائي ڇا. آخر ہ نياڻو هيس..."

"بابا، ماڻهو ڏاڍا ڪُور تا ٿين. هي تہ آهي ئي ٻِڪَرُ. مان سڃاڻانس. هن آخري ڏيءُ کان اڳ ڇهہ ڏيئر ٻيون ہ ائين ئي ٽڪا وٺي کپايائين. هونئن ريڑهي تي فروٽ رکي کپائيندو آ. پر چون تا تہ جڏهن ہ ڪا ڏيءُ کپائيندو هو تہ تيستائين ويهي روزانو ہ ہ آنيارا پَلا کائيندو هو، جيستائين ڏوکڙ پورا نہ ٿينس..."

"تون ہ بادشاهہ آن، اڙي اهڙي عياشي مزوريءَ مان تہ ڪونہ ٻئي ڪري سگهيو نہ..."

"ڪل نہ يار، اسان ڏي ڏسي شڪجي پيو..."

"شڪجي پيو تہ ، پلي پيو شڪجي. اسان کو ڪَڙي تي تہ ڪونہ وينا هيونس نہ..."

"ڇڏينس ادا، وڃڻ ڏئيس پنهنجي دڳ سان..."

تاجل جي زال ۽ رين جي ڏيءُ شمل جي عدت جا ڏينهن پورا ٿيا ۽ سوءَ لڻي ته رين ساڻئي ڏينهن جي شام جو ڪار ڪرايي تي ڪرائي اچي سهڙيو.

"شمل، اٺ بابا، مان ڪار ڪرائي آيو آهيان. هلئون..."

"ڪاڏي ادا؟"

"مان شمل جو سڳ ڏئي ڇڏيو آ. سياڻي شادي ٿيس..."

"اڑي ادا، هونش ڪر. شمل ہن ہارن جي ماءُ آ. ہيو منهنجي گهر ۾ بہ واهر آهي. جاڻي پيو جي خاڪل عمر ۾ ٽي سال ننڍو ٿيس. ہارن بہ چاچي جي هٿن ۾ هوندا ته ڪو يتيميءَ جو طعنو نہ ڏينڊن. ڏگهي نظر ڪر..."

"ته ڏينديءَ چار لک، جو ڇڏيون وڃانس. مان بيانو وٺي ڇڏيو آ مائي، ڪار بہ انهن ئي ڪرائي ڏني آ..."

سج جا آخري پاڇا هئا. شمل تاجل ماءُ جي پارن ۾ اوسارن ۾ نپوڙجي، پوءِ پيءُ اڳيان بيوس ٿي، روئندي ڦٽڪندي بہ پيٽ ڇٽيا ۾ تاجل جو گهر ڇڏيو...

ٻاهر گهٽيءَ ۾ بيٺل ڪار ۾ ويٺي، ته پريان ننڍڙو ميڙاڪو ڪري بيٺل ماڻهن مان هڪ هوريان رين ڏانهن اشارو ڪندي چيو "تاجل ماءُ ۾ ہن معصومن لاءِ ڪهرام ڪري، ويچاري ڏيءُ کي ہيو دفعو ڪپائي وري وڃي اها ساڻي ئي عياشي ڪندو ۾ بہ ٻلا آنيارا ڪائي، تيستائين ريڑهو ڪڊي فوت نہ ڪبائيندو جيستائين ڏوکڙ پورا نہ ڪندي...!"

آڏو ٽڪر ٽر...

"ڪجھ ڏينھن کان ملول ملول ٿو ڏسجين ڪاڪا ھادن، ڪائي بيمارين موت جا پَرُون ته ڪونہ ڏيکاريا ٿئي؟"

"ڳالھ اھڙي ئي آ ادا، واھ جي پڪڙي ٿئي. پر ھي ساھہ ڪسڻ وارا نہ، پيٽ ڪٽڻ وارا پَرُون آھن. جيڪي ماري ماري ماٺھوءَ کي اڌ مُئو ڪيون گھليون ته پيا ھلندا آھن، پر موت جي ھٿن ۾ ڪڏھن بہ ناھن ڏيندا."

"الائي ته ڪھڙي ڳجھارت ۾ ٿو ڳالھائين ڪاڪا، سمجھہ ۾نہ آيو."

"اڑي، ڳجھارت ڪونھي بابا، ڪونھي. ھيءَ سِڌي سنئين آ. رڳو سمجھڻ جو ڏيرُ آ."

"ڪيئن؟"

"سئولو آ. ويچار ڪر، ته جن گذريل اليڪشن ۾ واعدا ڪري اسانکان ووٽ ته ورتا. پر پنھنجي سڄي اقتداري دور ۾ نہ روڊ ڏنائون، نہ علاج جي سھوليت، نہ روزگار نہ تعليم. لُٽي ڦري، پيٺ ڪري رڳو پنھنجا گھر پريائون. افسوس آ ته اسان ھاڻوڪي اليڪشن جي ميدان ۾ بہ ساڳيا ئي چھرا پيا ڏسون. جيڪي پراڻن وعدن کي مَکُ ڏئي نئون ڪري در در تي ووٽ ڏيو...ووٽ ڏيو... جي صدائن سان نڪري پيا آھن. اسان جاڻون ٿا، خبر آ، ته ھُو نہ سڃڻ کي آسرو نہ دشمن کي پَٺئُ جي مثال آھن. پر ھنن جي سامھون جيئن ته ڪا مدل ڪلاسي، علم ۽ شعور واري پارٽي اڄ بہ ڪانھي، انڪري ھيلَ بہ اھي ئي ڪٽندا بابا، مونکي اھا ڳڻتي آ."

"ڳڻتي نہ ڪر ڪاڪا، اھي ھيل نہ ڪٽندا. عوام سمجھي ويو ٿن. ڪيتريون بہ مرليون وڄائيندا، اھو دوکي ۾ نہ ايندن، اصلي نہ

ايندن."

"پليل آن ٻچا، پليل آن، عوام ۾ پلي شعور اچي ٻه ويو هجي، پر سامهون صورتون ٻه ته هجن نه. بي خوف. بيداغ. سچ چوڻ ۾ سچيءَ دل سان خدمت ڪرڻ، سيني کي پاڻ چڻي پاڪر پائڻ واريون. عدل ۽ انصاف جون پاسدار. ڪونهن. انڪري ساڳيا لاتون ۽ ساڳيا ڇُڪهه هوندا."

"ايڏو مايوسيءَ ڏي نه وڃ ڪاڪا، يقين ڪر، هن اليڪشن ۾ مانگر مڇن کي اڳ وانگر درياهُ بي الڪومُٽِ ۾ ڪونه ملندو. ان پاڻيءَ جاڏينهن پُڄڻ وارا آهن. ڪابه آڇ نه رهندي. رڳو ملاحن جو مهميزان هوندیون. جيڪي تون ٻه ڏسندين، ته مان ٻه ڏسندس."

"ڪيئن؟، ڪير انهن کان درياهُ کسيندو؟، مهميزان ڏينندو؟! ديوانن جي خوابن جهڙيون ڳالهيون ڇوٽو ڪرين. ابن ڏاڏن کان هتي اهيئي آهن. اهي ئي رهندا. نانيِ پئي رڌيندي ۽ ڏوهتا پيا ڪاءَ ڪاوان ڪندا."

"ڪاڪا، تون اخبار نه پڙهندو آن نه، تڏهن توکي ڪا خبر ئي ڪونهي، ته مڙس ڪڏهوکو ميدان ۾ لهي چڪا آهن، جيڪي تبديليءَ جا وڏا گهنڊ وڄائي، هر وستي ۽ واهڙ ۾ مَتِ جي مُوڙهن ۽ ويساهه وسوڙيلن کي سمجهائي چڪي رهيا آهن، ته هوشُ سنياليو. آزمايل رت پياکن کي وري نه آزمايو."

"اڙي ادا، مونکي ان جي خبر آ. اخبار پلي نه پڙهندو هجان، پر تي وي ڏسندو آهيان. انهي جنهن خان جي تون ڳالهه پيو ڪرين نه، اهو نعرو ته تبديليءَ جو هٽي ٽي، پر منڊ ڪانوڻي ڏسين نٽي ته ڪم ۽ پرڪار سئو فيصد ساڳيا ئي ٽس. ماٺهو ٻه پاڙ سان اهي ئي پيو ڪڻي يا ڪنيا ٽڻين، جن جا پير سدائين ڊُسڙِ ۾. يعني پيٽ ۾ هنود ڪاسائيءَ جي ڪڏَ ۽ ارادا عوام جي نڙيءَ تي نَنهن ڏيڻ جا!"

"ڪاڪا، پليو آهين. مان ان نام نهاد تبديليءَ واري خان جي ڳالهه ڪونه پيو ڪريان. مان ته انهن جي ڳالهه ٽوڪريان، جيڪي نعرو ئي پوتارن کان نجات جو ٽا هٽن ۽ چون پيا ته اليڪشن جي

ڏينهن پوتارن کان ووٽ جي پرچي کسي، عوام کي انهن جي صدين جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائيندا سين. انهن جي آجيان ديس جي چپي چپي تي ستايل ماڻهو طوفان بڻجي ڪري رهيا آهن، ته جهوڪ تان شاهه عنايت به پيو ڪري. جڏهن ته تنبوري تي هٿ هٽي پٽائي سرڪار به سندن حمايت ۾ هڪل ڪري چوي پيو ته، آڏو ٽڪر ٽُر، متان روهڙ رتيون ٽئين..."

"هيءَ ته صفا نئين ڳالهه ٻڌايئي. ته، اڄ ڪانوٽي پاڻ به پوتارن کان نجات جو نعرو هٽون ٿا، ته اليڪشن جي ڏينهن تائين جڳ جهانَ کان به اهوئي نعرو هٽائي ميدان سجائڻ جي مهم شروع ٿا ڪريون."

"واهه ڪاڪا واهه، جي تو وانگر ائين سڀ ڏيهه واسي جاڳي پوندا، ته يقينن پوءِ سڄي ڏيهَ جا ڏاتا ضرور اپا ٽيندا ۽ لکين عيد جا چنڊ اپري هن ڌرتيءَ تان پوتارڪي اوندهه کي ضرور تڙي ڪيندا...ضرور..."

پنيور کي باهر...!

سرڪاري اسپتال ۾ اوچتو وڏو گوڙ ٿي ويو. ڊاڪٽرن، ڊسپينسرن ۽ ڪلارڪن سميت سمورو عملو ڪم ڇڏي باهر ڪاريڊور ۾ گڏ ٿي ويو. "بائيڪاٽ...بائيڪاٽ..." جا آواز مريضن ۽ انهن سان گڏ آيلن جي ڪنن تائين پهچي ويا.

"جنهن جو وڏوهه آ، ان کي سزا ڏيو. اسان ته ڪجهه ناهي چيو نه، جو اسانکي علاج کانسواءِ ٻا موڪليو..." هڪ ڪراڙي عورت دانهن ڪئي.

"ابا، مان هيڏي دس پنڌ تان وڏي مشڪل سان پاڻ کڻائي هِتِ پهتو آهيان. ساهُ ساهَ ۾ نٿو ماپي. ٻيلي، خدا جي واسطي مونکي ڏسو نه ته مان مري ويندس. نه بچندس. او..."

"اڑي، هي منهنجو ٻچو راتان ڪون کنگهه ۾ ٻُڌيو ٻُڌيو ٿو وڃي. هن کي ڏسو، پنهنجي ٻچن جي صدقي. ڊاڪٽر صاحب..."

گوڙ ۾ ڪنهن ٻه دانهون ڪندڙ ماڻهن ڏانهن توجه نه ڏنو...

رش ۾ اوڏي مهل اضافو ٿي ويو جڏهن ٿي سپاهي، هڪ جمعدار ۽ اي ايس آءِ اسپتال جي مک گيٽ کان اندر هليا آيا ۽ ايم ايس ۽ پنهنجي آفيس مان نڪري ڊاڪٽرن جي وچ ۾ اچي بيٺو.

"کهڙو آ...ڪير آ..." جمعدار هڪ ڊاڪٽر سان مخاطب ٿيندي پڇيو.

"اندر آفيس ۾ بند ڪيو اٿئونس."

پوليس عملو آفيس ۾ ڪاهي ڏيو. ڪجهه منٽن ۾ هڪ مٽي ٿي گاڙهو رومال ڦهريل نوجوان کي گرفتار ڪري باهر وٺي آيا.

"ڪنهن سان بدتميزي ڪئي ٿئين، ٻڌايو..."

"مونسان وڙهيو آ..."

"مان وڃهيو آهيان!؟، کوڙ نه ڳالهاءِ ڊاڪٽر، مان ته..."

"بکواس بند ڪر. هَلُ سڏو ٿي:..." ڊاڪٽر بجاءِ هڪ سپاهيءَ ڳالهايو ۽ ڏکو ڏيندي کيائيءَ واري چمڙ ۾ وهائي ڪيائينس.

"اول منهنجي ڳالهه ٻڌو، جي مون کي ڏوهه ڪيو آ ته بلاشڪ ٻڌو. پر جي..."

"چپ نٿو ڪرين..." جمعدار مٿي وارو چنبو هنيس ته ٻڌل ڳاڙهو رومال لهي ڪلهي تي اچي پيس.

"نه وڃهو مونسان. مون کابه بدتميزي نه ڪئي آ. مونکي ڊاڪٽر ٻاهر استور جون دوائون لکي ڏنيون، ته مون رڳو ايترو چيو ته، سرڪار جو اوهان کي هيڏي ساري بجيٽ ٿي ڏئي، ته ٿڪي جي ٽِڪي به ٻاهر ٿا لکي ڏيو. ڪوئي اينٽي ڪرپشن وارو اوهان کان ڪو نه پڇي، ته ٻڌايو اها ڪنهن ڪنئي ۽ ڪنهن جي پيٽ ۾ وئي؟ بس مون رڳو ايترو ئي چيو ته ڊاڪٽر بد تميزي نه ڪر، چئي اٽيو ۽ رڙيون ڪري، پنهنجي عملي کان بيگناهه مونکي ٻڌائي هيئن پنيور کي باهه ڏني ٽئين...!!"

وات ۾ ڊپ...!

"ڀَڄُ چريا، مست ٿا اچني..."

"ڪهڙا مست، ڳجهارت نہ ڏي، سڌي ٻڌاءِ تہ ٻوڏ ٿي اچي، زلزلو ٿو اچي يا مهانگائيءَ جو هاٿي ڪان ٻہ وڏو طوفان..."

"نہ ٻوڏ، نہ زلزلو نہ مهانگائيءَ جو طوفان. قانون، قانون. اهڙو جيڪو تو ۾ تو جهڙن کي ڦٽڪائي ڦاسائڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي..."

"ڪهڙو قانون؟، مان ڪو ڏوهاري آهيان چا..."

"افسوس اهوئي تہ آهي، تہ توکي پنهنجي ڏوهہ جي خبر ناهي. جڏهن تہ..."

"جڏهن تہ مان ڏوهاري آهيان. ائين نہ. ائين ٿو چوين نہ. ڇگو ٻڌاءِ پلا، تہ ڪيتريون وارداتون ۾ ڪهڙا ڏوهہ ڪيا ٿم؟ هروپرو ڳالهہ مان ڳالهوڙو نہ ڪر. اڙي، مان فقير ماڻهو سجو ڏينهن ڪشتو هٽ ۾. هٽ ٽنگي پيا ليلايون..."

"اهوئي تہ ڏوهہ آ..."

"يعني؟"

"ڳالهہ کي سمجه. نہ رڳو پاڻ، پر پاڻ جهڙن هين کي ٻہ ڄمي سمجهاءِ..."

"تہ؟..."

"تہ پنڌ واري ان پيشي کان پٽا ڏئي پڄي وڃن. نہ تہ هي جيڪو قانون حرڪت ۾ اچي پيو اهو توهان سيني پيشيور فقيرن لاءِ پُڙي ثابت ٿيندو."

"ڪيئن؟، ڳالهہ کي وڪڙ ڏئي ڊيڄارڻ بجاءِ ٽڏائپ ۾ پيار سان ٻڌاءِ نہ."

"منهنجا ياءِ، مان توکي ڊيڄاريان نٿو. سڌي ڳالهہ ٿو ٻڌايان،

بلڪل سڏي ٿو، سرڪار سڄي ملڪ ۾ پنڊ واري پيشي کي مڪمل طور بند ڪرائيندي ۽ جيڪو به ان قانون کي ٽپي ڏيندو يا خلاف ورزي ڪندو، اهو پڪڙيو ويندو ۽ ٽي سال جيل جي سزا پوڳيندو..."

"اها ٿو نا انصافي آ..."

"نا انصافي ناهي پيارا، مهذب ملڪن ۾ ان سان اسانجي ملڪ جي عزت ۽ وقار مجروح ٿئي ٿو..."

"معني ٿو لٽي پٽي هاريءَ تي. ڏاڙن، ڦرين ۽ قتل جا ڏوهاري ٻڌي ٽڪا ڏين، جو هاٿي مارو اسان تي آ..."

"اجايو بحث چو ٿو ڪرين. ڏڳهي نظر ڪر. اڄ ڪان ئي پاڻ کي ۽ پنهنجي زال کي برقعو پارائي پنائڻ بند ڪر ۽ نڊين هارن کان به هٽ نه ٽنگاءِ. نه ته تون ۽ تنهنجي زال ته ڪائيندئو جيل جي هوا، باقي رهيا اهي معصوم، ته انهن کي به پنڊ جي ڏوهه ۾ سرڪار ٻڌي همميشه لاءِ ڪٽي وڃي چلڀرين ويلفيئر سينٽر ۾ رهائيندي. جتي کين تعليم جي فراهميءَ سان گڏ سماجي تحفظ به فراهم ڪيو ويندو..."

"ماڻ هي ته وڏو ڏڇي ٽيندو. ته يوءِ اسان هي جو ڏنڊو ڇڏي ڏيون، ته گذر سفر ڪيئن ٽيندو پائو؟!"

"ٽيندو. جنهن لاءِ ڪنهن عزت جي پورهيي جو سوچ. ڏنڊو ڏوٽو آن. ٻيو زال کان به گهر ۾ ڪو ٽوپي ٽڪي جوئي ڪم ڪراءِ ۽ پارٽن کي به اسڪول ۾ داخل ڪرائي انهن جو آئيندو بچاءِ. نه ته، تو ۽ تو جهڙن ڪيترن سڳهن سان گڏ معذور فقيرن جو به بچاءِ هاٿي مشڪل ٿئي. ڪوئي نه بچندو سچ ٿو چوان، سيئي سرڙيا، سيئي..."

"اسان ته خير پنجن ڏهن رپين پنڊ وارا سرڙياسين. باقي هي جيڪي وڏيون رقمون پنڊ وارا سرڪاري ماڻهو آهن، انهن لاءِ به ڪو قانون ڪونه ٺهندو يا..."

"اڙي، بس ڪر. شينهن کي به چٻبو آ چا ته، تنهنجي وات ۾ ڏڀ آ...!!

پنهنجو گهر...

"مان سهيلي آهيان، صحيح ٿي چوان. هروپرو پنهنجو گهر خراب نه ڪر. ٺيڪ آ، پائرن توکي ڏي وٺ ۾ پرٽايو. پر پنهنجي هنيانو تي هٿ رکي سوچ، تنهنجو پاڻ موالي آ. هر قسم جو نشو ٿو ڪري. جنهن جي تنهنجي ساهرن کي چگيءَ طرح خبر آ. ته، اهڙي شخص کي، جيڪو سڃو ڏينهن ڪو ڪم ڪرڻ بنا مکاڻن ۾ پيو آ، هو پنهنجي پڙهيل لکيل ڏيءُ جو سگ آخر ڪيئن ۽ ڪهڙي حساب ۾ ڏين. ڪو ڏسي وائسي ته اهڙي دوزخ ۾ پنهنجو ٻچو ڪونه ڏيندو نه."

"چونه ڏيندا. پاڻ ۾ موالي هجڻ جو عيب آ، ته اها اچي سڌارڻ جي ڪوشش ڪريس نه. باقي اهو ڪاٿئون جو انصاف آ، ته سگ ئي نه ڏين. ڏي وٺ ۾ ائين ٿيندو آ چا..."

"برابر نه ٿيندو آ. پر جنهن پنهنجي پڙهائي ۽ ڪيريئر وڃائي رڳو ئي پاڻ کي نشي جي حوالي ڪيو ته ان کي ڪنهن پڙهيل ۽ معصوم چوڪريءَ سان ڏي وٺ جي ڪري زوريءَ پرٽائڻ مناسب آهي؟ ڪجهه سوچ ۽ اهو به ويچار ڪر ته جيڪڏهن اها چوڪري اهڙي صورت ۾ وڃي ڪورٽ تي چڙهي، ته چا ڪورٽ ان کي ان سان پرٽجڻ جي حق ۾ فيصلو ڏيندي؟"

"نه ڏيندي. پر مان به ته مجبور آهيان نه. جنهن پاڻ جي عيوضي ۾ پرٽائي ويس، جي ان کي عيوضو نه ملندو ته مان کهڙي مُنهن سان وڃي مڙس جو گهر وسايان. ماٺهو ڪو چگو چوندا..."

"جاهل ماٺهو ان کي چگو نه چوندا، پر پڙهيل لکيل ۽ روشن خيال ته ڪنهن به صورت ۾ غلط نه چوندا. ٻيو ته اهي سگ عيوض ڏوکڙ ڏيڻ لاءِ به تيار آهن، ته پوءِ ساڃيو ئي سگ وٺڻ لاءِ تنهنجا پائر بضد ڇو آهن. اهو ڪو چگو عمل آ چا؟"

"ادي، تون ته صفا ڪتابي ڳالهيون پئي ڪرين. جيڪي گهٽا پڙهڻ ڪري تنهنجو مٿو قري ويو آ. جڏهن ته راڄا رسم ۽ رائين نه ٿيندو آ."

"جنهن ڪوڙي انا واري راڄا رسم جو تون ذڪر ٿي ڪرين، او منهنجي پيٽ، اها ڪنهن ٻئي جو نه، تنهنجو ئي گهر برباد ڪندي ۽ ٻچا تنهنجا ئي رلي ويندا."

"پلي ادي، جي مقدر ۾ اهو لکيل آ، ته ڇا ٿي ڪري سگهان..."

"پنهنجي مقدر کي پاڻ تباهه نه ڪر. مڙس ۽ ساهرن جو توسان ڪيڏو پيار آ. ڪجهه اهو ۽ ڳڻ ۾ آڻ."

"ته ڇا هي جهلجي ويهڻ وارو زنجير توڙي برقعو پائي نڪري وڃان هتان؟ پنهنجن جي عزت تي اهو ٽڪو ڏيڻ مونکي سئو نٽو لڳي ادي، نه ئي مون ۾ ايتري همٿ آهي."

"عمر ۾ جو سفر ٽٽي مائي، ڪا هڪ ڏينهن جي ڳالهه ڪونهي. هي تنهنجا ٽيئي پائر گهريتڙا ناهن. نه ئي سڄي عمر جو بوجهه ڪٽندئي. اڳتي هلي پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ پاڻ ڪي ئي پورهيا ڪرڻا پوندئي. سمجهي ڇڏ."

"سڀ سمجهان ٿي. تنهنجي ان ڳالهه ۾ رتيءَ برابر به وڌاءُ ڪونهي پيٽ، پر مان ائين نه ٿي ڪري سگهان. جو ماڻهو منهنجي ان عمل کي چگو نه چوندا ۽ سدائين پئي ڦٽبس."

"ڪونه ڦٽبينءَ، همٿ ڪري پير ڇڏاءِ. نه ته هي جيڪو مڙس نياپا ڪري پنهنجي گهر هلڻ لاءِ زور پيو پرئي نه، جي اهو پُر ٿي مُنهن ڏيري يا مائٽن جي چوڻ تي مجبور ٿي ڪاٽي پرٽجي پيئي نه، ته به هليون ويندئي ته ڇهه پي. ڏاڍا هٽ هٽندينءَ."

ڪجهه دير خاموش رهڻ کانپوءِ هن سهيليءَ ڏانهن ڏسندي چيو "تون صحيح ٿي چوين."

۽ پوءِ پائرن جي غير موجودگيءَ ۾ اندرئين ڪوٺي مان برقعو پائي، تنهي پارڙن کي اڳ ۾ ڪندي ۽ گهر مان نڪرندي هن اعلان ڪيو "وڃان ٿي پنهنجي گهر..."

وٺُ وهندي ۽ کي...!

"نہ ادا، اوهانجي ڪمپني ۽ جون هي دوائون غير معياري آهن. مان لکي پنهنجي ساکَ خراب نہ ڪندس."

"ڈاڪٽر صاحب، اسانجي ڪمپني ۽ جي دوائن جو وڏيءَ ۾ ٿيرو گهٽو معيار آهي. جڏهن ته مارڪيٽ ۾ اهڙين اڻ ڳڻين ڪمپنين جون دوائون ۽ عام جام پيون هلن، جن جو پئسي جيترو ۽ ڪو معيار ڪونهي. پر اوهان جهڙا انهن تي مهربانيون ڪن پيا ۽ اهي ڏڙا ڏڙ مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿي رهيون آهن."

"ائين آهي. هر ڪنهن جو پنهنجو ظرف ۽ ضمير آهي. مان انهن کان پنهنجا هٿ سدائين بچائي رکيا آهن."

"سائين، معاف ڪجو، انهن مان ڪجهه ڪمپنين جون دوائون اوهان ۽ لکو پيا."

"اهو ٻهتان آ..."

"سائين، مون پاڻ اوهانجي ميڊيڪل اسٽور ۽ ۾ پاسي وارن جي سروي ڪئي آ..."

"يار، تون اجايو بحث ڇو ٿو ڪرين. مان چيو نہ، ته تنهنجي ڪمپني ۽ جون دوائون نہ لکندس، ته بس نہ. وڌيڪ ڳالهائڻ جو ڪهڙو ضرور آ."

"ناراض نہ ٿيو سائين، جيئن ٻين ڪمپنين جو اوهان سان وهنوار آ. مان ۽ ان اصول تحت نياءَ ڪندس. آزمائي ته ڏسو نہ. ٻيو ته اسانجي ڪمپني ۽ جون دوائون سئو فيصد نہ ته ڪجهه قدر ته معياري آهن ئي آهن. اوهانجي ساکَ ۽ برقرار رهندي ته اسان..."

"نہ نہ. ضرورت ئي ناهي. اوهان وڃي سگهو ٿا."

"ائين ڪيئن وڃان سائين، راضي ٿيو ته ڪمپني ۽ آڏو سرخرو

ٿي ته وڃان نه. نه ته ٻيا ميڊيڪل ريپ ته ڪلون ڪندا ئي، پر ڪمپنيءَ وارن آڏو به منهنجي ڪارڪردگي ڪا چگي نه ليکي ويندي."

"اها ته زور آوري چئبي..."

"زور آوري نه، عرض آ سائين، اگهائيندئو ته جيڪو حڪم يا فرمائش ڪندئو ڪمپنيءَ وارن کي چئي ان جو پورائو ضرور ڪيو ويندو."

"ٻڌاءِ ٻلا، چا ڏيندئو؟"

"سڀ دوائون لکندئو ته گهر جي فرنيچر، اي سي، ڪلينڪ جي آرائش جي سامان کان علاوه ڪنهن ٻاهرين ملڪ جو ٽوئر ڪرائڻ جو به بندوبست ڪرائي سگهجي ٿو."

"چگو ادا، جي اهڙي پڪ ڪرائين ٿو ته ڪيون ٿا شروعات..."

"لک مهربانيون سائين، مان پنهنجي مئنيجر سميت سياٽي اوهان سان وڃيڪ پڪ پڪاڻ ڪرڻ ايندس. اوڪي."

"اوڪي بابا."

ميڊيڪل ريپ ڊاڪٽر جي پرائيويٽ ڪلينڪ کان منهن تي ڪامياب ٿي مرڪ سجائي ٻاهر نڪتو ته ڊسپينسر اندر آيو.

"چا ٿيو سائين، لکوس ٿا دوائون؟"

"ها ادا، صفا چڱڙ تي چنبڙي پيو. ٻيو آفرون به ڪوڙ ڏنيون ٿئين. تڏهن مڙئي ها ڪئي مانس. هونئن به غير معياري دوائن سان سڄي سنڌ ۾ ملڪ پريو پيو آ، ڪير ٿو پڇي. انڪري وٺ وهنديءَ ڪي ۾ ڏُوهَ ڏئي چڙهي پئ ٻيڙيءَ تي، متان مهل نه گُسي وڃي...!"

عقل اوجاروءِ...

شادي هال ۾ ماڻهو پهچي رهيا هئا. گهوٽ ارباب علي ۽ بيوٽي پارلر تان سورهن سينگار ڪري ڏهه منٽ اڳ ۾ اچي چڪو هو ۽ هار پارائيندڙ ۽ مبارڪون ڏيندڙ ماڻهن سان ملي ۽ رهيو تہ انهن جون مبارڪون وصول ڪندي مرڪي ۽ هلڪا هلڪا ٿهڪ ۽ ڏئي رهيو هو. ارباب عليءَ جو پيءُ، ۽ پائر توڙي ڪنوار شهلا جو پيءُ ۽ ٻئي پائر تمام گهڻا خوش خوش نظر اچي رهيا هئا. نڪاح پڙهائڻ وارو مولوي صاحب گهوٽ کان ڪجهہ گهڙيون اڳ پهتو هو. جيڪو پنهنجي صوفي جي پر ۽ ويهل هڪ عمر رسيده ماڻهوءَ سان بوريت گهٽائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري رهيو هو.

سيني کي بيوٽي پارلر تان ڪنوار جي اچڻ جو شدت سان انتظار هو. جنهن کي هڪ ڪلاڪ کان مٿي وقت گذري چڪو هو...

بيوٽي پارلر تي بيوٽشن عورت ڏاڍي ششدر ٿي رهي هئي. چاڪاڻ جو شهلا مسلسل روئي رهي هئي. جنهن ڪري ميڪ اپ ڪرڻ ۾ هن کي ڏکيائي پيش اچي رهي هئي. هڪ مرحلي تي هن ڪنوار جي ماءُ کان ويڪيل لفظن ۾ پڇيو "چوڪري جو ائين اوپاڪين اوپاڪين پئي پوي، تہ ڪٿي ائين تہ ناهي تہ ويچاريءَ کي زور جي ميندي پيا ٿئيو؟"

"نہ ڪوادي، چوڪريءَ جي آ پيڪاٽي گهر سان دل ڏاڍي. سو گهر مان نڪرڻ جو ڏک مغز تي چڙهي ويو ٿس. خاص ڪري ننڍڙي پائيٽي ربيني، جنهن سان تمام گهٽي دل اٽس، ان کان جدا ٿيڻ جي خيال ۾ کيس هن جهوريءَ ۾ آندو آ. باقي سڀ خير آ."

"توهان چئو ٿا تہ مڃيان ٿي. پر اڳ هن وانگر جن ۾ ميڪ اپ ۾ مونسان سهڪار نہ ڪيو آ، انهن سان اهو مسئلو هيو. يعني ويڙهہ وارن

گهرن ۾ دل جو نه مڃڻ..."

"ادي، خير گهُرُ. اسانجي چوڪريءَ سان اهڙو مسئلو ڪونهي. هيءَ رڳو پيڪاٽي گهر مان وڃڻ نٿي سهائي. انڪري ئي پئي هنجون هاري..."

"تہ ڪجهہ سنياليوس نہ، تہ ميڪ اپ ڪري وٺان. لاڳيتو روئڻ سان منهنجو ڪيڏو نقصان پئي ڪرائي. پاڻ ڏسو ڪيڏو نہ مهانگو ميڪ اپ آهي."

"شهلا، سياڻي ٿي. ويچاري بيوٽشن کي پريشان نہ ڪر. دل پختي ڪر. هر چوڪريءَ کي تہ وانگر ائين هڪ ڏينهن پيڪاٽو گهر چڏڻو پوندو آ. هروپرو وهلور نہ وڃ." وڏي پيڻ شهلا جي مٿي تي هٿ رکي کيس آٽت ڏيڻ واري انداز ۾ چيو.

وڏي ريڑهہ پيڑهہ ڪانپوءِ شهلا جي ميڪ اپ جو مرحلو پورو ٿيو تہ سندس ماءُ جي چهري تي اطمينان جي مرڪ ڇانئجي وئي.

بيوٽشن کي سندس هولايل ڏوکڙ ڏئي سيپ شهلا کي ساڻ ڪري جيئن ئي ٻاهر نڪتيون تہ ماءُ شهلا کان اول رفيق کي ڏسي ورتو. جنهن جا وار وکريل، ڏاڙهي وڌيل ۽ اکيون روئڻ يا اوجاڳي سبب ڳاڙهيون هيون. تڏهن ماءُ جو هنيانءُ وڃي پيرن ۾ پيو ۽ ڪنبٽي سڄي وجود ۾ ڌوڙي ويس.

۽ پوءِ شهلا جڏهن رفيق ڏانهن نهاريو، تہ هن جي ڪمزور جسم ۾ الائي ڪٿان ايڏي طاقت اچي وئي، جو پاڻ سان گڏ هلندڙ وڏي پيڻ کي ڏکو ڏئي، تيزيءَ سان وڃي رفيق جي پرسان بيٺي ۽ رفيق سان مخاطب ٿي چوڻ لڳي، "چڱو جو آئين."

"هونش ڪر." ماءُ هڪل ڪئي، "تون رفيق جي نہ، ارباب عليءَ جي ڪنوار آهين."

"مان رفيق جي آهيان. ارباب عليءَ سان بابي مونکي زوريءَ پئي پرڻايو. ڇو تہ رفيق غريب ۽ هو امير آهي. هي تہ قدرت رفيق کي عقل ڏنو جو هتي آيو. هاڻي اسان ڪورٽ جي اجازت سان پيار پرٽو ڪنداسين. پلي بابو منهنجي اغوا جي فرياد داخل ڪرائي. سچ، سچ ۽ ڪوڙ ڪوڙ ٿيندو. ٻيو ميڊيا بہ اسانکي اڪيلو نہ ڇڏيندي..."

مَرڪُ...!

جيئن پوءِ تيئن ٽن مهينن جي ڇاول نوران جي ڪنگهه ۾ سهڪي ۾ ويو پئي اضافو ٿيندو. ماٽس شمل ڪيس ڏسي نه پئي سگهي. آندا ڇڙ ته بار بار مُنهن ۾ پئي آيس. ڏاڍو ششدر ٿي. نيٺ سوچي سوچي ۾ مجبور ٿي پر واري گهر جي پت تان نرو ڏئي اقبالي‌ءَ کي سڏي منٽ واري انداز ۾ چياٿين، "ادي، نوران کي ڪنگهه ۾ سهڪو وڌي ويو آ. جي مهرباني ڪرين ته هي نوران جي پي‌ءُ جو نمبر آهي. پنهنجي موبائيل تان ملائي ڏي ته چوانس، ته جلدي‌ءَ ۾ ڪنهن اسپتال ڏانهن کڻونس..."

"ها پيٽ، چونه." اقبالي اهو چئي پنهنجو نندڙو سيل فون کڻي آئي، "اچي."

"مان پڙهيل ڪاٿي آهيان ادي، جو نمبر ملائي سگهان. قرب ڪري تون ملائي ڏي." شمل پني جو نندڙو ٽڪر اقبالي‌ءَ جي حوالي ڪندي چيو.

"نمبر مان ملائي ٿي ڏيان‌ءِ. پر ڇالهائجانس پاڻ، جو مون کي ڪنهن غير سان ڇالهائڻ ڪان اکن جي پي‌ءُ جي منع ٿيل آ..."

"ٺيڪ آ پيٽ، ملائي ڏي."

اقبالي‌ءَ نمبر ڊائل ڪري فون سيٽ شمل کي ڏنو. جنهن اهو ڪن تي رکيو. ته پريان نوران جي پي‌ءُ جو آواز آيو "هيلو ڪير؟..."

"نوران جا پي‌ءُ، مان ٿي ڇالهايان..."

"ڪنهن جي فون تان پئي ڇالهائين؟"

"پاڙي واري ادي اقبالي‌ءَ جي فون تان پئي ڇالهايان..."

"چَڻ، ڪهڙو آسمان ڪريو آ..."

"جلدي گهر اچ، انهن پيرن تي..." شمل وڌيڪ ڇالهائي نه سگهي ۾ سڏڪا پريندي اوچنگارن ۾ پئجي وئي.

پريان بہ آواز بند ٿي ويو. تہ رئي جي پلوسان ڳوڙها اگهندي ۽ پاڻ تي ضابطو آڻڻ جي کوشش کندي شمل فون سيٽ اقبالي ۽ کي واپس کندي چيو "مهرباني پيئڻ."

پوءِ موتي وري نوران جي مٿان آئي. جنهن جي کنگهه ۽ سهکي ۽ ڪابہ جهکائي ڪونہ هئي. تڏهن ڳوڙهن جي مينهن وري هن جو چهرو پسائڻ شروع ڪيو. جن کي رئي جي پلوسان اگهندي هوءَ دل ۾ "رب منهنجا، تون ٻاجهه ڪر. منهنجي نوران کي نئوبنو ڪر..." بہ چوندي رهي، تہ هر هر ڪنڌ ورائي گهر جي ٻاهرين در ڏانهن بہ ڏسندي رهي.

اندازن اڌ ڪلاڪ ۾ نوران جو پيءُ پهتو. "چا ڀالهہ آ، چو فون ڪيئي؟"

"رات نوران جي کنگهه تہ تون ڏسي ويو هئين. هي صبح سان سهکو بہ شروع ٿي ويو ٿس. جيڪو وڃي تو وڌندو ۽ گهٽ ٽيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي..." شمل وري اوچنگارن جي گهيري ۾ اچي وئي.

"توکي خبر آ، تہ مان ڪيڏن ضروري ڪمن ۾ مصروف هيس ۽ ڪيڏا گراهک هنن لابارن جي ڏينهن ۾ وارو وارو ڪيون مونکي ان لوهارکي دڪان تي وکوڙيون ويٺا هئا. شام جو اچي چوريءَ کي کنهن ڊاکٽر ڏي نہ وئي وڃان ها چا، جو هروپرو فون ڪري ۽ باهہ ٻاري مونکي گهرايئي ۽ منهنجا سڀ ڪم رولي ڇڏيئي..."

"تون پاڻ ئي ڏس نہ، چوکريءَ کي..."

"چوکريءَ جي سکي، ايڏي معتبر ٿي وئي آن، جو پاڙي مان پني فونون ٿي ڪرين. جڙ ڇڏيو بہ پٽ ٿي، جيڪو مرندو تہ ويڙهو ويران ڪري ويندو..."

"ائين چو ٿو چوين. نياٽيون تہ پاڻ وارن کي..."

"پاڻ وارن کي ڇمنديون آهن، نيا ڳي. بيهہ تہ پلا سيکاريان ۽ سبق..."

نوران جو پيءُ شديد کاوڙ ۾ مارڻ لاءِ رومڙ ڪري شمل ڏانهن وڌيو، تہ هوءَ وئي بورچيخاني ڏانهن ڀڳي. جنهن جو تکڙ ۾ اندران در

بند ڪري رهي هئي، تہ هڪ زوردار لت سان اهو ڪلي پيو ۽ ان کان پويان ۽ لڳ بيئل شمل وڃي پوئتي ڪري.

ٻي لت هن ساڳئي ئي زور سان چلھ تي رکيل ۽ ٻرڪندڙ پاڻيءَ جي ديگڙي کي جو هنئي، تہ ديگڙي پاڻي سوڌو اتان اڇلجي وڃي شمل جي ٻانھن، ڇاتيءَ ۽ مُنھن تي پئي.

"ائيلي..." جي چيخ سان شمل جون اپ ڦاڙ رڙيون شروع ٿي ويون.

"مليئي نہ فون جو نتيجو نيا گي، ھاڻي پلي ھڙي مَرُ. تنھنجو مَرڪُ اھوئي آ...!!"

ون ويلنگ...!

ڪراڙو شمن علي شهر مان ورتل گهر جي سامان جون ٻه پلاسٽڪ جون شاپنگ بئگس موٽر سائيڪل جي آڏو واري ويل پرسان ڏنڊي ۾ ڦاسائي، ڪِڪِ هڻي ڳوٺ ڏانهن اسهڙ وارو هو ته لڳ ڀڳ سورهن کان سترهن ورهين جي ٽن نوجوانن اچي ٽي موٽر سائيڪلون هن جي پرسان بيهاريون.

"هَلُ، هَلُ اڳ ۾ ٽون..." هڪ نوجوان ٻئي کي اڳيان وڌڻ جو اشارو ڪندي چيو.

"نه، اڳ ۾ اوهان ٻئي هلو. مان پويان ايندس."

"نه نه، پهريان تون هَلُ، اسان ٻئي تنهنجي پٺيان اينداسين. جيئن توکي اسپيڊ ۾ ڪراس ٻه ڪيون ۽ انجواءِ ٻه..."

"اصلي نه. اوهان اڳ ۾ ٽيو. مان اوهان جي ڪي ون ويلنگ ٻه ڪندس ۽ ريس ٻه پچائيندس..."

"او بابڙئو نوجوانو هڪڙو منٽ بيهو ۽ مونکي ٻڌو." ڪراڙي شمن علي ۽ انهن جي شغل ۾ رخنو وجهندي ۽ ڪين پاڻ ڏانهن متوجه ڪندي چيو "بابا، هي شيطاني راند نه ڪيڏو. سِرُ ڪٽندو..."

"ڪاڪا، اسان موت کان نٿا ڈڄون..."

"چريا ٿيا آهيو. اڙي، ايڏا جوانيءَ ۾ مس پير پاتو ٿو. زندگيءَ جو هيڏو سارو سفر اوهانکي طئي ڪرڻو آ پٽ، اهڙي ٻاراٽي نه ڪيو..."

"اسان آهيون ئي ٻار، تون اسانجي راند نه ڦٽاءِ..."

"راند ڪونه ٿو ڦٽايانو. حقيقت کان واقف ٿو ڪيانو. هن راند ۾ خطرا ئي خطرا آهن بابلا، جذباتي نه ٽيو. اوهانجي سون جهڙي حياتي هن راند کان گهٽي مٽي آ. چوئُ ولُو. وڃي ڪا ٻي راند ڪيو..."

"اسان گهرن مان آيا ئي هيءَ راند ڪرڻ لاءِ آهيون. تون اسان

کي نہ روڪ. اسانکي خبر آ هيءَ راند سئولي ناهي. پر اسان ٿيئي هن راند جا ماهر آهيون ۽ ڪيترن ٻين کي ٻـ بنا پـسي سيکارينـدا آهيون..."

"مان اوهانجي پيءُ برابر آهيان پٽ، ڏاهـا ٿيو. وچي ڪرڪيٽ، فوٽ بال يا والي بال کيڏو. صحت لاءِ اهي ڏاڍيون پليون راندیون اٿو..."

"اسانکي اهي پسند ناهن. اسانجي فيورٽ راند ون ويلنگ آ..."

"اڙي ادا، هڪ پيرو انهن راندين سان دل تہ لڳائي ڏسو. هيءَ ڪرتبي راند آ. جيئن موت جي کوهہ ۾ موٽر سائيڪل هلائبي آ. ڪو فائدو ڪونهيَو انهي ۾. سياڻا ٿيو..."

"اسان چريا ڀلا آهيون. مهرباني ڪري اسانکي نصيحتون ڪري پَو نہ ڏي ڪاڪا. راند جو مزو وٺڻ ڏي..."

ڪراڙي شمن علیءَ سان ائين رَدَ قَدَ ڏئي ٿيئي نوجوان پنهنجي پنهنجي موٽر سائيڪلن تي چڙهي زرڙات ڪندا اتان هلڻ لڳا، تہ شمن علیءَ ٻہ گاڏيءَ کي ڪِڪِ هڻي انهن کان پويان پنهنجو رستو ورتو.

اڳيان هلندي ٿيئي نوجوان موٽر سائيڪلن کي اسپيڊ ڏيندا، ون ويلنگ ڪندا ۽ ٿهڪ ڏيندا پئي هليا تہ اوچتو رودِ تي ڳچل ٽڪري ۾ ڪنهن ٽينڪر مان هاريل تيل تان ٿيئي موٽر سائيڪلون سلپ ٿيندیون، تيزيءَ سان وڃي فوٽ پاٿن سان ٽڪرايون...

ڪراڙو شمن علي ٽڪر ۾ گاڏي پاسي کان بيهاري مٺائن آيو، تہ تنهي جا مٺا قاتل ۽ ميڇالا رودِ تي وکريل ڏٺائين. هو جنهن انداز ۾ ڪُرڙيءَ وانگر ڦٽڪي رهيا هئا، شمن علیءَ جون اکيون اهو وڌيڪ ڏسي نہ سگهيون، تہ هن ڪنڌ ڦيرائي چڏيو...!!

پيٽ ۾ سورَ...!

"جي ناراض نہ ٿيو پٽ، تہ هڪ ڳالهہ چوانءِ." نماشام مهل ماءُ انتهائي نماڻائيءَ مان پٽ کي چيو.

"پلي جيڪو چَوڻو ٿئي چَئہ امان، چو ناراض ٿيندس."

"پٽهين حيات هو تہ تڪو پئسو ضرور تريءَ تي رکندو هو. جنهن مان ضرورت پوندي هئي تہ ڪا ستي ڦڪي وٺندي هيس، نہ تہ هارن کي خرچيءَ ۾ ڏئي ڇڏيندي هيس. هاڻي ڏاڍي لڄي ٿي ٿيان، جڏهن نُنهن کان هٿ ٽنگي ڪجهہ گهران ٿي."

"انهي ۾ لڄي ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آ چاچي، سيڪجهہ تنهنجو پنهنجو ئي تہ آهي."

"آهي امان، پر ڪڏهن ڪنهن کان گهريو جو نہ اٿم، تہ مرُم ماري ٿو."

"چا جو مرُم امان، تون تہ..."

"منهنجي ڳالهہ کي غلط نہ سمجهہ پٽ، مهيني ۾ ڏهہ، ويهہ، پنجاهہ يا جيترو به سَري سگهئي، جي مقرر ڪري ڏيندين، تہ تنهنجي مهرباني ٿيندي."

"ٺيڪ آ امان، مهيني جا پويان ڏينهن آهن، اهي گذاري باقي ايندڙ پهرينءَ کان ائين ئي ڪبو."

"الله گنج ڏيندئي بابا، ڪڏهن هٿ نہ منجهائيندئي."

ماءُ دعا ڏئي پريان پنهنجي ڪٽ تي وڃي ستي تہ ڪجهہ ديـر ۾ نُنهن جو هوريان ڳالهڻ ڪَن پيس. جيڪا پٽهنس کي چئي رهي هئي، "جي ڏٺينس تہ سئو سوا رپيا ئي ڏجانس، نہ تہ جيئن چاچو ڏيندو هوس تہ وڃي ڏيئن جا گهر پريندي هئي، هاڻي به توکان وٺي وڃي ائين ئي ڪندئي."

ٿُنهن جي انهي گفتي هنيانو تي تانبو رکي ڇڏيس. تڏهن دل ۾ آيس ته اتيئي ان کي چوي ته، "پٽ کي، ماءُ کي ڪجهه ڏيڻ کان روڪڻ توکي جڳائي نٿو..."

پر پوءِ اهو سوچي ته متان ڪڙاڳ نه ٿي پوي ۽ پٽهنس جيئن ته ڪڙاڳ کان ونءِ ويندو آ، انکري اندر جي اندر ۾ رکي هوءَ پاسو ورائي ليٽي پئي. صبح تائين ننڊ سندس ويجهو نه آئي.

.....

معمول موجب صبح جو پٽهنس پنهنجي ڇهن سالن جي ننڍڙي پٽ کي اسڪول ڇڏي آفيس ويو. جنهن کانپوءِ منجهند جو هوءَ ان کي ورتيون پئي آئي، ته چوڪري جي نظر چولن واري تي پئجي وئي.

"ڏاڏي امان، اڄ اميءَ مونکي خرچي نه ڏني آ، تون ڏهين جا چولا ونِي ڏي."

ماڻهن جي هجوم ۾ پوڻي جي ان انگل هن کي شرم ۾ ٻوڙي ڇڏيو. تڏهن ان کان پريل اکين جي بيوسي لکائيندي چوڻ لڳي، "چولا پيٽ ۾ سور وجهندا هِن بابا، نه کائبا هِن..."

ڏهري ڏورَ تي مَڇَرَ گهٽا...!

شهر ۾ غيرت ۽ بي غيرتيءَ جو پاڻ ۾ اوچتو مُڪاميلو تي ويو.

"اڄ جي وقت اٽئي، ته سامهون واري هوٽل تي هلي چانهه چُڪو نه پيئُون..." غيرت صلاح ڪيس.

"هُيس ته ڏاڍي تکڙي، پر هَلُ پلا..." بي غيرتي جواب ڏئي ڪيس هميشه جيان تاري نه سگهي.

ٻئي هوٽل تي وينيون غيرت، بيغيرتيءَ جي اکين ۾ ڏسندي چيو "اڄ ڪي دل جون ڳالهيون نه ڪجن..."

"ها ڪجن، چونه ڪجن. اسان ٻئي پلي ته هڪٻئي جي ابتڙ هجون ۽ پري پري تائين اسانجو ڪو پاڻ ۾ تعلق نه هجي، پر ڪا دشمني ته ڪونهي نه ۽ دشمن به جڏهن پنهنجي ڳالهين جا ڏَر بند ناهن ڪندا، ته اسان چو پاڻ ڪي سيئي ليکا لتاڙيل ڪٽرپٽي جي ڪوٺ ۾ قيد ڪريون..."

گفتگو هلندي بيرو اشارن ۾ هن چانهين جو آرڊر ونڊي هليو ويو.

"هجڻ به ائين گهرجي. واه جي ڳالهه ڪيئي. ته، اڄ پاڻ ۾ ڪُلي ڪچهري ڪنديونسين..."

"پلي پلي..."

"پنهنجي پهرين ڳالهه يا سوال توکان اهو آ، ته تنهنجي وصف چاهي، ٿورو ڪولي ٻڌاءِ...؟"

"منهنجي وصف!؟، هُون...مان بيغيرتي، سوين روپ ۽ وصفون رکان ٿي. ڪهڙو ٻڌايان ۽؟...جعلسازي ٻڌايان ۽، اقربا پروري ٻڌايان ۽، پنهنجا نوازي، داداگيري، ڪاپي ڪلچر، ڦرلٽ، دوائن ۾ نقليت، علاج ۾ بي ايماني ۽ لالچ، تعليم ۾ ڪاروباري اَڪِ، رشوت گردي، ياءِ جو ياءِ جي نِڙيءَ تي چڙهي لَٽ ڏيڻ، ڪاڏي جي شين ۾ ملاوٽ،

کهکاءَ کي هر دل مان لڏائڻ جو مشن. کنهنجي کنهنجي باري ۾ کولي ٻڌايانءِ؟ هر وصف جا تفصيل هڪ نه، کيترين ئي ڏينهن ۽ راتين جي وقت جا گهر جائو آهن..."

"انهن سيني وصفن جو ڪو جامع لفظ؟..." غيرت وچ ۾ ڪتيندي پڇيس، "جيئن ڪُوزي ۾ درياهُ بند ڪجي.."

"نفي..."

"چاجي نفي!؟..."

"ماڻهپي جي..."

بيري ٽيبل تي چانهه جا ٻه ڪوپ رکيا، ته بيغيرتيءَ ساڳي طرح غيرت جي اکين ۾ ڏسندي پڇيو "هاڻي پلا، تون پنهنجي وصف ٻڌاءِ؟..."

"منهنجيون به هونئن ته ڪيئي وصفون آهن. ايمانداري، انصاف، ڪنهن بي گناهه کي ڏاڍي جي لت کان بچائڻ، سچ ۽ چنڊ جي روشنيءَ وانگر ڏرتي ۽ ان جي مخلوق لاءِ برابريءَ جا املهه اصول، هٿيارن کان خالي هٿ، گلن جيان نڙندڙ معصوم مرڪن ۽ گهڙن جيان وڃندڙ ٿهڪن يا آبشارن مان درياهن جا روپ ونڊي وهندڙ محبتن ۽ ماڻهن جون دليون ۽ ذهن سيراب ڪندڙ سچا پيار..."

"بيهُ. اهي جيڪي وصفون تون ٻڌائين پئي، تنهنجي تعارف مان اهي ته گم آهن!"

"ها، منهنجيون اهي گُڻائتيون وصفون، جيڪي ئي منهنجو حقيقي تعارف به آهن، بلڪل به مون مان ڪٽي ڪوري تنهنجي چاڙتن ۽ حمايتن ائين گم ڪري ڇڏيون آهن، جڏ اهي منهنجي وجود جو حصو ئي ناهن، ۽ قيد ڪيو ٽئون ته رڳو ئي جرڳن، ڪاروڪاري ۽ عورت ۾. سمجهه ۾ نٿو اچي ته، مونسان ائين چو ٿيو ٽئي؟"

"انڪري جو عورت ڪمزور آهي ۽ چوندا هِن ته، ڏهري ڏور تي مَڇَر به گهٽا...!!"

وارث...

فيملي ڪورٽ جي جج جي حڪم تي ڪورٽ جي احاطي ۾ پاسائتي هنڊ تي پيءُ مشتاق علي خان جي پنهنجي ائين سال ۾ پير پاتل پٽ اوشاق عليءُ سان ملائڻ جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن جي امڙ رحيما کي ٽي سال اول هن ماڻ جي عيادت لاءِ بنا موڪل وڃڻ جي ڏوهه ۾ طلاق ڏني هئي ۽ سال کانپوءِ ٻي شادي ڪري ويٺو هو.

ان وچ ۾ مشتاق علي خان اوشاق عليءُ کي ماءُ کان الڳ ڪري پاڻ سان رهائڻ جي ڪورٽ ۾ دعويٰ داخل ڪئي. پر ڪورٽ طرفان ڪيس چيو ويو ته جڏهن اوشاق علي عمر جا ست سال پورا ڪري ائين ۾ قدم رکي، ته هو ڪيس حاصل ڪرڻ جي دعويٰ پوءِ ٿي داخل ڪري سگهي ٿو.

۽ هاڻي جڏهن اوشاق علي ائين سال جي ٿيرين مهيني ۾ پير پاتو ته هن ڪورٽ ۾ وڪيل معرفت ان جي ٻانهن پنهنجي حوالي ڪرڻ لاءِ رجوع ڪيو ۽ جنهن لاءِ جج ٻين قانوني گهرجن يعني هن جي امڙ سندس ڪفالت ڪري سگهي ٿي يا نه، جو جائزو وڃڻ ۽ اها پڪ وڃڻ ته هوءَ ٻي شادي نه ڪندي ۽ پورهيو ڪري پٽ کي پالينديءَ ۽ ته پڙهائيندي به، ڪانپوءِ مشتاق علي خان کي قانون موجب اوشاق عليءُ سان ملائڻ جو آرڊر جاري ڪيو. ته اهو پيءُ يا ماءُ مان ڪنهن سان به رهڻ جو پاڻ وات وڪيل ٿي فيصلو ڪري.

مرجهايل چهري سان سانوري رنگ جو سنهڙو اوشاق علي جڏهن پيءُ جي اڳيان آيو ته سندس ننڍڙين اکين مان ٻه ڳوڙها امالڪ لڙي ڳلن تي لهي آيا.

"نه روءِ پٽ، نه روءِ." مشتاق علي خان ڪيس ڇڪي پنهنجي ڇاتيءُ سان لائي ڳل تي چمي ڏني، "مان تنهنجو بابا آهيان نه. نه روءِ.

تنهنجي امي توکي ماريندي آ نہ، تون تڏهن ٿو روئين نہ. پر مان توکي نہ اڳي کڏهن مار ڏني آ، نہ هاڻي ڏينندس. چوتہ تون منهنجو سکيلڏو پٽ ۽ منهنجي گهر ۽ زميندارئ جو وارث آهين..."

مشتاق علي خان کجهہ منٽن ۾ اوشاق عليءَ کي ڇڪرون ڏئي روئڻ کان بس ڪرائي. جنهن بعد کجهہ شيون سندس اڳيان رکندي چيائين، "کاءِ، هي مون تنهنجي لاءِ آنديون آهن."

اوشاق عليءَ کنهن بہ شيءِ کي هٿ نہ لاتو تہ مشتاق علي خان برفيءَ جو ننڍڙو ٽڪر کڻي سندس وات ۾ وڌو. جيڪا هو آهستي آهستي ڪري کائڻ لڳو.

"اوشاق علي،" مشتاق علي خان سندس نالو ونڊي انتهائي نرم لهجي ۾ ساٽس ڀالهائڻ جي شروعات ڪئي، "تون منهنجو سهڻو پٽ آن نہ. انڪري تون مونسان هلي رهُ. مان توکي روز هڙيون سئيون ملیون شيون بہ ڪارائيندس، تہ وڏي ڪار ۾ ويهاري سير سپاٽا بہ ڪرائيندس. توکي جيڪي جانور يا پکي وٹن ٿا، گهر ۾ انهن جو راڻي باغ بہ ٺاهي ڏيندس. هانہ؟"

اوشاق عليءَ کوبہ جواب نہ ڏنو تہ مشتاق علي خان ڀالهہ جو رخ ٻئي پاسي ڪندي چيو "توکي ننڍي لاءِ ٻکريون وٹنديون هيون نہ، مان وڏو ڏڻ ٻکرين جو توکي وٹي ڏينندس. ائون ان سان گڏ رڍون، مينهون ۽ ڳئون بہ وٹي ڏيندس. توکي سمهاريندس بہ پاڻ سان گڏ. چو تہ تون منهنجو وارث آهين. منهنجي سڄي ملڪيت ۾نيون هارا، ڪراچيءَ جو بنگلو ڪچي پڪي جون اوطاقون، مطلب تہ سڀڪجهہ تنهنجو آهي. رهي تنهنجي ماءُ، تہ ان وٽ سواءِ غربت ۽ بک جي ڪجهہ بہ ڪونهي. نہ ئي ان گهر ۾ ڪو ڪمائڻ وارو آ. تنهنجو مامو ڈار ٿو رهي. رهيو نانو تہ اهو بہ ڪراڙو آ. جنهن ڪري تنهنجي امي ٻئي پورهيو ڪري انهن جو گهر هلائي. جيڪا تنهنجي کابہ خواهش پوري ڪري نہ سگهندي ۽ نہ ڪا خوشي ڏئي سگهندي. چو تہ ان وٽ پئسا نہ آهن. جڏهن تہ مون وٽ ايترا پئسا آهن، جو تون ڪائي ڪٽائي نہ سگهندين..."

اڏ ڪلاڪ جي ان ملاقات کانپوءِ ماءُ ۽ پيءُ جي موجودگيءَ ۾ اوشاق عليءَ کي جڏهن فيملي ڪورٽ جي جج اڳيان پيش ڪري پيءُ يا ماءُ مان ڪنهن هڪ سان گڏ رهڻ جو چيو ويو تہ اوشاق عليءَ جي ننڍڙين اکين مان وري به ٻہ ڳوڙها وهي ڳلن تي لهي آيا ۽ هن سڏڪن گاڏڙ لهجي ۾ چيو "مان امي سان رهندس...امي سان..."

ڪوئي نہ ڪيبائي...

"ڪونہ بچندوسانءِ، ابا سائين، مري ويندوسانءِ. هَٽ هٽندين..."

"مالڪ ٻاجھ ڪندو. گھبراءِ نہ..."

"نہ گھبرايان!؟، ڊائلاسز ٿي هلي. انڪانپوءِ..."

"خيرُ گھُرُ. رب ڪندو تہ ڪٽان نہ ڪٽان رستو نڪري پوندو..."

"ڪونہ نڪرندو. ادي خاتونءَ کي ٻہ مڙس جھلي ڇڏيو. نہ تہ ڏِئي پئي. ھاڻي واحد حيلو وسيلو تون ئي آن. گردو توکي ئي ڏيڻو پوندو..."

"مان ادا ڪونہ ڏيندوسانءِ. جيئن پيٽين کي مڙسھنس جھليو ائين مونکي ٻہ تنھنجي نئين ماءُ جھلي ٿي. چوي ٿي، جي گردو ڏيڻو ھُيئي، تہ پوءِ شادي ڇوکيئي. ٻيو ماڻھو ٻہ چون ٿا، تہ پٽ کي گردو ڏئي جھار ھڪليندين چا..."

"خدا پُجندن. جاھِلَ ڪنھن جاءِ جا. مان اھو اسپتال ۾ ھڪ ڊاڪٽر کان چَڀَرَ ۾ پڇيو ھو. تون ٻہ تصديق لاءِ پلي پڇي ڏسجان..."

"چگو ڊائلاسز تي ھلياسي تہ پچندومان..."

....

"گردي جو ٻندوبست ٿي ويو؟"

"نہ ڊاڪٽر صاحب. پيٽس ڏيڻو ڪيو ھو. بلڊ جي ڪِراس ميچنگ ٻہ ڪرائي ھُيسي. بس، تاريخ ونڊي ھئي. پر منھنجي نائيءَ منع ڪري ڇڏيس. پوءِ مان ڪِراس ميچنگ ڪرائي. پر ھاڻي مان ٻہ ھڪ تہ عضون وِڊرائڻ جي ھمٽ نہ ٿو ڪري سگھان، ٻيو پٽ جي ھن مرض جي ظاھر ٿيڻ کان ٿورو اول شادي ٻہ ڪئي ٿم. ماڻھوتا چون تہ جھار ھڪليندين چا. ٻيڪڙ ۾ اچي ڦاتو آھيان. پٽ ٻہ ھڪڙو آ.

ڪاڏي وڃان، چا ڪيان، سمجھ ۾ نٿو اچي..."

"ڪجھ به نه ٿيندئي. پٽ جي زندگي بچاءِ. نوجون آ. ھن جي شادي ڪرائيندين تہ ڪٽي مان ڪيڇ ٿيندئي..."

"تہ معنيٰ مان متاثر ٿيندس نہ؟"

"مون اھو ڪٽي چيو. تون سئو فيصد صحيح زندگي گذاريندين. ڪجھ به متاثر نہ ٿيندو تنھنجو..."

"الائي ڊاڪٽر، ماڻھو جو چون ٿا..."

"ماڻھن جي ڳالھين تي ڪَنُ نہ ڌي. مان جيئن چوانءِ ٿو اھائي حقيقت آ. تاريخ وٺ ۽ جلديءَ ۾ تياري ڪري اچ، تہ پٽنھن جي ٽرانسپلانٽيشن ڪري حياتي بچائڻ جي ڪوشش ڪريون..."

"ٺيڪ آ سائين..."

...

"ياں مبارڪو ھجئي، مڙس ماڻھو آن. پٽ کي گردو ڏئي وڏو انقلابي ڪم ڪري ڏيکاريو ٿئي. ھونئن به پٽ تان بابي جي حياتي گھوري..."

"اڳ ۾ گھبرايم پئي. زال به ڊنل ھئي. پر ھاڻي خبر پئي آ، تہ ٻئڙ اجايو ھو. پٽ جي حياتي بچي، ان کان وڌيڪ مونکي ٻيو چا گھرجي. باقي جيڪي ماڻھو شادي جي حوالي سان چون پيا تہ گردو ڏئي، جھاڙ ھڪليندين، اجايو پيا واتُ وِجائن. انسانيت جا ويري. يقين ڪر، اھڙي ڪا ڳالھ آھي ئي نہ. وڃي ھڪ ٻن کي نہ، اھو سيني کي ٻڌاءِ. جيئن ڪوئي به ڪنھنکي گردو ڏيڻ کان اصلي نہ ڪيھائي ۽ خوشيءَ سان انسانيت جي جھنڊي کي بلنديں تائين جھوُلائي..."

گڏهه جي پويان...!

مومل جو پيءُ سليمان، به پائر خادم ۾ گلشير (جيڪي نائين ۾ ڏهين ڪلاس جا شاگرد آهن) انتهائي مايوسي ۾ پريشانيءَ مان روئندڙ اکين سان سڪ ورهين کان ٽپيل، ڏاڙهي ۾ مٽي جي وارن کي مينديءَ سان ڳاڙهو ڪيل، گهنجن پيل ايپي مُنهن ۾ انگوشڙي مٽان ميرڙو پهراڻ پهريل سنهڙي سيبڪڙي ٿوهَ کي ڏسي به رهيا هئا، ته اکين سان گڏ اندر ۾ ڪنهن هوڏ جي ڇوهي پاٽيءَ سان جهڄي ۾ جهُري به رهيا هئا.

سليمان جي گهر مان به رڪي رڪي عورتن جي روج راڙي جا آواز آيا پئي.

ٿوهَ جي مُنهن تي فاتحانه مرڪ جرڪي رهي هئي. هو سليمان جي گهر کان ٻاهر ٽهيل مَنهينءَ ۾ مختلف عمرين وارن متن مائٽن ۾ ڳوناٽن سان گڏ ڇهن مان هڪ ڪٽ تي ويٺل هو. پرسان ملان جاڙو به ويٺل هئس. جيڪو هر هر پنهنجي سونهاريءَ تي هٽ ڦيرائي ڪنهن گهري سوچ جي هوڏار مان پاڻ کي ڪيڙ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

"ڪيڏي اچو نه مومل کي، ته نڪاح وجهي جلديءَ ۾ ٽيئون روانا..." ٿوهَ پنهنجي لهجي ۾ تلخي ۾ چهري جي گهنجن ۾ بيزاري آڻيندي سليمان سان مخاطب ٿيو.

"ماٽس سنيرائيس پئي. اِجهو آئي." سليمان سڏڪي گاڏڙ ڏک سان وراٽيو.

"سنبت وري ڇاجي آ. جيڪي ڪپڙا پاتل ٽس، انهن ۾ ڪيڏي اچوس. سگ چٽيءَ ۾ ڏنل ڪا هار سينگار ڪري ڪيڏبي آ ڇا..."

"نياٽي اسانجو گهر چڏي هميشه لاءِ پئي وڃي. سينگار به نه ڪرايونس!؟..."

"ٽر ٽر نه ڪر..." ٿوهَ جي لفظن ۾ زهر لهي آيو "بن منٽن ۾

كيي اچينس، نہ تہ جاچين سوڌو بوچڙ كلهي تي ركي هليو ويندو سانءِ ۾ وڃي كارنهن جو جرڳو كندڙ سردارن وٽ دانهينڊوسانءِ. وڌيڪ ڏڃي ۾ آزار پر ايندين. متان كا هواءِ هجئي..."

"بس، اڃي پئي نہ. دير ناهي..."

سليمان ائين مس چيو تہ گهر جي باهرين در جو طاق كولي عورتن جي روڄ وارن وڏن آوازن جي گونج پر چئن سالن جي بت پر پريل ۾ گوري رنگ ۾ موكري مُنهن واري هراسيل مومل باهر نكري آئي. هن جي اكين پر سرمو ۾ نرڙ تي ان جو تلك پڻ نكتل هو.

"اِجهو مومل اچي وئي..." سليمان جي اكين مان لڙك اُبڙكو ڏئي نكري آيا. مومل كي پاكر پائي، نرڙ تي چمي ڏئي هنج پر ويهاريائينس.

مومل جو هن كي روئندو ڏسي هراس ويتر وڌي ويو. پوءِ پاڻ بہ روئڻ پر چُنڪي پئي.

"مولوي صاحب پڑهاءِ نكاح..."

ٿوهہ جي حكم تي ملان جاڙي جي بت مان هڻ كا ڏرڙي نكتي. رومال پر ويڑهيل نكاح نامي جو كتابڙو تكڙو تي كوليائين.

"كنهن سان ٿا نكاح وجهوس؟" سليمان ٽمندي پڇيو.

"مونسان، ٿوهہ پٽ آكَ سان..."

"توسان...!؟" خادم كان دانهن نكري وئي.

"ها مونسان، مونسان. كو اعتراض ٿئي تہ كيانءِ چاڇهن رمضان كي كهاڙين مان. جيكو منهنجو كارو آ..."

"بابا، تون نہ ڳالهاءِ..." نڪل لفظن پر سليمان خادم كي روكيو.

"او منهنجي پيٽ گڏي، مومليڙي..." ڇئي گلشير پاڙ كيو تہ خادم بہ اوچنگارن پر پُنجي ويو.

ملان جاڙي سليمان ڏانهن ڏسندي پڇيو "ابا، پڑهان نكاحُ؟..."

"پڑهہ بابا پڑهہ. زور اڳيان زاري آ. پڑهہ..." سليمان هڻ تہ سينو كُٽي ماتم كندي چيو.

ملان جاڙي نڪاح پڙهائڻ شروع ڪيو ته ٿوهه جو اکيون ڪاريهر نانگ جي اکين جيان گول ڦرندي مرڪندیون رهيون.

ڇ جڏهن ملان جاڙي پڇيو "ابا، مومل ڏيءَ سليمان جي، تو زال ڪري قبول ڪئي؟"، ته جواب ۾ ٿوهه جي زبان نانگ جي ڦڻ جيان پڳل ڏندن مان ٻاهر نڪري آئي ڇ چوطرف آواز گونجيو "ها..."

مومل پاران قبوليت سليمان ڏني. جنهن ڪانپوءِ ملان جاڙي نڪاح پڙهي پورو ڪيو ته، ٿوهه نڪ ۾ بيزاريءَ جو وَرُ وجهي چيو "لاهه مومل کي پنهنجي هنج تئون..."

سليمان مومل کي ساڳي طرح زاروقطار روئندي نرڙ تي ٻيو پيرو چمي ڏئي هنج مان هيٺ لاٿو.

ٿوهه ۾رسان رکيل رسو ڪٽي پاڻ سان آيل هڪ نوجوان جي حوالي ڪيو "پڏينس..."

نوجوان مومل جي چيلهه ۾ رسو ٻڌڻ لڳو ته سليمان رڙ ڪئي، "اڙي، اهو ظلم نه ڪيو ادا، نه ڪيو. چا توهان نياڻين وارا ناهيو؟ مومل جي جاءِ تي جي توهان جي نياڻي هجي ته..."

"زبان بند ڪر لوڳها، نياڻيون نه قطار، سَڳ چٽيءَ واريءَ کي ائين ئي ٻڌي وڃبو آ، ڪو پالڪين ۾ چاڙهي ناهي وڃبو...؟"

"پري ٿي ٻيهُ..." ٿوهه وڏي آواز ۾ هڪل ڪئي.

سليمان ڏنڊڪرون ڏيندي ساڳي جڳهه تي بُتُ بڻجي بيهي رهيو. خادم ڇ گلشير روئندي حال کان بيحال ٿي ويا...

دانهون ڪندڙ ڇ هٿ پير هٽي اکيلي سِر ننڍڙو احتجاج ڪندڙ مومل کي رسو ٻڌجي ويو. هوءَ ڪري پئي. ليٽڙڻ کان اڳ نوجوان هٿن ۾ڪٽي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ، رسي ۾ هٿ وجهرائي ريجهائڻ ڇ هوريان هوريان هلڻ ۾ مدد ڪندي چيس، "هَلُ، هَلُ اسانجي لال ڪنوار. شاباس باڀڙيءَ کي. هَلُندي هَلُ. هلندي هَلُ. هل ته توکي جوس ٿا پيئاريون. مائو ٿا وٺي ڏيون يا جيلي ٿا کارايون. نه روءَ. بس ڪر. هَلُ. هَلُ. ائين، او ائين..."

ٿوهه ڏهن گڏهه گاڏن مان وڃي هڪ تي گڏهه ڪي پٺي ڏئي ڇ

منجي جي سِڌ ۾ رسو پکڙي وينو ۽ جانور جيان مومل کي ڇڪارون ڏيندو چوندو هليو "آ، آ. هلي آ. هلي آ..."

مومل ٻڌل چيلڙيءَ وانگر نندڙيون نندڙيون وکون کڻندي، پويان ريهاڻ جو طوفان کڙو ڪيون، رانيات ڪندي، اکين جو ٻچيل سرمو ڳلڙن تي هاريندي ۽ "امان، بابا..." چوندي جڙ تہ ڪنن ۾ سيهو پرٽيندي ۽ هنيانو ۾ بڙچيون هڻندي اڳتي وڌندي وئي...!!

خواريءَ جو ڪارو...!

ٽاٽي جو اڳڙ. وقت شام جا ڇهه بجا. ٿوتاريل اکين سان ايس ايڇ او ڪرسيءَ تي ويٺل. ڪڙڪيدار آواز "ويهُ، چوانءِ ٿو ويهي رَهُ سِڏو ٿي."

"سائين هي وڏي بي عزتي آ. مونکي معاف ڪيو..."

"وري به ساڳي ڳالهه. چيومانءِ ايس پي صاحب جو حڪم آ. حجر به ان ئي پوليس لائين جو موڪليو آ."

"مان ته ڪنڌ ڪٽ جهڙو نه رهندس بابا، صفا ٻڌ جهڙو ٿي ويندس..."

"اهو تڏهن سوچين ها، جڏهن زَر زَر ڪري وياج تي پئسا پئي ڏنئي ۽ ماٺهن جون پيڙهيون پئي پنايئي..."

"توکي راضي ڪيان ٿو نه سائين، جيترا چوندين. بس، هِنَ ذلت جي طوق کان نجات ڏيار..."

"ڳالهه منهنجي وَسَ کان چڙهيل آ. انڪري صبر سان صندليءَ تي ويهُ ۽ حجر ۽ اسانکي ايس پي صاحب جي حڪم جي تعميل ڪرڻ ڏي."

"هي مان پيرين ٿو پوانءِ..."

"تون ائين نه مڃيندين." ايس ايڇ او ڪاوڙ ۾ ڪرسيءَ تان اٿيو. زوردار چماٽ جي آواز سيٽ بخشوءَ جي ڪنن تي تاڙيون چاڙهي چڏيون.

"ويهين ٿو يا ڪيانءِ پي ڪاروائي. سڏيان سپاهين کي."

"سائين، توهان منهنجي ڳالهه سمجهو نه. پلي مونکي هِتي ماريو ڪُٽيو، پر جڳ جهانَ ۾ هيئن بچڑو نه ڪيو..." سيٽ بخشوءَ جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا.

"ڪَنَ ڪولي ٻُڌ، ضلعي جي سيني وياج خورن ۾ تنهنجو نالو ٽاپ تي آ. تڏهن ايس پي صاحب وياجين واري پينا فليڪس ۾ نمبر ون توڪي رکيو آ. انڪري هِنَ جُٽِ جي شروعات ۾ توکان ئي ٿي رهي آ. جنهن مان بچڻ ناممڪن ٿئي. ويهي رَهُ مانڙي ڪري. هروپرو آپي مان نه ڪَيُ مونکي."

"نه ٿا مُڙو ته توهان جي مرضي. پلي جيئن وَڻيَ ڪيو مونکي خوار..."

سيٺ بخشو روئندي صندليءَ تي ويٺو. پاڪيءَ ۾ نئين بليڊ جو آڏُ پيو. وارن ۾ ڦوهارو ٽيو. صابڻ ڦريو. پوءِ "چَر... چَر..." ٿي. مٿي جاسپ وار اڳيان پَٽ تي اچي پيا.

"هاڻي ته اٽان نه..."

"نه، مُڇون ۽ پرُوون پي."

۽ جڏهن مُڇون ۽ پرُوون ۾ "چَر...چَر..." ٿي ويا، ته سيٺ بخشو ڳوڙها هَٿ ترين سان اگهندي اٽيو. "سائين، بس نه، وڃان هاڻي؟..."

"اندر هَلُ، دستاويز تي صحي ڪر ته جن جن کي وياج تي پئسا ڏنا ٿئي، انهن کي پائي پائي ڪري ورتل وياجُ ته موتائيندين، پر ڏَنڊَ ۾ موُر به نه وٺندين."

"هن ذلت کان وڏي پي ڪهڙي ٿيندي سائين، هَلو جيڪو چَئو لکي ٿو ڏيان..."

ايس پي آفيس مان لکرائي موڪليل دستاويز تي سيٺ بخشو صحي ڪري تاڻي مان نڪتو ته ميڊيا جي نمائندن (جن کي ايس ايچ او ايس پي صاحب جي حڪم تحت اندر اچڻ نه ڏنو) "ڪِلِڪ...ڪِلِڪ..." ڪري سيٺ بخشوءَ جا فوٽا ڪيڙ سان گڏ ڪانئس زوريءَ مٿي، مُڇن ۽ پرُوَون ڪوڙڻ ۽ دستاويز تي صحيءَ جا احوال ۾ ورتا.

....

پئي ڏينهن جي اخبارن ۾ سيٺ بخشوءَ سان ٿيل ان جُٽِ کي انساني حقن جي لتاڙ سان مُشابهت ڏني وئي. هڪ ٻن ته ايڊيٽوريل ۾ لکيا.

ايس پي صاحب کي ان ميڊيائي طوفان مان جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ ئي حَلُ سُجهيو.

اي ايس پيءَ سميت وڏو سپاهُ ساڻ ڪري سيٺ بخشوءَ جي اوطاق تي پهتو. ٻانهون ٻڌي هن کان ان جُٺ جي معافي ورتائين ۽ خاموش رهڻ جو وعدو ونِي ٻاهر نڪري آيو.

آفيس ڏانهن واپس ويندي ايس پي صاحب اي ايس پيءَ کي چيو"جي هن کي گرفتار ڪري سِڌو سنئون وياجَ جي ڏوهَ ۾ چالان ڪجي ها نہ ۽ غلطي ڪري وڏيرڪي تعدي نہ ڪرائجيس ها، تہ سيٺ بَخشو ڪيڏو بہ ڦٽڪي ها، هيئن هيرو ٿي الٽو اسانکي معافي تي مجبور ڪري جڳ جهانَ ۾ خواريءَ جو ڪارو نہ ٻڌائي ها...!!"

سُکَ سان نہ سمھند اُسون...

"ڇا بہ ڪندين شادي ڪرڻ ڪونہ ڏينديسانءِ. ايڏا پنھنجي پَرٽي ڪي مھينو بہ نہ ٿيو آ تہ..."

"ڏِسُ نہ، منھنجي ھن ڪانسواءِ ھڪ گھڙي بہ نہ ٿي سري. جڏھن ڪان ڏنو ٽمانس، ھوش عقل جا پڪي اڏي الائي ڪاڏي ھليا ويا آھن. سڄي سڄي رات گذري ٿي وڃي، ننڊ نہ ٿي اچي..."

"تہ پوءِ ڇو ڪيئي مونسان شادي، ان ئي پريزاد جي پريءَ ڪي آڻي گھر ۾ ويھارين ھا نہ. منھنجي زندگي ڇو خراب ڪيئي..."

"ڪونہ خراب ڪئي ٿم، نہ ڪندس. تون ھن ئي گھر ۾ رھندينءَ. جيئن آھين. مان ھن ڪي ڪٽي ڪنھن ٻئي ھنڌ رھائيندس. بس ڪيئن بہ ڪري، قرب ڪري مونکي اجازت ڏي..."

"تون اجازت ڪنھن ڪان ٿو گھرين؟ مان پڙھيل لکيل آھيان. عورت جي حق ۾ قانون جي مونکي خبر آ. ڪونہ ڪٽي ھلندين. ڦٽڪائي ماريندينءِ..."

"زبان جا ليکا نہ لتاڙِ. پاڻيءَ ۾ رَھُ..."

"تون بہ حَدَ ڪان نہ وَڌُ. مان ڪو ڳالھہ نٿي ڏيان. پنھنجي حياتيءَ جي ھٿيار جي ڳالھہ ٿي ڪيان. ڪونہ ڏينديسانءِ، تہ تون مونکي جيئري ئي خونُ ڪري چَڏِ..."

"مان توکي لکي ٿو ڏيان، تہ ڪڏھن بہ ڏکيو نہ ڪندوساءِ..."

"اھو لکيو وڃي تيلي ڏئي ساڙ. مان انھن جھانسَن ۾ ڪونہ ايندينسانءِ..."

"تہ پوءِ مونکي چڏي وَڃُ ھلي. وڃي پيڪن جودَر وساءِ. مان اڄ ڪانوئي ناھيان تنھنجو مڙس..."

"ڪونہ ٿي نڪران. ٻاڙ ناھيان جو ائين تِرَڦُون ٽڙي گھر

چڏيان..."

"تہ پوءِ ڪاري آن، گلزار سان ڪاري آن..."

"هوش سنيال، مان اها عورت ناهيان، جو انهن ڪوڙن ٻُهتانن کان ڊجان. اهڙو خوار ڪنديسان، جو ڪنهن کي مُنهن ڏيکاري نہ سگهندين..."

"نڪري وَڃُ، نہ تہ جائي پائي منهنجي هٿان خونُ ٿي ويندين..."

"ڏسان تہ ڪيئن ٿو خونُ ڪرين..."

"ڏيکاريان، ٿو ڏِسُ..."

شوڪت ڪت تان پڙڪو ڏنو. ٻيو ڪجهہ نہ سُجهيس، تہ بورچيخاني مان ڪجهہ کڻڻ لاءِ ڊوڙيو.

زرينہ سمجهي وئي. پيرن تي زور ڏيڻ کانسواءِ، ٻيا در "ٽڙ...ٽڙ..." ڪري پڇندا پرندا محسوس ڪيائين. تڏهن تڪڙ ۾ "گهوڙا ڙي... گهَل ڙي..." ڪندي گهر چڏيائين.

شوڪت ڪڍ نہ پڳس. اندر ڊَڙ ڏئي ريهي رهيو...

....

"وڏي ۾ ڪڍي جي اصول تحت" پنهنجي ذات جي وڏيري جي ڪرايل جرڳي ۾ شوڪت سوپارو ٿي، گلزار کان چتيءَ ۾ ورتل ڇهن لکن مان اڌُ وڏيري سان هوليءَ موجب ڏئي، ٿي لک هڙ ۾ ڪٽي، نئين شاديءَ جي سانباهي ۾ لڳي ويو...

....

زرينہ پوڙهو پيءُ ساڻ ڪري ٽاٽي تي اچي جرڳي خلاف دانهيو ۽ شوڪت ۽ جرڳو ڪندڙن کي غير قانوني جرڳي جي ڏوهہ ۾ سزا ڏيارڻ جو مطالبو ڪيائين، تہ ايس ايڇ او ٿُڦ جواب ڏئي ٽاٽي مان موڪلائي چڏين...

پوءِ ايس ايس پيءَ جو در کڙڪايائون. جنهن زرينہ جي هٿين اکرين لکيل درخواست تي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ ايس ايڇ او ڏي نوٽ هٽي ڏُڻن...

ٽاٽي تي واپس آيا. ايس ايڇ او هنن کي ٻاهر ويهڻ جو چئي،

ايف آءِ آر درج ڪري اڇي زرينہ جي هٿ ۾ ڏني. پڙهي زرينہ "ڏاڍ...ڏُرياس..." ڪندي ٻاهر نڪتي. ٽاٽي جي در تي پيءُ آپي مان نڪري ويو. روڊ ويندن سان مخاطب ٿي رڙيون ڪري چوڻ لڳو "اڙي هي ڏسو هن ٽاٽي تي سَرعام قانون جي لتاڙ. ڇا هن بد مست ايس ايڇ او کي ڪوئي چوڻ وارو، روڪڻ وارو ڪونهي. اسان ايس ايس پيءُ کان نوٽ هٽائي آياسي، تڏهن بہ ارهہ زورائي ڪري اسان جي ڪورٽ پاران جرڳن تي پابنديءَ واري قلم ۾ ايف آءِ آر داخل نہ ڪيائين ۽ انصاف کي پٺي ڏئي، جرڳو ڪندڙن تي پردو وجهي، ٽلهي ڏمڪين جي ايف آءِ آر داخل ڪري چڏي ٿئين. ڪَنَ ڪولي ٻڌي، پُليل آ، اسان اڙ پڙهيا ۽ جاهل نہ آهيون، جو چڏي ڏيندا سونس. ڪورٽ جو در کڙڪائي جرڳي وارن سان گڏ جيستائين جيل جي هوا نہ کارائيندا سونس، سک سان نہ سمهندا سون..."

گھنگھرُ گھٹو تياسِ...!

"توکي ڪيترا ڀيرا جهليو اٿم، ته منهنجي ان ڀيڻ جي باري ۾ ڪا ائوٽي پئڻ ٽي ڳالهه ڪندي اهو سوچيندي ڪر، ته ان مونکي ماءُ ڪري پاليو آ. امان مري وئي، ته ڪل ٽن مهينن جو هيس. ان ويچاريءَ ني جُهڙ ڪيا. رلڪا ۾ ڪيڃا ڏوتا. بابي ب منهنجي ڪري ني شادي نه ڪرايس، جيئن مان رولهڙي جو شڪار نه ٿيان ۾ پاڻ ب اهو سوچي شادي نه ڪيائين، ته ماٽيجي ماءُ جي مُڪ جو اندازو هيس ۾ سندس ب ان ني عمر ۾ ماءُ فوت ٿي وئي هئي..."

"اهو زمانو ته ويو نه هليو ۾ جڏهن تو شادي ڪري آڻي مونکي ڪنوار ڪري گهر ۾ ويهاريو. پوءِ ته هن جي شادي ڪرائڻ جو سوچيين ها نه. پر تو اها ذميواري محسوس نه ڪئي ۾ ويسر ۾ هن کي موٽيل جوانيءَ جي ريل گاڏي ۾ ب رخصت نه ڪيو. تان ته، هي ٽي ٻار ب ٽيا. جن مان وڏو ته اٽن سالن جو اچي ٽيو آهي. ڏوڙ پئي ويَل ويَل کي، جي رڳو تون چاهين ته قابل هاٿي ب گهر وَر واري ٿي سگهي ٿي. وڏيڪ ڇڙڇڙي ب شايد انڪري ٿي وئي آ. پنهنجا ٻار جو نه ٿس، ته ان محروميءَ جون سڃيون ڪَسَرُون منهنجي ٻارن مان ٿي ڪڍي. سڃو ڏينهن وڙهسان ٿس. ڪاءُ چنبو مُنهن ۾. نه اولي جو خيالُ، نه سولي جو. مان ته تنهنجي منع جي ڪري ڪجهه چوندي ئي ناهيانس. پر آنڊن کي ته لَهَسَ اچي ٿي نه..."

"اهڙي ڳالهه آ ته، سمجهائيندومانس. باقي جي چاهيان ب، ته کهڙو نئون ننڍو وَر ڪري ڏيندو سانس. هن جو جنڊو پاڙو بابو مونسان ڪري ويو آ. انکري هر و پر و ڪِروڌ ۾ تون ب نه گُذار. ٻارن کي ڪجهه چوي ٿي، ته انهن کي پاليو ب اٽائين. مان هن کي سڃاڻان. اهي ڪڏهن ب ڪنوڙا ڪونهنس کي. ضرور کي حرڪتون ڪندا

هوندا، جن مان سمجهندي هوندي ته، ٻار ٻڙڪجي ويندا. تڏهن ماريندي هوندن. تون جي ائين سوچيندين ۽ نه، ته پارن کي هن جو مارڻ توکي ٻُرو نه لڳندو..."

"منهنجو ماروٽ جانبُ، جنهنجي زال چار مهينا کن اول مُئي. منهنجي نظر ۾ اها ادي قاپل لاءِ چڱي مائٽي آ. هن کي ٽي جوان پٽ آهن. جيڪي پنهنجي زالن سان خوش باش پيا زندگي گُذارين. جانب زال کانپوءِ مزي سان حياتي نه پيو گُذاري. نويڪلو ٻي زال سان گُذاري جو ڏٺو هُيئين..."

"پاڻ کان پُڇيس..."

"صبحاڻي پڇنديسانس..."

....

پاڃائي زينب جي ڳالهه ٻُڌي قاپل کي ڪي گهڙيون ته ڏڪر چڙهي ويا. پيرن هيٺان زلزلي جهڙي ڏوڏ محسوس ڪيائين. سمجهي ورتائين، ته پاءُ حياتيءَ جو پويون ٻار پنهنجي ڪلهن تي کڻڻ نڻو چاهي. تڏهن ڪنهن چيخ وانگر ورهيه اڳ ماءُ جو چيل ۽ وساري ڇڏيل سهرو دل جي قبرستان ۾ اگربتيءَ جي واس ۾ ويڙهجي گهُليو...

گوڏي تان هٿ کڻي، سڏڪي جهڙو ٽڏو ساهه کڻي چيائين، "جيڪا ادي جي مرضي...!"

...

شادي جي شادمانن ۾ پاءُ قاپل جي وڏن وڏن پارن ۽ اوسارن جهڙي روئڻ مان سئو فيصد سمجهي ويو ته قاپل رڳو هن جي چوڻ ڪري شاديءَ لاءِ هائو ڪئي. جڏهن ته پيريءَ ۾ هن پيڪاڻي گهر ۾ ئي مرڻ ٽي چاهيو...!

...

ستاوڙي تي آئي، ته ڏيڪ ويڪ مان لڳو ته نئين زندگيءَ سان سمجهوتو ڪري ويئي آ. تڏهن اطمينانُ ٽيس. جانب ۾ ايڏومانُ ۽ عزت پئي ڏٺس، جو ڏسي پاءُ اندازو لڳائي ورتو ته حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڏکيو نه ڪندس...

...

ڇهن مهينن کانپوءِ پيٽ ڏي پيرو ڪرڻ ويو ته ڳوٺ ٻاهران ٻنيءَ ۾ ٻين عورتن ۽ جانب سان روئبو ڪندي نظر آيس. من مروڙجي پيس. پيٽس اچانڪ ڏسي ورتس. ساڃي مُنڊ ۾ جهليل مَرايون، ڪاپيءَ ۾ ڪندي، هٿ ڪٽي پاڻ کي ڪيڪاريائين، ته پري هوندي به پاڻس کي لڳو ته ڪائنس ڪا وڏي خطا ٿي آهي.

ڇ جڏهن پيٽس جون اکيون امالڪ پرجي آيون، ته هن مُنهن ٻئي پاسي ڪري، اکيون لڪائي ورتيون. تڏهن اندر جي گوڏي تي افسوس جي مُڪَ وسائي پاڻ سوچيو "جي هيءَ خبر هُجي ها ته، جيڪر ته شادي ئي نه ڪرائجيس ها. خواهمخواه هڏَ چيڪائڻ لاءِ ويچاريءَ کي آزار ۾ وڌم...

پاڻ انهن اندر جي بولاٽين مان پاڻ آجو نه ڪيو هو ته پريان ٻني تي بيٺل جانب هلندو اچي اچي مليس. عجيب نموني سان اکيون پکيون ڪندي ڇ هن جي اکين جا سوال جاچيندي چيائين، "آهستي آهستي ڪري ٻنيءَ جي ڪَمَ ۾ پَڙُ ٿي وئي آ. هونئن سچ پچين ته، شادي ڪري آيس ته دل نه پئي چيو ته ٻنيءَ جي ڪَمَ ۾ اڙايانس. جو خبر آ، ته ٻنيءَ جو ڪَمُ هن بچپڻ کان ڪڏهن ڪيو ئي ناهي. پر پائو حقيقت اها آ ته، پُٽَ پنهنجي سَنڊي سان هِن. نه ڏين، نه وٺن. اڳينءَ زال سان به گُذارو ائين ئي هليو پئي. ويچاريءَ کي وڏي شابس هئي، چنگهي چُٽي به مونسان نپايائين. هيءَ به بُٽيائنتي آ. مَهَلَ ملهائيندي. چو ته ڏسين پاڻ ٿو ته مون ۾ ته هاڻي اهو حالُ ڪونهي نه، جو حياتيءَ جو هي هيڏو سارو لوڏُ پَٽي سگهان. اها زال ئي آ، جيڪا گرهُ ناهي آڻي واتَ تي ڏيندي. ٻيو ڪير ته ڪهڪاءُ ڪري ڪونه کارائيندو نه...!!

تہ پوءِ پاڻ ڇو پنتي رهون...

"او ڇورا، ڪاڏي مري وئين، هيڏي آ، جلدي..."

"سائين، ڀهتو. حڪم؟..."

"وارو ڪر، ٽيبل تي ڪرسي رکي، مٿي چڙهي هيءَ تصوير لاهِ."

"بابا سائين، ڇو!؟ هيءَ تہ اوهانجي ليڊر جي تصوير آ! جنهن خاطر اوهان جيل پوڳيا، سختيون سٺيون..."

"ها، انهي جي پويان لڳي مون گهٽو لوڙيو. سيکجهہ وڃايو. رڳو واريءَ جو پنڊ. رڄ سڄ. ٻُهَ باندِ تي گذر. سدائين تاڪُن جي تاڙ ۾. ساهہ ڪٽڻ بہ ڏکيو..."

"سائين، اهي تہ توهان پنهنجي لاءِ اعزاز چوندا هئا..."

"ڏورَ پئي اهڙن اعزازن کي. مَتِ موڪلائي وئي هئي منهنجي، جوان رڄ سڄ واري سياستدان جي ڪيِ لڳي جوانيءَ ڪان پيريءَ تائين رڳو وڃايو ئي وڃايو ۽ حاصل ڪجهہ بہ نہ ڪيو..."

"سائين، اهو اوهان ٿا چئو!..."

"نہ تہ پڇهين ٿو چئي چا..."

"تہ سائين..."

"تہ جا سڪا، چوانءِ ٿو تصوير لاهِ..."

"لاهيان ٿو سائين..."

ڪجهہ منٽن ۾ پِٽِ تي آويزان ٽيل ليڊر جي تصوير لاهي هيٺ رکي وئي.

"هاڻي هيئن ڪر..."

"جي سائين..."

"رات رضوءَ ايڏي ئي وڏي تصوير اوطاق ۾ آڻي رکي ٽئي، اها

کٽي آ..."

"سائين، ڪنهنجي آ؟..."

"تنهنجو ڪم آ..."

"نہ بابا..."

"پگدار خانصاحب علي گل خان جي آ..."

"تہ، اها هِتِ هٽندئو!؟..."

"اڙي ها، ڇڏاءِ کٽي آ..."

"بابا، اوهان تہ هن کي دونمبري ۽ الائي چا چا چوندا رهيا آهيو..."

"اجايو وات پئي وڃايو. مس مس تہ عقل جو ڏڳ مليو آ. جنهن لاءِ مان پليڏني جو وڏو شڪر گذار آهيان. واهَ جي ننڍپڻ جي ياري ملهائي اهو سُرُ ناهيائين..."

"تہ، اوهان انهي جي پارٽيءَ ۾ رويا هِيو چا!؟..."

"ها..."

"سائين، اها پل نہ ڪريو. ماٺو هن کي چڱو ڪونہ ٿا چون. پنهنجي هر اقتداري دور ۾ هن ملڪ جي وڏي پينگ ڪئي آ. هر ڪاتي ۾ لُٽِ مار ڪيائين. نوڪريون لکن ڪروڙن ۾ وڪيائين. اسپتالن ۾ ٽڪي جي ٽِڪي بہ مريضن کي نہ ڏياريائين. نقلي دوائون، زهر جهڙو پاٽي، ڪمند وارن کي لئيون، فصلن جا اگهہ ڪونہ، روڊ رستا ٽنل، رشوت دينا داستي، اربين کربين ريپا پيٽ ۾ هڙپ، هَئِ هَئِ، چا نہ ڪيائين سائين اسان ماٺهن سان، ٻڌايو تہ...؟!"

"وڏو بڪواسي آن. جيستائين بَڙِ بَڙِ ڪري اندر جو اوبر نہ ڪڍين، سڪون نہ ايندو ٿئي. هاڻي اڳتي زبان بند، شاباس، هل تڪڑو کٽي آ تصوير..."

"سائين، اها بہ اِتي ساڳي جاءِ تي لڳايان؟!..."

"اڙي ها بابا، اِتي ئي. چوتہ منهنجو ليڊر هاڻي اهوئي آ.، اهوئي. جنهن لاءِ ماٺو پلي چا بہ چون، پر هيلوڪي اليڪشن ۾ بہ مونکي پڪ آ تہ چونڊجي اهوئي ايندو ۽ جيئن ئي چونڊجي ايندو تہ وزير نہ تہ،

صلاحڪار ته ڪندو ئي. پوءِ پاڻ به حياتيءَ ۾ پهريون دفعو ونڊاسين اقتدار جا مزا ۽ ميڙيڏاسين مال. هونئن به اڃڪلهه ٽِلهِ تي خلق جي خدمت ۽ نظرياتي سياست جو زمانو ڪونهي. اڄ پنهنجي خدمت، يعني پنهنجي ئي پيٽ ڏي ڀُوهَ ڏيڻ واري سياست جو زمانو آ. جڏهن اهو سيڪجهه اکيون پٽي نه، پر هوٽي به ڏسون پيا ته پوءِ پاڻ چو پٽتي رهون..."

وحشي وهڪرو...!

"غلط ڳالهه نه ڪريو. ان ۾ رخسانه جو ڪهڙو ڏوهه آ، جو..."

"برابر رخسانه جو ڏوهه ناهي، پر هوءَ خراب ته ٿي نه...؟"

"هن سان ظلم ڪرڻ وارا اهي به نڙو ڇورا هئا رمضان ۽ صابو. جن هن کي اسڪول کان موتندي اغوا ڪيو ۽ سپاهي صالح جي اوطاق تي هفتي تائين زيادتيءَ جو نشانو بڻايو. جتان هوءَ رات جي اونداهيءَ ۾ تنهي درندن کان اک بچائي نڪري آئي. جنهن کانپوءِ اسان هن کي پريس ڪلب وٽي احتجاج ڪرايو ۽ رمضان، صابوءَ ۽ صالح کي قابو ڪرايو. جيڪي جيل ۾ آهن ۽ جن جي پوين کان اسان فيصلو چڪيو آ..."

"ائون هي جيڪو چوريءَ کي ڇهن مهينن جو حمل ظاهر ٿيو آ، ان لاءِ ڇا ٿو چوين؟..."

"ان کي رهڻ ڏيو. ڪيس ۾ اهو پڙ هنن کي ڳڇيءَ ۾ پوندو ۽ جڏهن ٻار هن جهان ۾ ايندو ته قانوني طور ڊي اين اي ڪرائيندا سين. تنهي مان جنهن جو ظاهر ٿيو رخسانه جي ان سان شادي ڪرائيندا سين..."

"الائي ڪهڙي خيالي جهان ۾ ٿو رهين. ٻڌاءِ، نڪ ڪٽي گهمي سگهبو؟..."

"ها، چونه گهمي سگهبو..."

"تون ٻار آن. زماني جي عزت ۽ ذلت جي معيارن جي توکي خبر ئي ناهي. انڪري بابي ۽ مونکي اهو چُٽو ڏوئڻ ڏي. نه ته ست ئي پيڑهيون پيون پُڀيون..."

"ڪونه پُڀيون. هر وير وڇلَ جي ڏهڙ ۾ ٽپو نه ڏيو..."

"تون منهنجو صدورو پٽ آن نه، ڳالهه کي مغز ۾ ويهار. غيرت جو مسئلو آ. انڪري اسانجو ڇا ٻه ٿئي، مُنهن ڏيندا سين. پويان گهر جي سنيال جو ذمو توکي ٿو سونپيان. مڙس ٽجاڻ..."

"پر بابا..."

"چُپڙي ڪري سمهه. هي منهنجي پٽڪي جو قسم ٽُٽي. چُون چران نه ڪر..."

پيءُ اهو چئي وڏي ياءُ کي وٺي گهر مان نڪري ويو...

.....

"اڙي، اهو در اندرئون بند ڪر..."

"چاهي چاچا؟، چوٽا در بند ڪريو..."

"غيرت جي خاطر. جيڪا هوڙي ۾ پيٽ ۾ اهو گند جو ڊير پالي تون اڄا تائين اکيون کٽي گهمين ٿي..."

"بابا..." رخسانه اپ ڦاڙ رڙ ڪئي.

"ڪنهي پٽهين. هوٽ ٻڌي وڻ سان ٻڌي آيا هيون بيغيرت کي. چوي پيو ڏيءُ معصوم آ، هُون..."

"گهل ڏي. بچايو بچايو..."

"ڪوئي نه ايندئي. ياءُ ته اڳ ۾ ئي ڪونهئي. باقي ماڻهين الله وٽ پهتل ۾ پٽهين ٻڌل آ. اجايو رڙيون نه ڪر. پٽ، هيڏانهن، تڪڙو اچ. قابو ڪيو ٽمانس. آءِ..."

"چاچا، هي پوتي ميڙ ٿي. مونکي..."

"اڙي، اها پوتي کٽي وجهينس نڙيءَ ۾..."

"پائو نه. مان تنهنجي وڏي سٿوٽ. پيٽ..."

"ها، او ائين. هاٿي ڏئينس وکڙ. شاباس، هٿن کي سُڪ ڪري لڳاءِ زور..."

رخسانه چاچي جي هٿ ۾ چَڪُ هٽڻ چاهيو. پر وات پهچي نه سگهيس...

۾ پوءِ پوتيءَ جي وکڙ وارو زور وڏي ويو. رخسانه جا ٽوڙا باهر نڪري آيا ۾ زندگي وجود مان نڪري، مهين جي دڙي جي مهذب ۾ "اديون عبدالطيف چئي..." جي امن پسند ڏرتيءَ تي انساني حقن جي پيل جو هڪ نئون داغ چڏي وقت جي وحشي وهڪري ۾ وهندي، لڙهندي، آسمان ڏانهن اڏامندي وئي...!!

جڏهن پوليس ڏهي نه...!

"اسان پاڻ ۾ ڏهي ويا آهيون."

"ڏاڍو پلو هونئن به ناهَ ۾ مزو آ. وڙهڻ ته ڪتن جو ئي شيوو آ. ماڻهن کي ته پاڻ ۾ ميڙ محبت سان ئي رهڻ گهرجي. پر ناهَ ڪَيُو الائي ڪيئن؟"

"وڏيرو وچ ۾ آيو جنهن فيصلو ڪيو."

"فيصلي ۾ ڪا چَٽي چُوٽي به پَيَو چا؟"

"ها، ادائي لَکَ رپيا. هاڻي ڪير ڪنڊ آهيون."

"صحيح آ."

"ته توهان به مهرباني ڪري ماڻهو ڇڏيو نه."

"راضي نامو لکت ۾ آندو ٿئي؟"

"هائو هي حاضر آ."

"رُکُ ٽيبل تي، ٻيو..."

"ٻيو چا؟"

"قانوني پيچيدگيون، جيڪي رڳو اسانکي ئي حَل ڪرڻيون آهن."

"مون نه سمجهيو."

"سپ سمجهين ٿو."

"سچ پچ نٿو سمجهان."

"ٽاٽن سان اڳ ۾ ڪڏهن واسطو پيو ٿئي؟"

"نه، هي پهريون دفعو آ، جو عمر ئي امن سانت سان گذاري آهي. هي ته چوڪرن چوڪراٽي ڪئي، نه ته..."

"اڇا!، تڏهن ٿي پل ٽيئي."

"ڪهڙي پل، اوهان ڳجهارتن ۾ نه، سِڌو سمجهايو نه سائين."

"هي تہ توهان جي ناهہ جو چئو آ، باقي اسانجو؟"

"توهان جو معني؟"

"صفا کوہاڑ آن الائي چا..."

"صوبيدار صاحب، توهان چڏيو مان سمجهايانس ٿو."

"جمعدار، سمجهي هي بہ ٿو پر آلي ٿو."

"نہ سائين، توهان جيڏو بہ قسم ڏيو مان کونہ ٿو سمجهان."

"جمعدار کنن مان کڏيس کپهہ ۽ چگي‌ۂ طرح سمجهائينس."

"کُراڙا، هيڏي عمر کاٽي آندي ٽئي؟"

"اتيئي، پنهنجي ڳوٺ ۾."

"تہ ٻڌ چگي‌ۂ طرح. اسانجي مالَ پاڻي‌ۂ جو بندوبست کَر. نہ تہ هي سکڻو راضي نامو قبوليت جوڳو ناهي."

"قبوليت جوڳو ناهي!"

""ها، قبوليت جوڳو تڏهن ٿيندو جڏهن پوليس ٻهندي. معني‌ۂ لکُ رپيا هن سان گڏ ڏيندين، نہ تہ قانوني کارروائي ٿيندي. چو تہ جهيڙي ۾ هڪ نہ پر ہن جڻن جا متا قاتل آهن. آيئي سمجهہ ۾...!!"

سنهڑو ڪپڙو ۽ سليماني ٽوپي

چئوياريءَ ۾ بحث جو موضوع سنهڙي زئي جهڙو اهو ڪپڙو هو جيڪو چين جي هڪ شخص ايجاد ڪيو هو ۽ جنهن جي پائڻ سان ماڻهوءَ جو پوري جو پورو وجود غائب ٿي وڃي ٿو.

"سليماني ٽوپي ته وڏڻ واتان ٻڌي ۽ پڙهي سي، جيڪا چوندا هئا ته پائڻ سان ماڻهو جِنَ وانگر گم ٿي ويندو هو."

"بروبر، پر اهو ته انسان جو تصور هو جڏهن ته حقيقت جي جهانَ ۾ اهڙي ڪا ٽوپي هئي ئي ڪونہ."

"ته هيءَ پيدا ٿي آ نہ، جيڪا سمجهہ کان مٿي ۽ تمام وڏي ڳالهہ آ. واه ڙي انسان، تنهنجي سوچ. قدرت ان ۾ ڪيئي ڪائناتون سمائي چڏيون آهن. انت شمار ڪونهي بابا، ڪونهي."

"ان چيني همراه کي لک آفرينون. اهڙو ڪپڙو ايجاد ڪري سچ ته اسان پارن جي اپاهج خواهشن کي بيساکي ڏئي چڏي اٽائين. سا بہ اهڙي، جو ڏهہ ئي آڳريون گيهہ ۾. سپ سڀايون ٿي ويندينءُ."

"ڪيئن؟"

"جڏهن بہ اهو سليماني ٽوپيءَ وارو سنهڙو ڪپڙو چين مان هلي منهنجي هٿن تائين رسندو نہ، ته خبر ٿئي مان سپ کان اڳ ۾ ڪهڙو ڪم ڪندس؟"

"ڪهڙو ڪندين؟"

"ستن ڪوٽن ۾ قيد پنهنجي محبوبہ سان وڃي ملندس، ڪيس اتان باهر ڪيي بنا دير جي نڪاح ۾ آڻي پنهنجي ڪنوار بڻائيندس."

"۽ جي مالڪ مونکي بہ اهو ڪپڙو ڏياريو نہ، ته مان ورءِ، اهڙو ڪم ڪندس، جو صدين جي سينواريل تاريخ، پاڻيءَ جو تازو

وهکرو بڌجي پوندي. ظلم جو سڄي ديس ۾ نالو نہ رهندو ۽ هر پاسي سک ۽ سلامتيءَ جون هوائون ئي پيون گهُلنديون."

"ڪپڙي ملڻ سان اوهانجي انهن سيني خوابن جي ساڀيا هڪ پاسي،" ٻيڙي رحيم نظر جي چشمي مان سيني ڏانهن ڏسندي چيو. "پر اصل حقيقت کي چوڻا وساريو. ته ڪپڙي جي ان ايجاد کانپوءِ اتان جي هڪ وزير چيو آهي، ته اهو ڪپڙو پائڻ سان جنگي مقصدن ۽ وڏيون ڪاميابيون ماڻي سگهجن ٿيون. جڏهن ته ڪن وري اهو خدشو ب ڏيکاريو آهي ته جي اهو ڪپڙو ڏوهارين پائي ورتو ته پوءِ ڇا ٿيندو....؟!"

واهَ جي سرڪار آ....!

پٽ جي حياتي بچائڻ لاءِ پوڙهيءَ وٽ جڏهن گهر ۾ ڪپائڻ لاءِ ڪجهه نه بچيو ۽ نه ڪنهن کان وڌيڪ قرض کڻڻ جو دڳ رهيس تہ ننهن کي پريل آواز ۾ هٿ ٻڌندي چيائين، "جي هنيانو تي پٽر رکي سگهين، تہ اجازت ڏي تہ...."

پوڙهي وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهي. لفظ نڙيءَ ۾ ڦاسي پيس ۽ اکين مان ڳوڙها ڳڙي جهري جي گهنجن ۾ لهندا ويس.

"چٽ امان، الائي ڇا جي اجازت ڪپئي؟" ننهن سندس مُنهن ۾ ڏسندي ڏکاري لهجي ۾ پڇيو. "ڏيءُ راڻيءُ جي. ان کي ڪپائڻ ڪانسواءِ منهنجي سوچ ۾ هاڻي ٻي ڪا به واهَ ڪونهي. مڙس حيات هوندئي تہ ڪيئي راڻيون جڙيندين....." پوڙهي اوچنگار ڏئي هڪ ساهيءَ ۾ چئي وئي.

"جيڪا تنهنجي مرضي امان. پلي وڃي ڪپائيس..." ننهن ٻئي هٿ مُنهن ۾ ڏئي گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي اندريئين ڪوٺيءَ ڏانهن هلي وئي.

"نہ امان، نہ. ائين نہ ڪر." بيمار پٽ ٿوٿين ۾ سڏو ٽيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي ڪٽ تان ٻاڏايو.

پوڙهي هن کي ٻڏو اڻ ٻڏو ڪري گهر جي آڪر تي گڏين راند ڪيڏندڙ ڇڻن سالن جي اڪيلي پوٽيءَ کي هٿ کان پڪڙي ٽڪڙ ۾ گهر کان ٻاهر نڪري آئي.

چوڪ تي پهچي پوڙهيءَ سڏڪو پيئندي هوڪو ڏنو "آهي ڪو جو مونکان پوٽي وٺي. پنجاهہ هزار...چڙن پنجاهہ هزار رپين ۾. جيڪي پٽ جي علاج لاءِ کپن ٿا...وڌيڪ نہ...رڳا پنجاهہ هزار..."

چوڪ تان گذرندڙ هڪ ماڻهوءَ نڪ تي آڱر گسائيندي پاڻ سان گڏ هلندڙ کي چيو" واهَ جي سرڪار آ. جيڪا علاج عيوض مسڪينن کان ٻچا پئي ڪپرائي...!!"

عزت...!

"مون تي هڪ ڪٽڻ جو حق جڏهن توکي به ناهي، تہ تنهنجو پاڻ کهڙي باغ جي مُوري آ، جو مون تي هڪ ڪنيو ٿئين..."

"غلطي انسان کان ٿيندي آ. هن جي بدران معافي مان ٿو وٺان. گهر هَلُ."

"اهڙي جهنگلي گهر ۾ مان مرندي مري ويندیس، اصلي واپس نہ هلندیس..."

"ڇڻ جي صدقي. انهن تي رحم کاءِ..."

"ڇا عزت تان گهوريا. مون مُئا سهايا..."

"خيرُ گهُرَ. الله سلامت رکين. چئني ماني ڪونہ کاڏي ٿئي..."

"پاڻ ئي کائيندا. ٻڌائين وڃي، تہ توهان جي ماءُ مري وئي..."

"عقل ڏار. مون تي ماٺهو نہ ڪِلاءِ. جي گهر جو جهيڑو اخبار جي خبر بڻيو تہ يا عمر ڪنهن جي آڏو ڪنڌ ڪٽي نہ سگهندس..."

"منهنجو فيصلو اٽل آ. گهر مان نہ هلندیس، مرندیس تہ ڪٽولو دارالامان مان ئي کڄندو..."

"صوبيدار صاحب، توهان سمجهايوس..."

"سمجهايو ٿمانس سائين، وڌيڪ زور اسان نٿا ڪري سگهون. قانون اهڙي اجازت نہ ٿو ڏئي. باقي توهان جي ڀالهين ۾ اچي ٿي، تہ اسان جون اکيون ٿڌيون. اوهان پروفيسر آهيو. مونکي اوهان لاءِ لک عزتون آهن. جنهن ڪري ئي هي ٽورو موقعو ڪيڊي ڏنو ٿمانو. پر نہ راضي ٿيندي تہ، اسانکي مجبورن اچوکي تاريخ ۾ ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻي آ..."

"اوهہ، مونکي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. چگو ڀلا، ايتري اجازت ڏيو تہ گهران چڪر لڳائي اچان..."

"پلي، پر ڪلاڪ کان وڌيڪ مان نہ ترسندو سانوَ!..."

"مان گھٽو وقت نہ لڳائيندس. جلدي ايندس..."

"ٺيڪ آ..."

.....

"هي ڏس، احمد کي وٺي آيو آهيان. پشبمان آ. معافي ٿو گھري..."

"مان سچاٽانس ئي نٿي..."

"پاڃائي، تون منهنجي ماءُ آن..."

"مان پنهنجي ٻارن جي ئي ماءُ ناهيان، تہ تنهجي ڪھڑي حساب ۾؟ وچ پنهنجو دڳ وٺ..."

"مون کان عظيم غلطي ٿي آ. بخش ڪر..."

"غلطي نہ، تو پنهنجي غيرت ڏيکاري."

"بابا، ٻہ منٽ ماني ۽ ٻہ ليٽ ٿي، تہ ڪھڙي اربع خطا ٿي. اڙي، ايڏو آپي کان نڪري وئين. ٻڌاءِ ابي ۽ امان مرڻ کانپوءِ ڪنهن پالي تاتي وڏو ڪيئي، انهي نہ ۽ انهي سان..."

"ادا، الائي ڪھڑي محرومي ۽ مونکان ماڻھپو ڪسيو. هاڻي جيڪا سزا وٺيَو مونکي ڏيو. مان اف نہ ڪندس..."

"پرچائينس."

"پاڃائي، هي ۽ توپي ٿو لاهي رکان. معاف ڪر..."

"مان ادا نہ رهنديس اوهان جي گھر ۾. چيم نہ. هڪ دفعو عزت لٿي، لٿي. واپس نہ ايندي. مان دارالامان ويندیس..."

"تہ، مونکي جڏهن نوڪري ملندي ۽ شادي ٿيندي تہ ميندي ڪير هٽندو پاڃائي!؟"

اهو چئي ڏير اوچنگار ڏني، تہ مڙس جي اکين مان بہ لڙڪ پاڻمرادو وهي آيا.

ان وقت نائين درجي ۾ پڙهندڙ هن جو وڏو پٽ هن ڏانهن وڌي آيو ۽ پريل اکين سان چيائينس، "امان، هل نہ گھر..."

برف رجي پئي. پٽ جي اکين ۾ هوءَ وڌيڪ نهاري نہ سگھي.

اوچنگارون مست چولين جيان سيني مان اُبڙڪا ڏئي نڪري آيون. پوءِ لڙڪن جي ٻوڏ ۾ حواس وڃائي، ڳراٽڙي پائي ڇڙ ٽ چري ٽي پٽ کي چوندي وئي، "هلان ٽي بابا، هلان ٽي... توهان تان منهنجي عزت گهوري منا پٽ، گهوري...!!"

ڏسجانءِ ويٺو...

"ترس تہ سهي، هيءَ نہ جيڪا نوجوانن ڀڻي هاري آ، اها چگن پلن جا سِرَ رلائيندي ادا، ڪا گهٽِ ٽيندي چا!؟..."

"مونکي بہ لڳي ٿو تہ باهِ وڏندي. هي سڀ جا سڀ اڳوڻا وزير ڪبير ڪنهن بہ صورت ۾ سازگاريءَ سان هيلوڪي اليڪشن مهم ڪونہ هلائي سگهندا. ڇو تہ نوجوان اکيون ڦوٽاريون ٽچ اسڪرين موبائيلن کي بندوقون ٻڌايون بينا آهن..."

"برويو، ان جا مثال منٺ منٺ ۾ اکين اڳيان آهن. ڏسون وينا تہ مڙس تيل ڦليل ڪري جڏهن پنهنجي تکن ۾ وجن ٿا، تہ ماڻهو صفا ليکا لنگهي انهن کان اهڙا اهڙا سوال ڪن ٿا، جو رب پيو پناهہ ڏي. ڪوڪنهن کان پڇي ٿو، وزير هئين تہ اسان کي ڳوٺ جو رودِ ڇو نہ ٺهرائي ڏنئي؟ ڪو پڇي ٿو، اسڪول ۽ اسپتالون ڇو ڪونہ تعمير ڪرايئي؟ ڪو چوي ٿو، اسانکان ووٽ ونڻي پنج سال اسانکي آسرن ۾ رهائي، نوڪريون ڪپائي جاوا ڪيئي. ڪڏهن لڙي اچي ڪا پٽيوالي بہ ڏنئي؟ ۽ ڪڏهن تڏي مَنهَ تي اچي پچيئي سهي، تہ ڪهڙي حال ۾ آهيو، پوليس ڪيئن ٿي هليوَ سرڪاري اسپتال ۾ علاج معالجو ٿيئوَ ٿو يانہ ۽ دوا درمل مليوَ ٿي يا نہ؟ جڏهن ائين صفا لاتعلق، نہ ڏکيءَ جو نہ سکيءَ جو، صفا ٽڪر جو ٽڪر، تہ ڪهڙي مُنهن سان وري ووٽ ونڻ آيو آن، هان...!؟ بس پوءِ تہ همراهن جي حالت ڏسڻ جهڙي آهي. سڄي جي سڄي استري خراب ٿي ٿي وڃين. وَتِ وَتِ ڪري جان ڇڏائڻ ۾ آزرتا ٿا ٿين... انهن سخت پچاڻي وارن منظرنامن کي جتان ڪٽان نوجوانن هٿ سڌو ڪري موبائيلن ۾ رڪارڊ ڪري سوشل ميڊيا تي رکڻ جي جڙ تہ تحريڪ هلائي ڇڏي آهي..."

"ها ها ۽ ان اوچتي هليل غير منظم، پر هاڻي منظم ٿي ويل

تحريڪ ويچارن جي سموري ڪارپٽ، نٽ ٽانگر ۽ ايڊمبر ڪي ننڍڙي اسڪرين وارين موبائيلن مان الڪن ملڪن ۾ ڏوڙ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪري رهي آهي..."

"تڏهن ته مان انهن ڪي موبائيلون نه، ڪيسن ۽ ڪنيل ننڍڙيون ننڍڙيون تي ويون چوندو آهيان. جيڪي سوشل ميڊيا جي پليٽ فارم تي جڏهن به ڪنهن اشوءَ تي ڪو ممٽ مچائي وجهنديون آهن ته دنيا جي ڪابه طاقت انهن ڪي روڪي نه سگهندي آهي..."

"لک جي ڳالهه ڪيئي. نوجوانن جي موبائيل مان هاريل هيءَ بُنڊي سوشل ميڊيا ذريعي جهنگ جي باهه ٻجهي، هن اليڪشن تي وڏي پيماني تي اثر انداز ٿيندي. شل، اڳوڻن حاڪمن مان هن آڳاهه مان ڪوئي بچي نڪري..."

"ڪير ڪونه بچندو. چوندا آهن، سچ جي هيڙي لڏندي آهي، ٻڏندي ناهي. سو انهن مان ڪو سچار هجي ته بچي نه. سيني ۾ن اکين جي ساهمين ۾ نڪ جي ڳاڻيءَ ڪي سنئون نه رکيو ۽ پيڙ ڪي وڏائي، نڪ ان ۾ وڃائي آيا، ته ڪاڏهن بچندا پائو..."

"يار، ڪري حد ڇڏياڻون. ملڪ جي ايتري پينگ، سا به جمهوري دور ۾، پنهنجي عياشين ۽ آسائشن لاءِ نسلن جا نسل صدين تائين قرضن جي ڏبڙ ۾ اڇلي، سرخرو ٿي نڪري آيا ۽ وري ووٽ ونڊ لاءِ پٽڪا ٻڌي اڇي پهتا آهن، ته انهن جي فِتنگ موبائيلن وسيلي نوجوانن جيئن خراب ڪرڻ جو طوفان کڙو ڪيو آهي، ته لڳي ٿو ته جتي به هٽ نه ايندن ۽ نه ئي وري مهانڊو ٿي ڪنهن اليڪشن ۾ بيهڻ لاءِ اڳتي ڪڏهن سوچيندا ئي..."

"مونکي به انهن جي مستقبل جو نقشو هوبهو ائين ئي ٿو نظر اچي. هونئن به سياست کي سوشل ميڊيا جي اچوکي اک پتيل جهان ۾ جاڳندڙ نوجوان هاٿي مڪاريءَ جي ويس ۾ هلائڻ نه صرف ڏکيو، پر ناممڪن پڻ بڻائيندا ۽ اهو رڳو اسان وٽ نه ٿيندو، پر سڄي دنيا کي ا ن آخر ان جي ليپيٽ ۾ اچڻو ئي اچڻو آهي، ڏسجانءِ وينو..."

ڏاڍو ڪاتو...!

صبح جو ٻار ماسٽر ۽ هيڊ ماسٽر مقرر وقت تي ڳوٺ واليڏني جي اسڪول ۾ پهتا، تہ ان جي آڏو ۾ ڪلاسن ۾ وڏي تعداد ۾ مينهون، ڳئون ۽ ٻڪريون ٻڌل ڏٺائون. جن تي پنج هٿيارن سان ليس ٽيل سپاهي اندر ۽ ٻاهر مُڪ گيٽ وٽ پهرو ڏئي رهيا هئا!

"هي مال هتي ڇو ٻڌو ٿو؟" هيڊ ماسٽر گيٽ تي بيٺل هڪ سپاهيءَ کي مخاطب ٿي چيو "ڪيو هنن کي جلدي جلدي هتان تہ جيئن اسان پنهنجي اسيمبلي ڪري اسڪول هلايون."

"اسڪول اڄ نہ هلندو. صوبيدار صاحب جو حڪم آ." سپاهيءَ رُکائيءَ مان وراڻيو.

"ڇا جو حڪم؟ اسان صوبيدار جي ماتحت تہ ناهيون. اسانجو محڪمو..."

"محڪما نہ سمجهاءِ." اتي بيٺل ٻئي سپاهيءَ سخت لهجي ۾ وچ ۾ ڳالهائيندڙ هڪ ماسٽر جي ڳالهہ کي ڪٽيندي چيو "اسڪول سرڪاري آ ۽ اسان ٻہ سرڪار آهيون."

"اوهان سرڪار آهيو. مجون ٿا. پر هي اسڪول آ. ٽورو ٽڏيءَ دل سان سمجهو ۽ ويچار ڪريو..." هيڊ ماسٽر نرميءَ سان ڳالهايو.

"ايمرجنسي آ. تڏهن صوبيدار تالو ٽوڙائي اڌ رات جو مالُ هتي ٻڌرايو آ." ساڳئي سپاهيءَ چُڙڪَ سان چيو.

"ڇاجي ايمرجنسي؟"

"ڪالهہ شام جو ڳوٺ رب رکيي جي ٻن برادرين وچ ۾ جرڳي ڪانپوءِ وري ڪنهن معمولي ڳالهہ تان تکرار پڙڪيو تہ بنا ناغي جي ڇهہ ست ڪلاڪ هڪٻئي تي فائرنگ ڪيائون. اسان کي ٽڏي تي اطلاع مليو. پر پرائي باهہ ۾ خوامخواه ٽپڻ کان صوبيدار جهليو. پوءِ

جڏهن ٻنهي پاسن جا اٺ ڏهه ماڻهو مارجي ويا ۽ جهيڙو نريو ته صوبيدار صاحب جي ڪماني‌ءَ ۾ هلان ڪئي سي. ڏوهاري ڪسڪي ويا ۽ هٽ نه آيا تڏهن مالُ ماري آياسون. جيڪو صوبيدار صاحب ويجهر ۾ ٻي ڦهر نه ڏسي هتي بيهارڻ جو حڪم ڪيو."

"صوبيدار صاحب کي ائين نه ڪرڻ ڪپندو هو. هي اسڪول آ، ايترو ته سوچي ها."

"اسڪول آ ته چاڻي پيو. تنهنجي ذاتي ملڪيت ته ڪونهي نه. سرڪاري آ ۽ اسان به سرڪار آهيون...."

"سرڪار آهيو انهي کان ڪير ٿو انڪار ڪري. پر مالَ اسڪول ۾ بيهارڻ غلط آ. اهو ڏڪ تي ڪاهي وڃو نه."

"ڪاهجي ويندو."

"ڪڏهن؟"

"شام تائين؟"

"ڇ اسڪول؟"

"انهي کي اج موڪل آ، صوبيدار صاحب جي حڪم تي. سئو ڳالهين جي هڪ ڳالهه."

سپاهي‌ءَ ايترو چئي مُنهن ٻئي پاسي ڪيو ته هيڊ ماسٽر ٻارن ڏي ماسترن کي مخاطب ٿي چيو "هلو بابا، پنهنجي پنهنجي گهر. هي ڏاڍو ڪاتو آ. ان سان ڪير پُڄندو....!"

ٽي زالون ٽيهه جريب....

"ڪڏهن ٿو ٽين شادي ڪرين؟"

"ڏاڏيون ووڙون ڏنيون ٿر ادا، پر ڪائي ڪَمُ نٿي ئي نڪو."

"تہ پھرينءَ کي ڪَيُ نہ ڪھاڙيءَ مان. ڪنھن سئوکي تي الزام ھڻندين تہ ہہ سگ ۾ ڪجھ لَکَ، جرگي جي خرچ کانسواءِ آرام سان ڪڍي وڃندين."

"نہ يار، پھرينءَ سان درياھہ جيڏي دل آ. مارڻ جو سوچي ہہ نڪو سگھان."

"تہ ہي پلا، يا اھا ہہ پياري ٿئي؟"

"ھا. ہيءَ کي ہہ ڏسندو آھيان تہ دل قرار ۾ نہ ھوندي آ. ہيو تہ ہئي پنھنجي پنھنجي حصي جا ڏاھہ ڏاھہ جريب بنا ڪمي پيشيءَ جي آباد ہہ مڙس ٽي ڪيون ٻيٺيون آھن."

"تہ پوءِ تہ حياتي ويھن تائين رھجي ويندئي. ڳوٺ جي مردن وانگر ٽي شاديون ڪري ٽيهہ جريب ڪڏهن ہہ حاصل ڪري نہ سگھندين."

"دعا ڪر. ڪوشش جاري آ. پر سچ پچين نہ، تہ اھي ويھہ جريب ہہ مونلاڻ گنجُ ٽئي. بنا ھڈُ ھڻڻ جي زالن جي محنت سان اچو لٽو اڇي ماني کائي شڪرانا ٿوادا ڪريان. ٽينءَ لاءِ ہہ برادريءَ ۾ تہ وسئون نہ گھٽايو ٿر. پر ڪٽي پير ئي نڪو ڪُپي. جڏهن مالڪ مھرباني ڪئي تہ ڳوٺ جي مردن سان ضرور ھيسي جيسي ٽيندس."

"برادريءَ ۾ واھہ ڪونھئي تہ ڏارين ۾ ئي ڳول. مطلب تہ ھر پاسي کان چَٽو چَوا ڪراءِ. ہيو نہ تہ ملڪ ۾ دلالَ تہ آھن ئي، انھن مان ڪو ھَٽِ ڪر. پنھنجا ہہ رپيا وڃندو تنھنجو ڪم تہ چڙن پنجاھہ سئ ھزارن جي ٽڪن تي ئي ڪائي ڏهي ويندو نہ. پوءِ ٽيهہ جريب ھوندئي

ته شاهوڪار ته ٽيندين، پر تر ۾ ٻين سنئون مُنو وڏيرو به سڏبين. ٻني ته ٻن ٻين وانگر اها تين ڪنوار ئي آباد ڪندئي. پاڻ کي ته هيئن ئي ڪَکُ ٻيٽو ڪرڻ کانسواءِ هوٽل تي چانهيون ئي پيئڻيون آهن ۽ سگريٽ ڦوڪي، ڏاڙون ڏُچون هٽي مزي سان حياتيءَ جي گاڏي کي اڳتي ڌڪڻو آهي...!!"

شاھ لطيف ۽ لنڊن!

"شابس آھي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر اسڪولس کي، جنھن کجھ ڏينھن اڳ ريجن جي نَوَن ئي ضلعن جي اسڪولن ۾ "لطيف شناسائي" جو ھفتو ملھرايو ۽ لطيف بابت بنيادي سوالن جي چٽاپيٽي، لطيف جي فن ۽ فڪر تي تقريرون، شعري مقابلا، خطاطي ۽ ڊرائينگ کانسواءِ لطيف جي وائي گائڻ جا ۽ مقابلا کرايا."

"يارَ واھ، لطيف جي فن ۽ فڪر کي اسڪولن اندر ان طرح سان متعارف کرائڻ واقعي ۽ ڏاڍو ساراھ جوڳو ڪم آھي."

"۽ ٻيو ھڪ، چون تَ ان مان وڏو فائدو اھو ٿيو آ تہ استادن ۽ لطيف کي پڙھڻ شروع ڪيو آھي."

"اھا تہ اڃا ۽ پلي گالھ، تہ استادن ۽ لطيف ڏانھن موڙ کاڌي آ.، جن پنھنجو اھو فرض وساري، نئين نسل کي مڪمل طور تي لطيف جي ڄاڻ کان محروم رکيو آھي."

"مان تہ ان کي استادن جي حوالي سان موجوده دور جي وڏي ۾ وڏي مجرماڻي غفلت چوندو آھيان. ڇو تہ لطيف سنڌ جو تہ عظيم شاعر آھي ئي، پر ڏيھي تورَ پر ڏيھي عالمن ۽ اڪابرن ھن کي عالم جي عظيم شاعرن جي علم جي جھانَ جي وڏي چنڊ ڇاڻ کانپوءِ انھن کان ۽ وڏو ۽ سڄي دنيا جو عظيم کان عظيم تر شاعر قرار ڏنو آھي. انڪري ھن جي عظمت جي روشني اسانجي نئين نسل جي ذھنن تائين رسندي رھڻ تمام گھڻي ضروري آھي."

"پائو سچ اھو آھي تہ مان ڪاليج جو سنڌي شعبي جو استاد آھيان. پر پنھنجي اٺاويھ سالہ پڙھائيءَ جي تجربي ۾ منھنجي ڪلاسن ۾ ڪوھ ڪ اڌ شاگرد ئي ھوندو آھي، جنھن کي مشڪل سان لطيف جا ھڪ ۽ بيت ياد ھوندا آھن. نہ تہ سڀ جا سڀ شاھ سائينءَ

کان اڻواقف هوندا آهن. تڏهن مان انهن تي ڏوهُ ڏيڻ بجاءِ اسکولن جي انهن استادن کي ڏوهي چوندو اهيان، جن پاڻ لطيف کي نہ پڙهي نئين نسل کي ب پنهنجي عظيم ورثي کان واقف نہ ڪري انهن جي ذهنن کي اهڙو زنگ لڳائي ڇڏيو آهي، جنهن کي صاف ڪرڻ جي اميد وقت جي وڏي وڏيءَ سان لاڳاپيل آهي."

"جيڪڏهن ان ڊئريڪٽر وانگر اسانجي سيني درسگاهن جا سربراهه ان طرح جا "لطيف شناسي" هفتا ملهائڻ جو رواج وجهن ۽ استادن کي شاهه جو رسالو پڙهائڻ جو پابند بڻائن تہ لطيف ۽ سمايل هزارين علمن جا موجزن سمنڊ نئين نسل جي ذهنن ۾داخل ٿي، انهن کي ڪيترن ئي ماڻڪن ۽ موتين سان مالا مال ڪري سگهن ٿا."

"تعليم ڪاتي سان گڏ اها ذميواري سنڌ جي ثقافت ڪاتي کي ب نيائڻ ڏاڙجي ۽ سنڌ جي هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ لطيفي ميلا منعقد ڪرڻ گهرجن. جيئن سنڌ جو هر شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو لطيف جي فڪر مان فيضياب ٿي انتها پسنديءَ سان هر وک تي ويڙهه لاءِ پاڻ کي سگهارو ڪري حياتيءَ جي سفر کي انسانيت جي ابدي روشنيءَ سان اجارڻ جا موقعا ماڻي سگهي."

"اها تہ انهن جي خاص ڊيوٽي آهي. پر اها انهن کي نيائڻ قطعي ب ضروري نہ ٿي لڳي. انهن لاءِ تہ ضروري لنڊن ۾ صوفي ڪانفرنس ڪرائڻ آهي. چو تہ اسانجي ماڻهن کان وڌيڪ لطيف جي صوفي ازم واري نظريي جي روشني لنڊن جي ماڻهن لاءِ لازمي آهي...!!"

اهو سونُ ئي گهوريو...

"نہ ابا، اهڙي ديوتيءَ ۾ شان شوڪت کان بس پلي آ پائي. چوندا هَن، اهو سونُ ئي گهوريو جيڪو ڪَنَ ڇنيو."

"ها ادا، هجئون ٻہ ايس ايڇ او پر پنهنجي حد جي ڪنهن پوتار ۾ بااثر ڪي چَڪي ٻہ نہ ڪريون ۾ انهن جا پاليل ڏَنگا ماٹهو سر عام ٻڌندا وتئون تہ ان سان ڇا هو اسان کي ڇڏي ڏيندا؟ پوءِ جيڪي نہ انهن ٻَہَن جون دشمنيون اسانکي پلئ پونديون، تن مان هي ايس ايس پي تہ ڇا، ڪوئي ٻہ اڇي اسانکي سياٹي آجو ڪونہ ڪرائيندو ها."

"بلڪل، اسانکي رهڻو هتي ۾ انهن ئي پوتارن ۾ ڏاڍن مڙسن جي راڄ ۾ آهي. جن جي ئي سفارشن تي اسانجون مقرريون ٻہ ٽيندیون آهن تہ بدليون ٻہ ۾ تڏئون ٻہ انهن جي ئي طاقتن تي ٽا. سو درياهہ ۾ رهي مانگر مڇن سان ڪئونسَ ڏاڍي مهانگي پوندي ادا، هي ويچارو تہ ٻين ايس ايس پين وانگر ڪجهہ ڏينهن ۾ چوٹاڑ پني جو مهمان آهي. ڪو سدائين رهڻو آ ڇا، جو اسان جائي پائي ٻہ هن جي چئي تي لڳي ۾ رڳو ميڊيا ۾ نالو ڪمائڻ لاءِ انهن سان پنهنجي ڪار پَتِ خراب ڪيون، ٻڌايو، هن جي وڃڻ ڪانپوءِ انهن جي ورهين جي ويڑ جي سَٹ سهڑ جي سگهہ آهي اسان ۾؟"

"اهي ئي ڳالهيون سوچي تہ مان چوان ٿو تہ ٹاٹا ڇڏي ڏيون ۾ اهڙي ڪاٹ ۾ پنهنجي جنگهہ ئي نہ ڦاسايون، جيڪا هميشہ لاءِ اسانکي اپاهج ٻڌائي ڇڏي ۾ پوءِ ڪوئي ڪهڙو ٻہ ڪري!"

"تو صحيح سوچيو آ. هونئن ٻہ عقل جي ڳالهہ اهائي آ. هي تہ جنهن آءِ جي جي حڪم تي اسانکي ڈوهارين ڪي نہ بخشڻ جون سخت هدايتون ٿوڪري، اهو تہ پاڻ خبر ٿو تہ حڪومت کي وٹي ئي ڪونہ ٿو. اڄ نہ ويو تہ سياٹي ضرور ويندو. ٻيڙو پريو تيار لڳو ٻينو ٿس.

انڪري هي وقتي بلا تارڙ لاءِ اسانجي بهتريءِ ان ۾ ئي آ ته هڪدم هن جي حڪمن کي پٺي ڏئي، چارجون چڏي ٽاڻن کان نڪري باهر ٽي بيهڻون."

"ته دير ڇاجي آ. اچو ته نَوئي ايس ايڇ اوز متفقہ فيصلي سان ٽاڻن مان پنهنجا پيرَ چڏايون ۽ مڪمل طور تي هن کان پري ۽ پاسيرا ٽي فوري طور تي لائين حاضر ٽي وڃون. پوءِ ڏسڻون ته ڪاٽڻون ۽ ڪهڙي هنڌان ٽواهڙا ڪير مان ڏوتل ايس ايڇ او گهرائي، جيڪي هوڙ ڪوسي ڪرڙ ڪانسواءِ ۽ سڪٽي ٻُهَ بانڌَ تي هن جي مرضيءَ جو امن قائم ڪرائن..."

چانو روءِ جي رَئيءَ جو...!

"سئوٽ، مان تہ وڏي آزار ۾ اچي ويومانءِ."

"ڪيئن؟"

"جنهن لالچ تي زال کي ڪاري ڪري جرگو ڪرايم ۽ الهداد کان ڇهہ لک چٽي ڇڪرايم. اهي چٽيءَ جا سپ جا سپ ڏوکڙ پوتار مونکي اکين ۾ سُرمو وجهي ڦهائي ويو آ. ڪلهہ تہ توپي پيرن تي رکي گهٽوئي ليلايومانس بہ، پر صفا نڪر ٿي ٻيٺو. رتيءَ جيترو بہ روح ۾ رحم نہ پيس. پوءِ اٿي جڏهن ٽورو ٽِکو ٽيو مانس، تہ ڏکا ڏيارائي اوطاق مان اهو چئي ڪيرائي ڇڏيائين تہ، جاتي ڪاهٽي ڏئي، وڃي ڪاهِ."

"پوءِ ڇا سوچيو ڏئي، شينهن جي وات مان ڳِرهہ ڪيڙي سگهندين؟"

"ان لاءِ تنهنجي مدد ٿي گهرجي. جي پنهنجي صوبيدار يار کان هڪڙي فونڙي ڪرائيندينس نہ، تہ مان مسڪين جو ڳُهو چڙهي پوندو."

"هن جي فونڙيءَ کان پوتار جي طاقت زور آ. جي ڪرائيندا سونس، تہ ان تي چڙي اجايو ڪنهن ۾ آوهِ ۾ نہ ڏئي ڇڏئي. حد جي ڪنهن صوبيدار کي ئي چئي جي ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ چالان ڪرائي ڇڏئي تہ ڪيئن پڇندا سونس. هيٺ ڪانوٽي مٿي تائين هن جي ئي رات آ."

"تہ هيڏي ساري ڪلوڙ تي چَپَ سبي ڇڏيان؟!"

"سِرَ جي سلامتي ۽ پلوان ۾ ئي اٽئي، نہ تہ اها جيڪا بہ جريب ٻني ڏئي نہ، اها بہ تين وال تي ويندئي، تہ جيل حوالي ٿي ڇچن کان اها پاڻ واري رهي ڪُهي چانو بہ ڪسي وٺندين. اهو سوچ."

"ياڻ مون زال ماري به پوتار جي چوڻ تي. الهداد کان ان بهاني چار جريب ٻني تڳائڻ جو منصوبو به هن جوڙي هو. جيڪا جرگي کانپوءِ چپٽي وڃائي پڳڙن مُٺِ تي حاصل ڪري ورتائين."

"تہ کجهہ سمجهہ عقل ڏارين ها نہ، پوتارن جي پرڪارن کان ڪير واقف ناهي. بيگناهہ ڇهن ٻارن جي ماءُ تي ۽ نيڪ ماڻهوءَ تي ڇُتو ڏنئي. جنهن کان التي طريقي سان ٻني ورتائين ۽ الو توکي ٻڌائي ڏوئي ڏکڻ پنهنجو گيهہ ڪري ويو."

"ٻلا، کو هن جهڙو ٻيو پوتار سُجهئي، تہ ان وٽ دانهيونس."

"اهي سيئي هڪ ئي سِڪي جا ٻہ پاسا آهن. ڏنڊو سيني جو ساڳيو ئي آ، سپ تو اسان جهڙن ابوجهن کان اهڙا ڪڏا ڪم ڪرائي پنهنجون اوطاقون تاج محل ٻڌايون، چمڪايون ويٺا هن ۽ اسانجي مقدر ۾ چَٽِڻَ لاءِ چڏي ٿئون، رُڳي ئي روڍن جي رَئي...!!"

پنهنجو گهرُ تون پيچرو....

"ياد اٿئي، اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ مُهين جي ڏڻي پرسان ڇوٽ بگيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ڪجهه دوستن پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي لائبريري قائم ڪئي هئي، جنهن مان تن ڏينهن ۾ ان تر جي ڪيترن ئي ماڻهن وڏو فائدو ورتو هو."

"هاها، چگيءَ طرح ياد آيو اهو به ياد آ ته ان ڪانپوءِ ان سڄي عرصي ۾ سنڌ ۽ ڪنهن به سنگت جي شاخ جو ڪو اهڙو ڪارنامو منظر تي نه آيو."

"جيڪڏهن سنگت جون سنڌ اندر قائم سڀ شاخون ان طرح لائبريرين جو آغاز ڪن ها، ته اڄ علم جو سنڌ اندر هيڏو وڏو قحط ڪٿي به نظر نه اچي ها."

"برابر، ساڃاهه وندن اها سرگرمي نه ڏيکاري ٻيو ڪنهن جي نه پنهنجي ئي پيرَ تي ڪهاڙو هنيو آهي."

"ان غلطيءَ جي ازالي لاءِ ورهين پڇاڻان ئي سهي وارهه سنگت سان لاڳاپيل دوستن جَسُ لهڻو جن گذريل سال پاڻ ۾ گڏجي سڄي شهر مان جهوليءَ چندو ڪري شهر ۾ لائبريري قائم ڪئي. جنهنجي ڪجهه ڏينهن اڳ سالگرهه ملهايائون. جيڪا خبر اخبارن جي زينت بڻي ۽ يقين سان تنهنجي نظر مان به گذري هوندي. جو هر خبر تون الف کان ي تائين پڙهندو آهين."

"بلڪل، ۽ جنهن مهل مون اها خبر پڙهي ته منهنجي خوشيءَ جي ڪا حَدَ نه هئي. ساڳئي وقت منهنجي ذهن ۾ اهو خيال به ايريو ته جيڪڏهن سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل هنگامي طور تي هر شاخ ۾ وڃي، ان جي دوستن سان گڏجي جهوليءَ چندو ڪري ائين لائبريرين قائم ڪرائي ته هن جو اهو قدم سنڌ ۾

کيترا نہ علم جا سج اپاري."

"ها، جي واقعي به ائين ٿئي پر سنگت جو سيکريٽري جنرل سندرو ٻڌي نکري پوي تہ جتي ڪٿي لائبريريون قائم ٿيڻ ناممڪن نہ آهن. باقي سنڌ ثقافت کاتي کان سنڌ جي چپي چپي تي لائبريرين جي گهُرَ ڪندڙن کي هاٿي چڱيءَ طرح سمجهي چڏڻ گهرجي تہ اهو اِئين ئي آهي، جيئن ٻهرن کان ٻيرَ گهُرڻ. چو تہ انهن کي بجيٽ ميلن ۾ کاڌن جون ڪانفرنسون منعقد ڪرائڻ لاءِ ٿي ملي، نہ ڪي لائبريريون قائم ڪرائڻ لاءِ...!!"

نہ رَهي بانهُن، نہ وڃي بينسري....!

"سڄي پاڙي وارن غريبن جي هٿن ۾ هي ستين فارم تي چڙهيل مالڪاڻن حقن جا ڪاغذ، گئس ۽ بجلي جي ميٽرن جا بل ۽ ڏسو ٿا، پوءِ به غير قانوني ڪرينون چوسڻ تي ڪاهي اچي بيهاريون اٿو؟"

"اسانکي ڏاهيءَ جو حڪم آهي."

"ڪنهن حڪم ڏنو آ، اهو به ته ٻڌايو نہ؟"

"ڪمشنر ۽ ميئر صاحب. جن تي ڪورٽ جو پريشر آهي."

"اهو پريشر ته انهن تي صرف ڪٽنال جي ڪَرَّ وارن غير قانوني گهرن جي ڏاهڻ تي آهي. جن جا گٽر نالا ڪٽنال ۾ آهن. اسان ته پنهنجي پاڙي ۾ قانوني طور ويٺل آهيون."

"اسانکي ڪَرَّ وارن سان گڏ هن پوري پاڙي کي ڊُڪ ڪرڻ جو آرڊر آهي. چوته توهان جون نالين به انهن ڪَرَّ وارن جيڏ گٽر نالن سان ڳنڍيل آهن."

"ته اسانکي نالين ٺهرائي انهن کان نيڪَر الڳ ڪري ڏيونہ. جيڪو اسانجو حق پي آهي. باقي هيئن قانوني طور تي اسان ويٺلن جي گهرَن کي ڏاهڻ ته سراسر ناانصافي آهي."

"ناانصافي آهي ته وڃي ڪورٽ جو در کڙڪايو. هي ان جو ئي آرڊر آ، ته ڪٽنال تان گٽر نالا ختم ڪرايو جن جي ئي ڪري سڄي شهر جو جَرَ سينکيي سان رلمل ٿي ويو آهي ۽ اهو پاڻي هاڻي انسانذات جي صحت لاءِ بيحد هاڃيڪار ٿڄي چڪو آهي."

"اهي گٽر نالا ته سالن کان اوهان جي ئي مرضيءَ سان ٺهيل ۽ اسانجي نالين سان ڳنڍيل آهن. اسانجو ته ان ۾ ڪو قصور ڪونهي نہ."

"قصور آهي، يا ناهي. اهو سوال وڃي مٿين کان پڇو. جن

ڪورٽ جي حڪم جي تعميل لاءِ هڪدم ڪرينون ڪاهرائي اسانکي اهو چئي هتي موڪليو آهي ته ڪَڙَ وارن جي گهرن ۾ گهٽ نالن سان گڏ اوهان جي سڄي پاڙي کي به ناسُ ڪريون، جيئن پوءِ ڪڏهن به، نه رهي بانس ۽ نه وڄي بينسري...!!"

گِليمرائيزڊ تعليم...!

"هولي وئي!"

"اها ڳالهه ته وري پي چَٽ. جنهن ڏينهن کان هارن کان ڪاٽ جي ڦرهي، ڪِلِڪَ ۾ مَسُ ڪُچڙي کسيائون، يعني اکرن کي سهڻو ڪري لکڻ کسيائون ته جڻ سنڌي هولي پڙهڻ جو بُڻ بڻياد ئي کسي چڏيائون."

"هيو ته وري جيڪو نه پهرين درجي واري ڪتاب جي الفابيٽ ۾ هڪ اکر جون ٻه تصويرون چاپي چڏيون اٽائون، انهن ته رهيو ڪُهيو نُور ٻه چَٽ ڪري چڏيو آهي. هاٿي هاڙ وجن ته وجن ڪاڏي؟ الف لاءِ اکِ ياد ڪن يا انبُ، ب لاءِ بَڏَڪَ ياد ڪن يا بَصَرُ. ائين ي لاءِ يَڪتارو ۽ يَڪو تائين ٻه ٻه شِڪليون چاپيل آهن. هاٿي ٽورو غور ڪريو ته هاڙ جي ڪچڙي ڏهن تي انهن هن هن اکرن جو هاڙ وجهڻ مناسب آهي؟"

"پينگ ڪري چڏي ٽڻ. الائي ڪهڙي عقل واري جي مَتِ تي لڳي پرائمريءَ جي سڄي بنياد جو ئي ڊينگهو ڊيري ڪري چڏيو ٽئون."

"پرائمري وئي، معنيٰ سيڪڇهه ويو. ائين هاڙ اڳتي هوليءَ سان ڪيئن سلهاڙيو؟ اهو بنيادي سوال آ، جنهن جي حَلَ لاءِ نه رڳو سوچڻ گهرجي، پر آواز اٽاري حڪومت کي سمجهائڻ ٻه گهرجي، ته انگريز چريا نه هٽا، جن سنڌي هوليءَ جي الفابيٽ هاڙ جي ڏهن ۾ مڪمل طور تي ڦهائي ويهارڻ لاءِ الف ب جي هڪ هڪ اکر لاءِ هڪ هڪ لفظ جي ئي چونڊ ڪرڻ مناسب سمجهي نصاب ۾ رائج ڪيو هو."

"اهو ڪلوُر هڪ طرف، ٻئي پاسي استادن لاءِ ڪلاسن ۾ وڃڻ کان اڳ ايليمينٽريءَ جي امتحان جو مرحلو طئي ڪرڻ لازمي هو. جتي ڪيئن پڙهائجي، جي هن کي ٽريننگ ڏني ويندي هئي. هاٿي ائين ڪونهي، تڏهن ئي هاڙ سنڌيءَ جي سِکيا کان مڪمل طور محروم ٿي ويا آهن."

"ويتر هي جيڪو تعليم کي هٿ جو وڪڙ بڻايو اٿائون، يعني خانگي اسڪولن جو سمنڊ پکيڙيو اٿائون ۽ هارن کي معمولي پگهارن تي پڙهائيندڙ اڻ تربيت يافته استادن جي لشکر کي بنا پڇاڳاڇا ۽ ليکي چوکي جي ميدان ۾ لاٿو اٿائون، اهي ته الائي ڪيترن نسلن جو ٻيڙو ٻوڙيندا."

"چريا ته اسان به آهيون نه، جيڪي رڳو گليمر کي تعليم سمجهي وينا آهيون ۽ ان ۾ خوش آهيون ته اسان جا هارڙا يونيفارم ۾ صاف ستڙا ٿي وڃن به ٿا، ته اڇن به ٿا!!"

انگل...!

"ڇا ڇيئي، جُتي وٺي ڏيانءِ؟"

"ها، تڏ ۾ پير ڦٽي ڦاتي پيا آهن. هڪڙي وک پي کٽان ٽي ته ڏاڍو سورُ ٿو ٿئي؟" الا!، اڳي ته ڪڏهن پيرَ ڪونہ ڦُٽئي ڦاٽئي؟"

"مان مِڪُرُ ڪونہ ٽي ڪريان. هي تون پنهنجي اکين سان ڏِسُ."

"بلي!، معنيٰ سڄي ڪُڙم ۾ مُهانڊي ٽيندينءِ. ٻين زائفن کي پَڏي ٻڌائيندينءِ ته منهنجو پٽڪو لاهي، جُتي ورتي ٿئي."

"ان ۾ پٽڪي لاهڻ جي کهڙي ڳالهه آهي..."

"ماڻهين جتي پاتي هئي، هان؟" "نہ."

"ڪنهن ٻيءَ؟ سٽن پيڙهين مان ڪنهن جو نالو ڪَڏُ. ڪَڏُ نہ..."

"ٽپين چوٽو. مان بس ڪئي. پلي نہ وٺي ڏي. وري نہ چونديسانءِ."

"هڪ دفعو چيئي، حَدَ ته ٽپي وئينءِ نہ. هاڻي منهنجي غيرت جو امتحان آهي، ته تنهنجي انهي جيئري مک جهڙي ڳالهه کي ڇيٽ ڏئي ڇڙڪايان، يا چوٽيءَ کان وٺي سڄي اڳڻ ۾ گهلي پُڇانءِ ته ڪنهن کي انجام ڏنو ٿئي ته مُهانڊي ٽي جُتي پائيندينءِ ۽ ان جي اڳيئون منهنجي عزت کي پادَر هڻندينءِ..."

"هي ٻانهون ٽي ٻڌانءِ، مان توبهه ڪئي. معافي ڏي."

تيزيءَ سان هٿ پير ڏانهن وڌيو. بوٽ جو پهريون وار سڌو مُنهن ۾ ٽيو. پوءِ جتي آيو وسڪارو ٽيندو ويو. سڄي ويڑهي ۽ ذات جي زالن، مردن ۽ ٻارن ٻيني ڏٺو. ڪويہ وچ ۾ نہ ٽپيو. آخر ۾ سهڪندي لٽ جو وهايائين، ته دانهن آسمان جو سينو چيري وئي! ڏهڪو ڪري وڃي وچ اڳڻ تي ڪِري.

هٿ ۾ جهليل پادر رتو راڻ ٽيل ۽ هراسيل چهري آڏو جهلينديءِ چيائينس، "ڏس هن بوٽ ۾ پنهنجي شڪل، آهين هِنَ جهڙي؟!....."

سُکَ جو ساهہ ۽ آجپو...

"وڏا پاڻ اسانجا، جو پنجن سالن کانپوءِ اسانجي ڪَکَن ڏي پيرو ڪيو ٿو."

"وزارت جي خفن مان وڻي ئي ڪونہ ملي، نہ تہ دل تہ ڏاڍو چوندي هئي، تہ ڪو وقت ڪڍي پہ پولَ اوهان سان ڪچهري ڪري ويجي."

"اسان تہ اِبن ڏاڏن کانوٽي اوهان جي وڏن ۽ اوهان جي جُتيءَ جا ڪوڪا آهيون. پلي اچو نہ اچو ووٽ پہ اوهان جو آهي تہ سِرُ پہ اوهان لاءِ حاضر آهي."

"اهي ڳالهيون پوءِ، پهريان اوهان جي وڏي پاءُ قلندر بخش جي مغفرت لاءِ دعا گهربي."

"انهي کي تہ گذاري وئي پنوٽا پنج سال ٿيا آهن. دعا اوهانکي هاڻي ياد پئي آ!"

"تون بس ڪر بابا، دير مدار ٿي ويندي آهي. پوتاراسان جو وڏو آهي."

"وڏو توهان لاءِ آهي. اسان لاءِ تہ جڏو آهي، جو سڄي ڳوٺ مان ڪنهن هڪ کي معمولي پٽيوالي پہ ڪونہ ڏنائين. پر واري ڳوٺ جا پہ نوجوان پہ سائينءَ جي هن ڪمدار کي اٺ اٺ لک ڏئي ڪلارڪ ٿيا. هڏايو هيڏي ساري تڪ مان ٻيو ڪنهن تي ڪا مهرباني ٿي سائينءَ جي؟ ائون ترقياتي ڪر پہ رڳو ڪاغذن ۾ ڪرايائين، هڏايو اسان واري ڳوٺ جي رستي جو ئي مثال ڏيوس."

"تون ڪير آن بابا، ايڏو گهٽو چو ٿو ڳالهائين؟"

"ڪمدار، تون چڏيس. مان سمجهايانس ٿو. يونيورسٽيءَ مان پڙهي آيو آهي. منهنجو پائيٽو آهي. بخش ڪيوس."

"چاچا، تون مونکي نہ، مان ٿو توکي سمجهايان تہ دعا گهرڻ کان

اڳ ۾ چويس ته مهرباني ڪري هتئون هليو وڃي. ووٽ هن ڳوٺ مان هاڻي هڪ به نه ملندس."

"ابا خادم، تون ڏاڍو ڪرينس. پڻ تنهنجو آهي."

"ڪمدار، هيلَ اوهانجي ڏاڍي پُوزي نه هلندي. اسان..."

"ته توهان ايڏا ٿُور خان ٿي ويا آهيو جو ترَ جي طاقتور پوتار ۽ هن علائقي جي پارٽيءَ جي اڳواڻ سان ائين هيڻ لهي ٿا ڳالهايو. ڪنهن جي طاقت ۾ زور ٿي؟"

"اسان توهان ۾ توهان جي پنهنجا پيٽ پَرو پارٽيءَ جي گهاٽي سِرنهن سالن کان چڱيءَ طرح ڏسي هاڻي پنهنجيون اکيون پَٽي چڪا آهيون. هي رڳو هڪڙو ئي منهنجو پاڻ توهان جي چَمڪي تي واريءَ جي پنڊ کان پاڻ کي ڌار نه ڪري سگهيو آهي. باقي هي سڄو ڳوٺ ۽ ترَ هٽ ۾ ڏئي پوتارن کان انڪار واري پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو آهي. جيڪا پوري سنڌ مان توهان کان ووٽ جي پرچي ڪسيندي ۽ اوهانجي پوتارڪي سياست جي تڏا ويڙهه ڪري، ماٺهن کي سُکَ جو ساهُ ۽ انصاف پريو آڇيو ضرور ڏيارينديو..."

ڪُتن جي ذاتِ...!

"او ڊاڪٽر، وارو ڪر، منهنجي ڇڙيءَ جي ساهن ڪي سوگهو ڪر. راتان ڪُون ائين ئي سَهڪي پر آ. دَمُ دَمَ پر نه پيو ماپيس..."

"ادا، علاج ته هليس ٿو. اسان پنهنجو وَسُ ڪريون پيا. آڪسيجن به گهرائڻ جو چيو آ."

"بس ڪيئن به ڪري منهنجي نياڻيءَ کي سامت پر آڻ. مان ڏوُر وِڪٽي واءُ مينهن ڪري ڪٽائي آيو آهيانس. هڪ ئي اولاد آ، الله جي واسطي..."

"مائي، تون پنهنجي هِنَ مُڙسالوءَ کي سنڀال. اسان فرسٽ ايڊ ڏني آ. هاٿي ٿورو وقت ته گُذرڻ ڏيو نه. جيئن دوائون رڳن پر پهچن. ڪو جادو ته نه ٿيندو نه. سمجهائيس."

"ارڙي ادا، اسانجي اکين جو تارو اهائي ڏيئڙي آ. تون پاءُ آن، ٽن راتين کان چوڪريءَ ائين ئي مچيءَ وانگر تڙپندي گُذاريو آ."

"دعا ڪريوس. الله بهتر ڪندو. پر ڪري دير پهتا آهيو."

"ائين نه چَئُ، نه ته مُڙس کان اڳ مان نه ڏهي پَوان."

"آڪسيجن اچي وئي. ٿورا پري ٿي بيهو. ڊرم لڳائڻ ڏيو. بابا، سِگهو ڪر."

"ائي الا، مان ڪيئن ڪيان...."

"مائي، تون پنهنجو گوڙ بند ڪر. نوزل لڳي بيهي. چوڪري مالڪ جي مِهَر سان ساهُ ڪٽندي. مايوس نه ٿيءُ. مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آ."

آڪسيجن لڳائي ڊسپينسر پري ٿيو ته ڊاڪٽر [illegible] تي دوا لکي ڏاڙهي وڏيل ڀڻ اٽيچي مٿي واري چوڪريءَ جي اڏرُوٽ پيءُ جي هٿن پر ڏيندي چيو "هيءَ دوا تڪڙ پر باهران اسٽور تان وٺي آ. پڄندو وَڃُ.

ڦٽاڪ..."

ساڳئي وقت چار ڇٽا ڪلاشنڪوفونون هٿن ۾ ڪنيل هارن جي سرڪاري اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ ڏوڪي آيا ۽ ايندي ئي چوڪريءَ جي بيڊ پرسان ويندڙ اڏاوت جي سامهون سڌيون ڪري انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏنائون...

"او نه، نه... خدا جي مار پويو ڦهڙ پويو... ڪهڙي ڏوهه ۾.... منهنجي مڙس کي ڇوٽا ماريو... ارڙي..."

رت ۾ وهنتل اڏاوت اسپتال جي فرش تي ڌڪو ڪري ڪريو ته هڪ هٿياربند خونخوار جانور جيان ڏند ڪرٽيندي سائين سان مخاطب ٿي چيو "هلو هاڻي، سئوٽ قاسم جي خون جو ڪتن جي ذات کان، پلٽڻ ٿي ويو..!!"

ديگ تپي رهي آ...!

"هي وري ڏس، پاڻ هر تڙي پنهنجو منصب وساري پاڻ کي عادل ۽ منصف پيو ظاهر ڪري..."

"ڪير، ڪنهن جي ڳالهه آ؟"

"ملڪ جي وزيراعظم جي، جيڪو اعليٰ عدالت ۾ اڳوڻي وزيراعظم کي نااهل ڪرڻ کانپوءِ مليل مانيءَ پور ملهائيندي چوي ٿو ته مون شاهديون ڏنيون آهن. هن کي ڏنل سزا ملڻ ممڪن ناهي!"

"ماڻهي ته سڀ حدون ۽ ليڪا ٽپي ويو هيو. ويٽو سرڪاري ڪرسيءَ تي آ ۽ سڀني ٿو ٻڌائي ساڳي سرڪار جي ان عدالت کي، جيڪا سيني کان سپريم آ..."

"تڏهن ئي ته چوندا هَن، رَبُ رُسي مَتِ ڪَسي، هٿي ڪونه هٿيار اهڙو ڏسي پاڻ جنهن ۾ جوکو جيءَ جو..."

"برابر، ۽ هو نااهل ٽيل ته صفا لُنگ ٻڌي ڪُنَ ۾ ڪاهي پيو آ. جتي ڪٽي پنهنجي ئي پارٽيءَ جي سرڪاري پئسن تي جلسا ڪرائي وڏي آواز ۾ چوندو ٿو وتي ته مان بيڏوهي آهيان. مونکي چو ڪيو ويو..."

"تويهه، نَڪَ جي پڪائي به ايڏي. ڪورٽ عدل ڪيو آ. بجاءِ ان جي جو پاڻ ۾ نائي نيٺ نهاري ۽ اڳ ۾ ڪيل ڏوهه جو ڪفارو ادا ڪري، پوءِ ملڪ ۽ عوام کان معافي وٺي. پر هي ته جلسن ۾ سرعام چوندو ٿو وتي ته سڀ ٻيڙا ساڻي نڪتو آهيان ۽ اصل انصاف ماڻهن کان ٿو گهران. دل اِتي به نه ٽي ٿريس ته خدا جي خلق کان هَٽ ڪٽائي چَورائي ٿو ته هو ڪيئَ جو ڏوتل آهي ۽ ملڪ جي پائي به ميري نه ڪئي اٽائين!"

"ههڙو انڌيرُ ته ادا، ملڪ جي تاريخ ۾ نه ڪڏهن اڳي ٻُڌوسي نه

ڏنوسي. هن تي تہ اها چوٽي ئي سئوفيصد ڏهڪي ٿي اچي تہ، هڪ چوري، ٻيو سينازوري..."

"مونکي تہ ڏاڍو پڻ ٿو ٿئي. خدا ڪري تہ انهن جي چڙواڳيءَ کي جلد ئي ٻُنجو اچي، نہ تہ ڏاڍا ڏکيا ٿيندا سين..."

"دل نہ لاهِ سهٽا، ديڳ تپي رهي آ. هاڻي انهن جون گهٽا ڏينهن اهي ٻيڪيون ۽ ڦڙڪيون ڪونہ هلنديون، وَٽبا، ۽ اهڙا وَٽبا، جو ڏيهہ ڏسندا ۽ ڪاٽئون پي ڪو ويجهو ئي ڪونہ ايندُن...!!"

شينهن ڊَيَ ناهن چَرندا....

"ايترا سارا مَلهه پهلوان الائي ڪاڏي پيا وڃن؟"
"رُخ ته پريس ڪلب ڏانهن اٿن..."
"اتي ڪو ملاکڙو آ چا؟"
"الائي، پر اڳي ته ڪنهن پريس ڪلب ۾ ملاکڙو ڪونه ٿيو آ..."
"ته ڪا بي ڳالهه هوندي. چونه پچي وڃجين..."
"پلي، پڇڻ ۾ ڪو هرج ٿوروئي آ."
"او پائو مَلهه سائين..."
"چَڏ ادا؟"
"اوهان شايد پريس ڪلب ڏانهن پيا وڃو..."
"ها ها..."
"اتي ڪو دنگل آ يا..."
"احتجاج ڪرڻ ٿا وڃون..."
"احتجاج!، ڪنهن جي خلاف... ڇو؟..."
"زيادتي ٿي آ..."
"زيادتي!؟، اوهان مَلهن سان...ڪنهن ڪئي آ؟"
"سرڪار..."
"ڪيئن؟...ڪجهه ته ٻڌايو..."
"شهر جي بينظير فيسٽيول ۾ سڄي سندّ مان پهلوانن کي اهو گهرايائون ته هرهڪ کيڏ ۾ هڪ هزار معاوضو ٻڌيندا سون ته رهائش ۽ پيٽي جي سهولت ٻ..."
"پوءِ؟..."
"ڪوبه نه ڏنئون ڇو نه رهائش ڇ مانيِ ٽڪي!...بس صرف ڪ جون سڌيون ٽرافيون ڏئي روانو ڪيو اٿن..."

"ابو، ايڏي نڇي!..."

"اسان ۾ پهلوان آهيون... ڪهڙ نه ڏيندا سُون...احتجاج ڪري نه رهُو خوار ڪندا سُون، پر..."

"پر ڇا؟..."

"هٽ وڏائي کاڏل ڏوکڙ ڪاکڙي کان ڇڪي ڪيندا سُون...آخر ۾ پهلوان آهيون...ايتري طاقت اسان ۾ ۾ آهي... ڪي چوڙيون ڪونهن پاتيون، جو ڪِياڙيءَ وارو سکٽو هٽ ڏئي روانو ڪن ۽ اسان ٻڙڪَ ۾ نه ٻوليون ۽ گدڙ ٽي ميدان مان نڪري وڃون!...شينهن آهيون ۽ شينهن شڪار ڪندا آهن. مرندا مري ويندا آهن، پر ڏَپَ ڪڏهن ۾ ناهن چرندا..."

ٽيا طمع لئہ طبيب...!

"آءِ سي يو بند آ، الائي ڇو؟"

"اهو اڄ نہ، گذريل ڏهن مهينن کان بند آ."

"پر ب ڇو؟"

"ميڊيسن جي پروفيسر ڊاڪٽر سِول اسپتال اندر اهو دوائن جي ڪمپنين جي مدد سان ٺهرايو هو. جنهن ۾ داخل ٽيندڙ هر مريض کان روزاني جي حساب سان، پنهنجي مرضيءَ سان ڊوڪڙ ورتا پئي ويا..."

"سرڪاري اسپتال مان ته ڪنهن کان رپيو ب ناهي ونڊو..."

"هائو تڏهن ته اها خبر اخبار ۾ ڇپجڻ کانپوءِ ممڻ متو..."

"ممڻ متو معنيٰ؟"

"سيشن جج نوٽيس ورتو ۽ جڏهن اڇي جائزو ورتائين ته خبر سچي ثابت ٿي..."

"پوءِ؟"

"جج صاحب حڪم ڏنو ته مريضن کان ورتل سموورن ڊوڪڙن جو تفصيل پيش ڪيو وڃي..."

"ڏاڍو سٺو..."

"سٺو ته ٿيو، پر ان جو نتيجو چڱو نہ نڪتو!..."

"ڪيئن؟"

"پروفيسر ڊاڪٽر جج صاحب جي پڇاڙي تي بجاءِ جو مريضن کي مفت علاج فراهم ڪري، آپي مان نڪري آءِ سي يو کي ئي تالو هڻائي ڇڏيو!..."

"ڪنهن ب نہ روڪيس؟"

"نہ، ويتر ان کي ذاتي جاگير سمجهي، ان ۾ رڪيل سموورو سامان ڪيرائي پاڻ سان کڻي ويو!..."

"ڪاڏي؟"

"خبر ناهي..."

"ته اسپتال جي انتظاميه به ان تي ڪو تحرڪ نه ورتو؟..."

"نه، ڀ سڄا سارا ٻه مهينا گذري ويا، پر مريضن جي رولهڙي جو تدارڪ نه ٿيو!..."

"هي ڇاهي يار، اسان ڪائي پيا جيئون؟..."

"اِتي، جتي تي سئو سال اڳ شاهه لطيف جيئندو هو. جنهن حڪيمن ۾ طبيبن جون اهڙيون ئي ٻيڙ پرڻ واريون ناجائزيون ڏسي لکيو هو ته، "حَقُّ حڪيمن چڏيو، ٿيا طمع لئه طبيب، ويڄن گهٽا وڙچيا، گوريون ڏئي غريب، جي رکي هَڻُ حبيب، ري بُڪيا ئي ٻاجهه ٿئي!..."

"سچ ٿو چوين، واقعي جي ڊاڪٽر دوست ٿي سکڻو هَڻُ ئي مريض متان رکن نه، ته بنا سُتيءَ ۾ ڦُڪيءَ جي ئي اهي نئوبنا ٿي ويڄن..."

"الائي ڪڏهن ائين ٿيندو، حالي ته صورتحال ساڳي آ ۾ اسانوٽ هن روشن صديءَ ۾ به ڪاسائين ۾ ڊاڪٽرن ۾ ڪو تِر جيترو به فرق ڪونه رهيو آ...!!"

ڊرَ کي ڪَڙو....!

"ڪو ٻيو تہ ڪونھي، اڙي ھي اوھانجو پيءُ آ بابا، پيءُ. ھڻڙي اگھائيءَ ۾ اوھان جو ھن جو سھارو نہ ٻڌندئو تہ ٻيو ڪير ٻڌندو. ٽي پٽ آھيوس."

"امان، منھنجيون مجبوريون تہ تنھنجي سامھون آھن...."

"تون تہ وڏو پٽ آھينس، توکي تہ مجبورين جي ڪانگِ پيش ڪرڻ ڪونہ ٽي جڳائي..."

"تون منھنجي ڀالھ ٻڌندي ڪٽي آھين امان، ان ڏک جي ڪري تہ وڃي مان ڏار پار ٽيس."

"تون ڏار ٽئين تہ پويان تنھجي ھنن ٻنھي پائرن ٻہ زالن جي ڇَوڙَ تي تو واري راھہ ورتي. پويان ھن ڪکائين گھَرَ ۾ رھياسين وڃي اسان ٻہ مَڙھا. پر ڪا پرواھہ انڪري ڪوتہ ھئي، جو ھن جا ھَڏَ ھليا ڀئي. جڏھن کان ھيءَ ساھہ ءِ گردن جي ڇڇڙي بيماري لڳس، تہ ان ڏورن جي دلاليءَ واري پراٽي ڪِرتِ مان ٻہ ھٽ ڪيائي ڇڏيس. پوءِ گھر ۾ جيڪا آئي وقت ءِ ڪَفنَ ختمي لاءِ ڪري رکيل ميڙا چوندي ھئي، ٽکو ٽکو ڪري جڏھن اھا ٻہ خرچ ڪري ڇڏيسي تہ پوءِ ٽي ٻيوس ٽي فون ڪئي مانو. ھاڻي ماشاءَالله ٽئي ٻنھنجن ٻنھنجن ڏنڏن ڪاروبارن ۾ خوشحال ٻہ آھيوتہ...."

"خوشحالي ئي تہ ڪونھي. وڏن پائرن وانگر مان ٻہ ڪاروبار ۾ ننھن کان چوٽيءَ تائين قرضن ۾ ويڙھيو پيو آھيان. تو ماءُ سان ڪھڙو ڪوڙُ. ھجي ھا نہ مون وٽ ڏراوتَ، تہ وڏن کان پڇان ئي نہ ھا. ھڪدم ايمبولينس ڪرائي مان ئي ڪراچيءَ جي ڪنھن ناھوکي اسپتال ڏانھن کڻائي وڃانس ھا. پر ڦَڪَڙُ ٻہ ٻي ميار آ..."

"ائين ٽئي ٻي ميار ٽي ٻيھندئو تہ مڙسالوءَ ۾ ھاڻي صفا حال

ڪونهيو...."

"منهنجي ٻي وڏيڪ ڪفالت نه ڪريو. رڳو ايترو ڪريو جو ڊاڪٽر اديب رضويءَ جي ايس آءِ يو ٽي اسپتال تائين منهنجو ۽ هڪڙي ماڻهوءَ جو ڪوڇ جو پاڙو پري ۽ مونکي ه وٽ جو ڪرايو ڏئي ڇڏي موٽي اچو. اتي رهئي کان ويندي لَکُ ۽ ار. ڪان ڪيترا به مٽي پئسا لڳا، تہ اهي اسپتال پاڻ پريندي ۽ ڪنهن کان به ٽڪو نہ وٺندي. مريض جي تيمارداري به اسپتال جي ذمي آ. رپسيءَ تي مان واعدو ٿو ڪريان تہ جي گڙدا هلي ٻيا تہ اچي پنهنجي پاڙي ۽ توهان جي ڪيل پاڙي خرچ جا سيءُ ڏوکڙ پائي پائي ڪري موتائي ڏيندو سانو. باقي جي نہ ۽ حياتيءَ ئي موڪلايو تہ دعا ٿو ڪريانو تہ خدا اوهان کي ان پريل پاڙي کان هيڏا ڪري ڏيندو. مان پيءُ جو چَڙو ايترو ئي فرض نياڀو..."

"ٻڌايو ڪير ٿو وڃي پيءُ سان؟..."

ٽنهي پٽن جي زبانن مان ماءُ جي سوال جو جواب نہ آيو تہ ستر ورهين جو پيءُ انتهائي غصي مان کٽ تان اٿيو.

"نڪرو منهنجي گهر مان، هاڻي جو هاڻي. منهنجيون اکيون وڏيڪ اوهانجي شڪل ڏسڻ نٿيون چاهن ۽ مري وڃان نہ، تہ مُنهن به ڏسڻ نہ اچجو ۽ نہ ئي تڏو ڪري ويهجو. هلو...هلو..."

ٽئي پٽ گهر مان نڪري ويا تہ پيءُ چنگهندي ۽ سهڪندي ٽڏ ڏئي اٿيو ۽ ڏکندڙ جنگهن سان وڃي باهرين در کي ڪڙو ڏنائين. واپس بيحاليءَ واري ڪيفيت ۾ اچي کٽ تي ويٺو. پوءِ زال جي روئندڙ ۽ پريشان چهري ڏانهن ڏسندي چيائين، "هڏن ۾ ٻيو نہ تہ پنڌ جيترو حالُ آهي. جڏهن ڏوکڙ گڏ ٿيا، تہ پنهنجو علاج وڃي پاڻ ڪرائيندس...!!"

امان....گڏي....!

"امان جيجڙي، مونکي محبڙ تي نہ ٽي ونڊي وڃين تہ پلا، اٽئون منهنجي لاءِ گڏي آڻيندينءَ"

"ها، گڏي آڻيندياسانءِ. پر شرط ان سان تہ نہ وڏي پاءُ سان وڙهندينءَ نہ ڏاڏيءَ کي تنگ ڪندينءَ."

"نہ، پائوءَ سان نہ وڙهنديس. ائون ڏاڏيءَ کي ب تنگ نہ ڪنديس. پر گڏي آڻيندينءَ تہ سهي نہ؟"

"هائو، چيومانءِ نہ تہ آڻيندياسانءِ."

"رک نور تي هٽ."

"او هي نور تي هٽ. هاٽي تہ يقين آيئي نہ؟"

ڇهن سالن جي ننڍڙي زهران ماءُ جي "يقين" ڏيارڻ واري لفظ تي الائي ڇو ڦِسي پئي.

"وري روئين ٽي نہ. روئندينءَ تہ گڏي نہ آڻيندياسانءِ."

"نہ نہ، نہ ٽي روڻان." ميري پوتيءَ سان زهران پنهنجا ڳوڙها اگهي ورتا.

"هاٽي ڪلي ڏيکار."

زهران جي ڇهري تي مصنوئي ڪل ايري. ماءُ ڏسي اطمينان جو ساهہ ڪنيو ۽ پوءِ برقعو پائي ڳوٺ جي ٽيهارو ڪن عورتن سان گڏ شبير جي پٽ جي سکان جا سهرا چوندي پٽڑ ڏي وڌڻ لڳي.

عورتن کان اڳيان اڳيان مرد پئي هليا. جن ۾ زهران جو پيءُ ۽ ٻني ۾ ڪو ڪم هجڻ سبب شامل نہ هو.

زهران ماءُ جي پويان پيرُ پيرَ ۾ ڏئي ۽ لڪي لڪي زهران ڪيڏ لڳي.

تقريبن ٻن فرلانگن جي پنڌ کان پوءِ عورتون، مرد ۽ ڪجهہ ٻارڙا

پٽڑ تي پهچي ٻيڑيءَ ۾ سوار ٿيا.

زهران پٽڑ کان ٽورڙو پر پر و وڃ جي اوٽ ۾ بيهي حسرت سان ماءُ کي ٻين ماڻهن سميت ٻيڑيءَ ۾ چڙهندي ڏسڻ لڳي.

ٻيڑيءَ ۾ سکان وارن ماڻهن سميت سائيڪو کن ماڻهو جڏهن ڪٽو ڪٽو ٿي ويهجي ويا تہ باقي بچيل ڇهہ موٽر سائيڪلون ۽ ٻيو سامان سڙو لوڏ ٿي ويو. پوءِ ٻيڑيءَ ۾ سهرن جي آلاپ ۾ موٽر جو آواز ٻہ گڏجي فضا ۾ ڦهلجي ويو.

ٻيڑيءَ جڏهن محبڙ ڏي منهن ڪيو تہ مٿي آسمان تي ٽيهري جو سج زهران جي اکين ۾ وري الائي ڪٿان ڳوڙها ڪڍي آيو. زهران وري پوتيءَ سان پنهنجا ڳوڙها اگهي ٻيڑيءَ کي ڏنو. ٻيڑي ائين پاڻي ۾ تيز ڊوڙندي پئي وئي، جيئن زهران جي پيءُ جي گڏهہ گاڏي ۾ روڊ تي تيز ڊوڙندي آهي.

هاڻي زهران وڃ جي اوٽ مان نڪري اڇي درياءَ جي ڪناري تي بيٺي. سامهون ٻيڑي تيزيءَ سان محبڙ ڏي وڌي رهي هئي.

۽ جڏهن ٻيڑي محبڙ جي پٽڑ تي پهتي ۽ ڪناري سان لڳي تہ لنگر انداز ٿيڻ کان اڳ ٻيڑيءَ جي آڳي تي چڙهيل چئن ماڻهن تکڙ ۾ ٽپو ڏئي پاڻ کي ڪناري تي اڇليو. پويان ٻيڑيءَ ۾ ويٺل سڀ ماڻهو هڪدم اٿي بيٺا تہ سهرا بند ٿي ويا ۽ ٻيڑيءَ جو بار هڪ پاسي ٿي ويو...

پريان زهران رڙ ڪئي، "امان....."

ٻيڑي ان مهل هڪ جهٽڪي سان اونڌي ٿي وئي. رڙيون ڏرتي ۽ آسمان ۾ ويون. جن سان زهران جي رڙ بہ شامل ٿي وئي، "امان..... گڏي..... امان....."

زهران جي اکين مان وهندڙ زار و قطار ڳوڙهن جي درياءَ جو بند پڄي پيو. جن کي روڪڻ وارو ڪوبہ نہ هو...!

ڪارو پٽرءِ هَڻُ....!

"امان، مان بابا جي ڏيءَ بہ اڪيلي ءِ سِڪيلڏي، ننڍپڻ کان هيل تائين منهنجا لاڏ ڪوڏ ڪيڏي نہ شوق سان پورا ڪيا اٽائين، منهنجي پڙهائيءَ ۾ دلچسپي هئي، تہ سڄي برادريءَ جي مخالفت مان جنڊُ ڇڏائي ڇوٽ مان لڏي شهر ۾ اچي رهيو ءِ مونکي اعليٰ تعليم ڏياريائين، روشن خيال بٹائڻ لاءِ ڊيڙ ڪتابن جا آٽي گهر ۾ ڇڱي خاصي لائبريري ٺاهي ڏنائين، منهنجي هر پسند کي وَس آهر پوري ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايائين، تہ هن ڳالهہ تي چو ضد ڪري بيٺو آ، مونکي پنهنجي پسند جي شاديءَ جو حق ڇونہ ٿو ڏئي، چو ان کان انڪار ڪري، مُنهن ڦيرائي، پنهنجي پڙهيل لکيل ڌهن جي بتي بند ڪري صفا ان جي ابتڙ ٿو هلي، آخر چو؟"

"هو پڙهيل لکيل ضرور آ، گهڻن کان مختلف آ، پر ذات پرستي رڳ رڳ ۾ پريل ٿس. ان تي ئي هَڻُ ٿس. تڏهن تہ توکي پنهنجي ذات ۾ ئي پرٽائڻ ٿو چاهي."

"تون هَڻَ تان لاهينس نہ. هي منهنجي زندگيءَ جو معاملو آ. مان ذات جي ڪوهہ ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ ٽپو ڪونہ ڏيندیس. ٻڌائي ڇڏينس."

"گهٽائي حيلا هلائي پٽِ سان مٿو ٽڪرايو ٿہ. پر ڪجهہ نہ وريو آ، نہ ورندو."

"تہ مان ڪورٽ ۾ تہ وڃي، هن جي ان هَڻَ کي توڙي سگهان ٿي نہ. اها تہ مونکي قانون موجب ان ناانصافيءَ کان بچائي سگهي ٿي. هان، يا مان غلط ٿي چوان؟"

"هو توکي ائين ڪرڻ نہ ڏيندو. آخري حد تائين وڃي اهو ڪجهہ ڪندو جنهن جو تون تصور بہ نہ ٿي ڪري سگين."

"ڇا ڪندو؟"

"تنهنجي ڇاهيندڙ رشيد جو ته سِرُ گم ڪندو پر ان جي ابي امان، پائرن ۾ ڪُڙم کي به وڏي آزار ۾ وجهندو. تو هن جو اهو انتهائي زهريلو پاسو ڏٺو ئي ڪونهي."

"جي ايڏو انتها پسند آ، ته مان پلا پنهنجي حياتيءَ تان ئي هَٿُ ٽي ڪٽان. جنهن ۾ هو خوش!" ائين چئي ڏيءُ تڪڙي تڪڙي الماڙيءَ ڏانهن وڏي وئي. جتان ڪارو پٽڑ ڪيبائين ته ماءُ به ڊوڙي وڃي پُڳس.

ڏيءُ هڪدم پٽر جو هڪ حصو ڇڙڪايو ته ٻيو زوريءَ هٽ مان ڇڏائي ورتائينس.

اهڙي بيوسي ۽ قيامت خيز منظر ۾ ماءُ جو چهرو جذبات ۾ تتل لوهُ ٻُڌجي ٻيو. "تون وڃين ٿي ته مان ڪنهن جي آسري؟ مان پي تنهنجي ڪَيَ. پلي هن جو هَٿُ ذات جو ڪوٺُ ڪٽي. ٿئي سوپارو...!!"

ماءُ ايترو چئي ڏيءُ وانگر هڪدم هَٿ ۾ جهليل پٽر جو ٻيو حصو پنهنجي وات اندر اڇلائي چڏيو...!!

شوق جي بَها....!

"اڙي، ههڙو ظلمُ، انڌيرُ، قَهَرُ، جو پاڙي وارن سيني کرياني ٻني دکانن تي رکيل سَئودن جا اڳهه ساڳيا ناهن..."

"رڳو اِهي دکان!؟ چئوڏس چانڊاٽو لڳو پيو آهي..."

"تہ، انهن لاءِ کا جزا ۽ سزا ڇو کونهي؟ چوتا ائين اسانجون سَرعام ويٺا مُڏي ڇُريءَ سان کَلون لاهن!"

"بابا، مائِڙي کري پنهنجو وقت گذار. اجايو دانهون کري ڇو ٿو اندرُ ساڙين؟ کجهه نہ ورندئي. يلي چابہ کَر. هي چرخو ائين ئي چَلندو."

"تہ، ان جي معنيٰ اسان صفا نِڌڻکا ٿي ويا سين نہ، کو واهَرَ وارو راڻو راڻي کاتي ٻہ کونهي نہ ؟"

"آهن، سڀ آهن، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي موجود آهن، کير ٿو چوي کونهن، پر انهن پنهنجو کاروهنوار تبديل کري، بنيادي چکاسَ وارن کمن کي ٻہ ڇڏي ڏنو آ قربدار."

"ائين تہ شهنشاهيت ۾ ٻہ نہ ٽيندو هو يار..."

"مٺاسائين، اکيون هوندي ٻہ نٿو سمجهين؟ اڙي، هي شهنشاهن جا ٻہ شهنشاهَ آهن بابلا، هر پاسي کان اکوٽ هنن جو شوقُ بٽيل آهي ۽ شوقَ جي تہ کا بَها ٽيندي ئي کونهي...!!"

وڏڻ جي نشاني...!

"ڏڏُ، انٽر ڪلاس جي سنڌي سبجيڪٽ تي رڪيل ناول جهان آرا ايڈيشن آ چا، جواسانجي بابن پڙهيو، اسان پڙهيوءِ هاڻي اسانجا ٻچا ٻ پيا پڙهن. اهو تبديل ڇونٿا ڪَن يار؟..."

"ڇو تبديل ڪن. اڄ ٻ اهڙي شاهڪار ناول جو دنيا ۾ ڪو مَٽُ ٿاني آهي چا؟"

"اڙي، اهو اڻويهه سئو پٽيهن جو عبدالرزاق عبدالسلام ميمڻ جو لکيل ناول، حقيقت ٿ اها اهي ٿ نہ ناول جي صنف تي پورو لهي ٿو نہ قصي ڪهاڻيءَ تي. پوءِ ٻ ان ۾ الائي ڪهڙي خوبي آهي، جيڪا بعد ۾ لکيل هيل تائين وارن سمورن سنڌي ناولن مان ڪنهن هڪ ۾ ٻ ڪين نظر ڪونہ ٿي اچي."

"بس ادا، اکيون ٻوٽيون اوندهہ ڪيون ويٺا آهن. چا ڪجي!..."

"ان تي مونکي هڪ بادشاهہ جو قصو ٿو ياد اچي، ٿ جڏهن اهو پيءُ مرڻ ڪانپوءِ تخت تي ويٺو ٿ هڪ ڏينهن پنهنجي مصروفيتن مان وقت ڪڍي ڪوٽ ۾ قائم ڪيل جيل جو دورو ڪرڻ ويو. جتي هڪ جهور پوڙهي قيديءَ تي نظر پوندي جيلر کان پڇيائين ٿ، هي ڪهڙي ڏوهہ ۾ جيل ۾ پيل آ؟ جيلر هٿ ادب جا ٻڌي وراٽيو بادشاهہ سلامت، هن تي اوهان جي پڙ ڏاڏي جي بادشاهي جي دور ۾ ڪري جي چوريءَ جو الزام هو. بادشاهہ پڇيو اهو ڏوهہ مٽس ثابت ٿيو هو؟ جيلر چيو نہ سائين. بادشاه جي چهري تي رحم جون لڪيرون ڏسي نگاهہ ۾ ڏک جو تاثر اپريو ٿ جيلر ڏاڍي عاجزيءَ مان پڇيو جي بادشاهہ سلامت جو حڪم ٿئي ٿ آزاد ڪريونس، ويچارو هونئن ئي سئو سالن کان مٽي چڙهي هليو آ؟ بادشاهہ جي لهجي ۾ اچانڪ ترشي اچي وئي. چيائين، نہ نہ، وڏڻ جي نشاني آ، پيو هجي. مري ٿ ڪٽولو هتان ئي نڪريس.

سوان ڳالهه وانگر هي ناول به وڌڻ جي نشاني آ. جيڪو ڪورس ۾ اڄ به شامل ڪرڻ لازمي سمجهيو اٿن ۽ شايد رهندڙ دنيا تائين به شامل ئي ڪندا رهندا..."

"بيحد ئي افسوس جي ڳالهه آ. جنهن تي جيترو ماتم ڪجي، گهٽ آهي."

"جي بعد جي لکيل ٻئي ڪنهن سنڌي ناول تي اکِ نه ٽي ٻُڌين، ته دنيا ۾ مان ئي ڪنهن چڱي ناول کي ڪٽي ترجمو ڪري ڪورس ۾ شامل ڪن. جنهن سان هڪ ته شاگردن کي زندگيءَ جو حقيقي عڪس پسائيڙ ناول ملندو، ٻيو جهانَ جي ٻلن ۽ عظيم ناولن پڙهڻ جي ترغيب ۽ اتساهه به ملندن."

"ائين تڏهن ٿيندو، جڏهن اهو فيصلو ڪرڻ وارن ۾ اهڙو اعليٰ فهم پيدا ٿيندو ۽ اهي سنجيدگيءَ ۽ تمام گهٽي باريڪ بينيءَ سان ويهي اهو طئي ڪندا ته ڪورس ۾ ڇا شامل هجي، ڇا نه هجي..."

"اهو ڪم ته علم جي اڪابرن جو آ. جن کي ئي اڳتي اچي اهو فرض ادا ڪرڻو پوندو.."

"انهن کي گذريل ٽن پيڙهين کان ان بنيادي ذميواريءَ کان الڳ ڪري ڪنگهيو ئي ڪونه ٿو وڃي ۽ بيوروڪريسي اهو سڄو بار آپيشاهيءَ تحت پاڻ ئي پنهنجي سِرَ تي کنيو بيٺي آ . تڏهن ته پرائمريءَ کان ماسٽر تائين سنڌي سبجيڪٽ مدي خارج ۽ بي مهار اٽ جو مثال ٻُڌيل آهي. جنهن کي زوريءَ شاگردن جي مٿي ۾ هٽي کين اڄ جي تقاضا واري جديد تعليم جي روشنيءَ کان پري رکيو ويو آهي."

"توبهه...توبهه...!"

"هوڏانهن وري ڏسين پيو ته تعليم جي سڌاري جون حڪمران ڪيڏيون نه دعوائون ۽ تقريرون ڪندا پيا وتن، پر ڇا پڙهائڻ گهرجي ۽ ڇانه، ان سان انهن جو نه واسطو آهي نه الڪو ۽ وقت! نه ئي ان کي جي عالمن ۽ اڪابرن جي کين ضرورت آهي ته اهي ان مدي خارج ڪورس مان نئين نسل جي جند آجي ڪرڻ جي پهلڪاري ڪن. عجيب تماشو لڳايون ويٺا آهن، جيڪو ڏسي دل ۽ اکيون رت جا

ڳوڙها پيون ڳاڙين..."

"پلا، جهان آراناول ۾ جهان آرا جو ڪردار ياد ٿئي؟"

"ها، چڱيءَ طرح ياد آ. ويچاري نون سالن جي، پارڙي، جيڪا گڏين راند کيڏڻ بجاءِ بادشاهه سلامت جهان خان سان عشق پئي ڪري..."

"ائيلي!، اها ته اخلاقيات جي به پستي آ، جيڪا ان ناول جي ذريعي اسان جي وڏن کي به پڙهائي وئي، ته اسان کان ٽيندي هاڻي اسان جي نئين نسل کي به پڙهائي پئي وڃي!..."

"وڏي ڏک ۽ افسوس جي اها ئي ته ڳالهه آ، ته حاڪم تعليمي ايمرجنسيءَ جو راڳ ته جتي ڪٽي آلاپيندا وتن ٿا، پر عقل ۽ مَتِ کان اڄ به ڪوهين پري بيئل آهن، جي ويڄها هجن ها ته اهڙو حياءَ جي نَفي ڪندڙ ناول اڄ به ڪورس ۾ شامل رهڻ ڏيَن ها ڇا؟!..."

تبديلي ايندي....

"ڳالهه ليکو لنگهي وئي ابا، صفا انڊيرُ ٿي ويو!"...

"چوين جائي ٿو مورَ مري ويا، کجهه به نه بچيو..."

"اڙي يار، اڃي ته اهڙو ڪلوُر نه ٻُڌوسي، نه ڏٺوسي. هي جرڳو ته پراڻيون سڀ روايتون ٽوڙي، نئين تاريخ لکي ويو ابا، بنهين نئين..."

"ان جو اصل ڪارڻ ڪهڙو آ، اها سوچ ۾ آئي ٿئي ڳالهه؟"

نه..."

"ادا ته خبر ٿئي نه، ته وڏي ڪورٽ جرگن کي غير قانوني چئي کجهه سال اڳ کان انهن تي بندش وجهي چڪي آ..."

"هاها، پر جرگا تڏهن کان جاري به ته رهيا آهن ۽ ڪو هڪ اڏ ئي پَڪَڙ ۾ آيو آ ته آيو آ، نه ته اها ٻوڏ ته ساڳئي آب تاب سان اڄ تائين برقرار آهي. توڙي جو ميڊيا ۾ روز اهي جرگا رپورٽ به پيا ٿيَن."

"تڏهن ته پوتارن جو مَنُ ايترو وڏي ويو آ، جو جيئن وٽين ٿو جرگن کي نئين نئين نمونو جا چار چنڊ لڳايون جاوا ڪيون پنهنجيون اوطاقون آباد ڪيون ويٺا آهن ۽ انصاف کي سيني جي اکين سامهون طوفاني رفتار سان ٻوڙيون ڪنيون پيا وڃن...."

"جي ائين نه هجي ها نه، ته طاقت هئي هي جرگو ڪندڙ پوتار کي ته تَر جي هڪ ڏوهاري پوتار تي پنهنجي ئي هاريءَ جي نياڻيءَ جي عصمت دري جي ڏوهه ثابت ٿيڻ ڪانپوءِ صرف ويهن هزارن جي ايترڙي معمولي چٽي وجهي ها، جيڪا اخبارن ۾ پڙهندي ڪنڊ شرم کان جهڪي ويڃي ٿو. ويتر جو متاثر هاريءَ کي ڳوٽ مان لڏي وڃڻ جي غير رواجي فتوا به جاري ڪئي اٿائين ته سينو ڪُٽڻ لاءِ هَڻَ به نٿا رکجن ته اکين مان ڳوڙها به ڳڙڻ کان بس نٿا ڪن..."

"اها غفلت سماج جي ۽ ساجاهه وند طبقي جي به ته آهي نه ادا،

جنهن دانهن ڪُوڪَ ڪرڻ جو دڳ ئي مورڳو وساري ڇڏيو آهي..."

"تہ ان مايوسيءَ جو انتُ ايندو بہ يا پوتارن جا نوان نوان اهي ڦَهَرَ سدائين ائين ئي برقرار رهندا؟..."

"اميد جي سَلي کي پاڻي ڏيندو رهجي، اڄ نہ تہ سڀاڻي نيٺ تہ اهو سائو ٿيندو ۽ مانجهي ۽ مٽير مڙس ميدان ۾ ايندا، يقينن ايندا. جيڪي بي خوف ٿي انهن آپي مان نڪتل پوتارن کي غير قانوني جرگا ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ توهين عدالت جون سزائون ڏياري سماج کي انصاف جو نئون دڳ ڏيکارينداَ..."

"چڱو سائين، ان ڳالهہ جي روشنيءَ ۾ اميد جي سَلي کي پاڻ بہ پاڻي ڏيڻ جي شروعات ڪيون ٿا. هونئن بہ مايوسي گناهہ آ ۽ انسان تڳندو بہ اميد جي سهاري ئي آهي. سستيءَ بہ ڪُهجَڻَ کانپوءِ وڪَ ۽ مَنَ کي اهو چئي اڳتي وڌايو هو تہ، منزل ائين ئي ويجهي ٿي ملندي، تہ پاڻَ بہ ان ئي عَهَدَ کي ورجائي وڌي واکي چئون ٿا تہ هَل پنهلَ، تبديلي ايندي ۽ جرگائي پوتارن جي اِها ڪاري ڪوجهي رات ويندي، جاڻُ ويندي، اِجها ويندي...ضرور ويندي..."

رهندا وڃي ڪاريءَ وارا ڪڪ....!

"پاڻي ناهي، زهر آهي نسورو زهر!"

"اهو زهر ڪو ٻيو نہ، اها حڪومت ئي اسانکي پيئي پيئاري. جنهن کي ووٽ ڏنو ٿي جيڪا ئي اسانجي صحت جي محافظ آهي..."

"واهه جي محافظ آهي. اڳ ۾ تہ صفا ننڍ هئي، پوءِ جڏهن ڪورٽ جي آرڊر تي چرڪ پري جاڳي ٿي هر خطي جو سروي ڪرايائين ٿي سڄي ملڪ جي جَر جي خراب صورتحال سامهون آيَس، تہ بجاءِ ان تي ذميوار حڪومتن جيان هڪدم هنگامي حالتن جو اعلان ڪرڻ جي ٿي پهرين فرصت ۾ درياهن ٿي ڪٽنالن مان گٽر نالا ختم ڪرڻ ٿي گند ڪچري کي صحيح ٺڪاڻي لڳائڻ جي، رڳو ئي ڪاغذي ڪارروائين ٿي پيسِيون وَن ناهڻ جي ٽلهي اعلان ڪرڻ ۾ پوري آهي!..."

"جيستائين ان جون ڪاغذي ڪارروايون ٿي پيسيون ون ٽهي راس ٽيندیون ٿي ايائي مَڻ تيل ڪنو ٽيندو جو راڌا نچندي، تيستائين تہ ملڪ جي عوام جو الائي ڪهڙو حشر ٽيندو؟..."

"ڪهڙو وري ڪهڙو ٽيندو ڀالهہ صاف پَڻ تي پئي آ تہ ڪِن جا جيرا چَڻُ تہ ڪِن جون بکيون ناڪارا ٽيندیون ٿي ڪي وري ڦڦڙن ٿي معدي جي لاعلاجيءَ جي عذابن سان همڪنار ٿي چُڙي چُڙي مرڻ لاءِ پنهنجا ساهہ ڳڻڻ جي لاچاريءَ ۾ ويندا ڏهڙ ۾ پنهنجا پير لاهيندا، ٻيو چا ٽيندو..."

"اهو تہ هڻ ونيِ خلقن کي جڙ تہ بي آواز پستولن سان مارڻ جهڙو ڏوهہ آهي پائو!..."

"ڏوهہ ئي تہ آهي. پر هتي ڪُڇي ڪيرُ، چئي ڪيرُ!؟..."

"واٽر ڪميشن جو چيئرمين تہ شهر شهر ٿي ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي ڪامورن جا سپ اڇا ڪارا ظاهر ڪري ٿو. پر لاڪاپيل آفيسر شاهي

ڏسون ويٺا تہ ان کي بہ کا چڱي ۽ مثبت موت ڏيڻ ۾ سرگرم نظر نہ ٿي اچي!..."

"پوءِ تہ صفا مُنياسين، اصل ظلم جي انتها ٿي، انتها، جو ڪورٽ جي فوري طور تي عوام کي صاف پاڻي مهيا ڪرڻ جي سخت حڪم باوجود حڪومتي ڪارندا اڃا تائين نيسارا ساڳي ئي جاءِ تي رکيون ويٺا آهن ۽ ماڻهوڙا ويچارا بيوسيءَ مان هڪ ٻئي هيٺانهينءَ تي وهندڙ پاڻيءَ جيان وڃن ٿا موت جي سمنڊ ڏي ڏکبا!؟..."

"هائي اسانجي اِها چٽيهَ لکٽي سرڪار صاف صاف ۽ چٽو پٽو پيو نظر اچي تہ منصوبو ئي شايد ماڻهن کي مارڻ جو ٺاهيون ويٺي آهي. پر ماڻهن کي بہ جڏهن سمجهہ اچي...."

"ماڻهو تہ سڀ ڏسن ۽ چڱيءَ طرح سمجهن ٿا. ڪورٽ ۽ ميڊيا انهن کي موت جا سڀ پَرُون ڏجيٽل ڪيميرا سان ڏيکاري چڏيا آهن. پر انهن جي وَسَ ۾ ٻڌاءِ تہ چا آهي ۽ هوڪن تہ آخر چا ڪن؟..."

"چا ڪن!؟، اڙي، بنا دير جي سڄي ملڪ مان زالين مردين ۽ ٻارين ٻچين گهرن مان نڪري اچي روڊن تي اهو چئي نٽا ويهن، تہ اوستائين اتان اصلي نہ اٿندا سين، جيستائين شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۽ هر وستي ۽ واهڙ ۾ آر او پلانٽ لڳائي صاف پاڻي مهيا نہ ڪيو ويندو..."

"اهو تنهنجو يوٽوپيائي خيال آ سائين، هتي تہ صورتحال اِها آ تہ اٽڙهيل تہ اٽڙهيل، پر پڙهيلن کي بہ اهو عقل ۽ سمجهہ ڪانهي تہ ٻين سان گڏ موت جو اِهو راڪاس انهن جي حياتيءَ جو ڏهو بہ گل ڪندو ۽ پوءِ اسانجي پياري ديس ۾ هر طرف رهندا وڃي رهگو ئي ڪاريءَ وارا ڪَڪَ!!....

جَنَمَنِ جي جَنِي....!

"پاڻ وٽ پي ٿي وي هلي ته ڪونہ ٿي پائو نہ ٿي ڪنهن وٽ ڪٽي پي ڪا لکڑي ۾ بدّل اينٽينا ئي نظر اچي ٿي، پوءِ هي واپڊا جي بِلَ ۾ هر مهيني اسان تي پي ٿي وي جي فيءَ جا پنجٽيهہ رپيا لُڪَ ڪري ڇو مڙهي ڇڏيا اٿن، جڏهن ته اسان وٽ هلي ته جتي ڪٽي ڪيبل ٿي يا ڪٽي ڪٽي دِش!"

"ان تي اهو پهاڪو سئوفيصد ٺهڪي ٿو اچي ته، ڪاٽي چورَ سُڃا، ڪاٽي ڏورَ سُڃا. سو ان ڳالهہ وانگر پي ٿي وي‌ءَ ڪي ته اسانکان ناتا ٽوڙيندي ورهہ ٽيا، پر بنهين پري ٿي به ان بجلي ڪمپنين ڪي اهو هٽ جو قانون ٺاهي، ڏاڍَ جو ڏنڊو ڏئي ڇوٽ ڇڏي ڏنو آ ته اسانتي بنا ساهيءَ جي وَسائيندين رهن..."

"۽ جن وٽ ٿي وي مورڳو آهي ئي نہ، پي ٿي وي‌ءَ جا شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ تنهن زماني کان اڄ تائين چمڙا پوش ڪري گهمندڙ انسپيڪٽر پنهنجي بادشاهي لکت سان انهن جا نالا به بجلي ڪمپنين وارن کي ڏئي، سندن متي جو به ڪچومر ڪيائيندا رهن ٿا. جنهن تي ڪو تو اسان پارو ڪڏهن اکيون پٽي، آپي مان نڪري يا پِرُ ٿي ڪنهن بجلي ڪمپنيءَ جي بالا آفيسر وٽ دانهين ٿو ته ان کي ٻڌڻ ئي گوارا نہ ٿو ڪيو ويجي..."

"پلا بجلي ڪمپنين کي ان مان ڪو اپراسو به ٿئي ٿو يا مفت ۾ ماٺهو پينهڙ لاءِ اها اندڙي واري جانبهہ ڏئي ڇڏي اٿئون؟"

"ڪاڏهن، هَڏَئون ڏئي هَٽاءِ ته مالڪ ڏِيَن مُزرا!"

"ته، بجلي ڪمپنيون اها پي ٿي وي‌ءَ جي ونگار ان ماٺهوءَ وانگر خود ساخته نموني پيون وَهن نہ، جيڪو جانورن جا نهن لاهيندو وتندو هو، ڪو پڇندو هيس ته ان جو معاوضو گهٽو ملندو اٿئي، ته ڪلي

وراڻيندو هو ته ڪجھ نہ، بس، ماڻھو استاد استاد سڏيندا آھن..."

"بلڪل ائين ئي آ. ويتر بجلي ڪمپنين کي پي ٽي وي‌ءَ اھڙو سوگھو ڪيو آ، جو ڦٽڪي ٻ ان مان جان ڇڏائڻ وَسَ ۾ ڪونھين. يعني جيڪا لسٽ اوگاڙي‌ءَ لاءِ پي ٽي وي‌ءَ ڏني آ، ان موجب اھي صارفين، جيڪي بجلي‌ءَ جو بِلُ نٿا پرين ۾ باقيدار ھجن ٿا، بجلي ڪمپنيون ھر مھيني پي ٽي وي کي انھن جا ڏوکڙ ٻ ڀري ڏين ٿيون..."

"ان کي چوندا آھن، جنمن جي ڇَٽي، جيڪا پي ٽي وي‌ءَ بجلي ڪمپنين لاءِ ٻ پنھنجي مرضي‌ءَ ۾ اُڙھڻ زورائي‌ءَ سان لازمي بڻائي ڇڏي آھي، ته پنھنجن پراڻن صارفين لاءِ ٻ، جن وٽ اڃوڪي زماني ۾ پلي اينٽينا نہ ھجي ته نہ ھجي، پر پي ٽي وي‌ءَ جي رڪارڊ جو ڏنڈُ انھن کي ھر صورت ۾ پرٽوئي پرٽو آھي...!!"

سِجَ ڪَنهي ....

"اتي، موڙ ٻڌيون مُهاندو ٻڌيو ويٺو آن. هَلُ تاڻي تي..."

"چو صوبيدار صاحب، مان ڪهڙو ڏوهُ ڪيو آ؟..."

"تنهنجو ڏوهُ صَغيرا نہ، ڪبيرا آ. معصوم چوڪريءَ سان تو سَتَر سالن جي ڪَکَ پوڙهي جي شادي ناجائز آ..."

"ڪيئُ ٿو چَوي ناجائز آ؟ اسانجي بابَن ڏاڏن ٻہ ته ڪيون نہ، ها، ڏوهُ ان صورت ۾ آ، جڏهن چوڪريءَ کي زوريءَ يا اغوا ڪري ڪٽي ويجان. باقي مالڪن جي مرضيءَ سان شادي ڪرڻ ته ڏوهُ ڪونهي..."

"بڪ نہ ڪر. ولي محمد، ناصر علي، ڪٽ تان لاهي هٽوس هٽڪڙي..."

"اهو انصاف ته ڪونهي سائين..."

"تون ڪيئُ آن؟"

"مان چوڪريءَ جو پيءُ آهيان..."

"گهٽي ۾ ڪپائي ڏني تسي؟..."

"ڏاڃ جا ٻہ لَکَ ورتا تمانس..."

"ايتري هارڙيءَ جا؟، جيڪا اڃا بالغ ٻہ ناهي ٿي..."

"هارهن سالن جي ٿَهَر عمر جي آ، هارُ ناهي قبلا..."

"هيڏي ٿي ٻيهُ. هِنَ کي ٻہ ٻڌو...."

"سائين..."

"سائينءَ جا سَکا. چُپ. هَلُ سِڌو ٿي..."

"ان نڪاح پڙهائڻ واري مولويءَ کي ٻہ ڪٽو..."

"بابا، مان بيقصور آهيان. مونکي عمرين جي سَنڌي جي خَبَرَ نہ هئي..."

"ماڻ ڪري هَلُ. مونکي پَڪي معلومات آ..."

"مائي باپ، ٿورو ترسو. سڳ مون وٽي ڏنو هو فقير محمد کي..."

"تون دلال آن؟..."

"دلال لفظ چڱو کونهي بادشاهه، جوڙيندڙ چئو..."

"کيترن ۾ جوڙيئي؟..."

"رڳن چئن هزارن ۾...."

"ايترن گهٽن پئسن ۾!؟، وجهو هن کي ڏ. چيلهه ۾رسو. هلو هلو سپ موبائيل ۾..."

پندرهن سپاهين جي ڪڙي ۽ صوبيدار جي اڳواڻيءَ ۾ چارئي ڇٽا ڄڃ ۾ حائٽو پکيڙي گهر مان نڪتا، ته ڄڃ ۾ شريڪ ڪراڙي صدوران هورڙيان ننهن پاڳيريءَ کي چيو "چڱو ٿيُين. هاٽي قانونُ جڏهن جيل جي هوا کارائيندن نه، ته پوءِ خبر پَوندن، ته معصومڙي ڪيئن پرٽائبي آ ڏاڏي جيڏي جهُور پوڙهي سان..."

امانت...!

"جيڪڏهن تون پاڻ کي واقعي ٻه پڙهيل لکيل ۽ روشن خيال سمجهين ٿو ته مونکي هٽ لائڻ کان اول ٻڌيءَ دل سان مونکي ٻُڌ..."

"ٻڌاءِ..."

"نڪاح ۾ مون ها نه ڪئي، پر منهنجي مڙس ٻيئل ماءُ زوريءَ منهنجو ڪنڌ لوڏيو.."

"اڇا!، ته تنهنجي نڪاح ۾ رضامندي نه هئي؟..."

"نه..."

"چو؟..."

"منهنجي دل ڪنهن ٻئي جي امانت آهي..."

"ٻئي جي امانت!؟، يعني..."

"مان پنهنجي سئوٽ شفيق کي پسند ڪريان ٿي ۽ شادي ٻه ان سان ئي ڪرڻ ٻئي چاهي، پر جيئن ته هو اعليٰ تعليم پرائڻ باوجود کا نوڪري ونڊي نه سگهيو آهي، انڪري منهنجي والدين توسان شاديءَ جو تڪسات ڪيو..."

"ان لاءِ نه، ته مان ڊاڪٽر ۽ ٻه ٻارا ٻنيءَ وارو آهيان؟..."

"ها..."

"ته، اڳ ۾ مونکي ڪا اهڙي ڪَنَ ٻُڌِڪ ڪرائين ها نه، يا ايس ايم ايس ئي ڪرين ها..."

"بابا مونکان سيل فون کسي ورتي هئي...

"هُون..."

"ڪهڙي سوچ ۾ آڻي وئين؟ چا فيصلو ڪيئي؟..."

"وڏي مونجهاري ۾ آڻي ڇڏيئي..."

"پاڻ کي ۽ مونکي هن مونجهاري ۽ ڪَنَ مان ڪيڻ لاءِ پنهنجي

انسانيت واري سوچ جو استعمال ڪر..."

جاويد موڙ لاهي سهاڳ جي سيج جي ڪنڊ تي رکيا ۽ اٿي بيٺو.

"جي ٻيو ڪجهه ڪرڻ جي جرئت پاڻ ۾ نٿو پائين، تہ پلا ٻئي هٿ وڌائي گهٽو ڏئي پورو ڪر..."

"اهو سوچڻ به مونلاءِ گناهہ آ..." بند ٽيل ڏر طرف وڌندي جاويد ڏکاري لهجي ۾ ورائيو.

"تہ، والدين جي هٿان مارائيندين؟..."

جواب ڏيڻ بجاءِ جاويد ڏر جو ڪُنڌيو کولي ٻاهر نڪتو.

"اڙي ابا، خيرُ تہ آهي، صبح ٽيڻ کان اول ٻاهر چو نڪتو آن؟..."

"امان، زرينہ نڪاح ۾ ها نہ ڪئي آهي..."

"چا!؟..."

"هن جي امڙ زوريءَ هن جو ڪنڌ لوڏيو..."

"هئي مُئيس..."

"ڄج ۾ آيل سيئي اتيئي ويٺا رهو ۽ مولويءَ کي گهرائي زرينہ جو نڪاح سندس سئوٽ شفيق سان ڪرايو. هوءَ ان کي پسند ڪري ٿي ۽ ان جي ئي امانت آهي..."

ٽنگجي ويندين....

"هوشياري وَٽُ، عطائي ڊاڪٽرن خلاف سرڪار وڏا ڪات ڪهاڙا ڪٽي ميدان ۾ لهي آئي ٽئي..."

"اِهو وقتي شوشو آهي، پاڻ ئي ختم ٿي ويندو..."

"تون ننڊ ۾ آن ادا، خبر ئي ڪونهئي، ته تو جهڙن ڪجهه عطائين کي عدالت سزائون به ڏئي ڇڏيون آهن..."

"سزائون!؟..."

"ها ها..."

"ڪهڑي اخبار ۾ پڙهيئي؟..."

"اخبار ۾ نه، رات هڪ چينل جي خبرن ۾ ٻُڌم..."

"اهو ته ظلم آ، غريب عوام کان سستو علاج کسي انهن کي صفا لاعلاج ڪري مارڻ جو سانباهو آ..."

"دل ۾ نه ڪرين ته هڪڙي ڀَگالهه چوانءِ..."

"چَٽُ..."

"ٻيا اڪثر عطائي ته خيرُ ڊسپينسر به رهيا آهن، پر تون ته آيو ئي لُوبِ لائين کان آهين. يعني جانورن جي اسپتال جو اسٽاڪ اسسٽنٽ، توکي ڪنهن حق ڏنو آ ته ماڻهن جو علاج ڪندو وَٽُ. جڏهن ته جانورن جو علاج ڪرڻ به قانوني طور تي تو لاءِ ڏوهُ آ..."

"ڇاجو ڏوهُ آ. مان پورا ويهَ سال هڪ ساڪَ واري فزيشن جو ڪمپائوڈر رهيو آهيان ۽ ان تجربي جي آڌار تي قدرت منهنجي هَٿ ۾ شفا رکي آ ته خواهمخواه تو جهڙن جي اکِ ۾ ڪنڊو ٿي الائي ڇو ٿو ڇُبهان..."

"انڪري ته ڊاڪٽرن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي به ماڻهن جي علاج ڪرڻ جو قانوني لائسنس ته ڪونهي نه مليل، يا مان غلط ٿو چوان؟..."

"چوڻ ۾ ته جائي ٿو چوين، پر پنهنجي هنيانو تي هٿ رکي ٻڌاءِ، ته جن کي لائسنس مليل آ، اهي کيترا فيصد اهل آهن؟ کيتريون نقلي ۽ غيرضروري دوائون ٿا لِکن. بنا تجربي جي آپريشنون ٿا ڪن. ڪڏهن سرڪار انهن جي به ڪا اهڙي سروي ڪرائي آ، هان!؟..."

"اڳ ته نه، پر هيءَ جيڪا سجاڳيءَ جي لَهَر هلي آ ته لڳي ٿو اڳتي هلي انهن جي به چنڊ چاڙ ضرور ٽيندي ۽ جيڪي ڊاڪٽر پنهنجو انسانيت جي خدمت وارو بنيادي ڏڳ وساري انساني صحت سان کيڏڻ واري ڪُڌي ڪارويار ۾ ملوث هوندا، انصاف جو اکيون انهن کي عبرت جي مقام تي ضرور رسائيندیون..."

"اصلي نه، هرگز نه، تون به اِتي ته مان به اِتي . ڪجهه پي نه ٽيندو. نه ئي اسانجي ملڪ ۾ اهڙو ڪنهن ماءُ جي لال وٽ تصور ئي آهي. اهي انڊا اونڊا ويچ پيا ماٺهو قرينداَ ۽ ماريندا. ان کي انصاف چئي سگهندين؟ ٻئي طرف ڏسجي ته دنيا جي مهذب ملڪن ۾ استيٽسڪوپ رکڻ جي انهن کي ئي اجازت مليل هوندي آهي، جيڪي انساني صحت کان چگيءَ طرح واقف هوندا آهن ۽ صحيح علاج ڪرڻ جا ذميوار هوندا آهن..."

"برابر، پر..."

"پَر هَر کي چڏ، پلا اهو ٻڌاءِ ته ڪڏهن هِتي کنهن ڊاڪٽر جو غلط علاج ڪرڻ يا غير ضروري آپريشن ڪرڻ جي نتيجي ۾ لائسنس رَدِ ڪيو ويو آ؟..."

"هيل تائين ته ڪونه ڪيو ويو آ..."

"نه ڪيو ويو آ، ته چو؟ پهريان سرڪار اهو ته پاڻ کان پڇي، ٻيو ميڊيڪل اسٽور وارا به بَڈن ته خبر پوي نه، جيڪي ماٺهن کي اسان جهڙو سستو علاج ڪندڙ مسڪينن ڏي به اڇڻ نٿا ڏين ۽ حوال تي سيني بيمارين جون دوائون بنا ڪنهن ڊاڪٽر جي لکت جي پاڻ ئي ڊاڪٽر ٿي سر عام پيا ٽڏين. جڏهن انهن جو صفايو ڪيائون ۽ تارازيءَ مان کاڻ ڪڍي، ان جا پُڙ هِڪَڙا ۽ سِڌا ڪري ٻيڻا، ته پوءِ بلاشڪ اسانکي عطائي چئي، پڪڑي اسانجون هڪلينڪون به سيل

ڪن تہ سزائن جو حقدار بہ قرار ڏين....“

”يادرکُ، تہ اهي سڀ بہ پَڪَڙ ۾ لازمي ايندا ۽ ڪنهن کي بہ بچڻ جي واهہ نہ ملندي. ان ڪري اهو بناغو چڏ ۽ جيل جي هوا کان اڳ ۾ خبردار ٿي ڪلينڪ بند ڪري، پَڪوڙا پَڪوڙا تَري وڃي حق حلال ڪري کاءِ. هيئن ڏوهہ هٿن ۾ کڻي ماڻهن جي ڪنڌ تي بي فلڪو ٿي ڪاتي ڦيرائڻ چڏي ڏي، جو هاڻي ڇا بہ ڪندين نہ. قانون ۽ انصاف اهو ڏوهہ ڦهڻ نہ ڏيندئي، اصل نہ ڏيندئي. تنگجي ويندين...!!“

اجالو ٿيندو....

سَويرا نهال منهنجي پاڙيجي آهي. اٺ درجا پاس ڪري نائين ۾ پڙهي رهي آهي. ڪالهه ڪنهن ڪم سان مان سندن گهر ويس تہ ملندي ئي چيائين، "ماما، مان ڪاپيءَ کان نفرت ڪيان ٿي."

"تمام سٺو. شال، اسانجا سڀ ٻار ائين سوچين." مون وراڻيو.

"ماما، اوهان منهنجي مدد ڪندا؟"

"ڪهڙي سلسلي ۾؟"

"ڪاپيءَ جي."

"ڪيئن؟"

"مان چاهيان ٿي تہ نائين جو امتحان سرعام ڏيان."

"سرعام!؟، مون نہ سمجهيو."

"بورڊ وارا ٽينٽ لڳائي مونکان ڏاڍ امتحان وٺن. جنهنجي سخت نگراني بورڊ ۾ ميڊيا به ڪري تہ سيشن جج صاحب، معزز شهري، تعليم جو وزير ۾ وزيراعليٰ به ڪري."

"واهه."

"ان سان گڏ مان اهو به اعلان ڪرڻ ٿي چاهيان تہ جيئن تہ اسان موهن جي درڙي کان پڙهيل هجڻ جي سچائيءَ رکون ٿا، جن کان ويهين صديءَ جي آخري ٽن ڏهاڪن ۾ ايڪويهين صديءَ جي هلندڙ زماني تائين ڪاپيءَ جي رجحان، علم جو زيور ڦري ورتو آهي. انڪري مان پاڻ تہ ڪاپيءَ کي ننهن ڇڻي سرعام امتحان ڏيڻ چاهيان ٿي، پر ٻين کي به سڏ ڏيان ٿي تہ اهي به مون وانگر سرعام امتحان ڏين. جنهن سان ڪاپيءَ جي حوصلہ شڪني ٿئي."

"تمام سٺو."

"ٻيو تہ مان پل ڪيترين به مارکون ڪٽان، پر منهنجيون

ڪاپيون ۽ سيني جي سامهون ۽ سيني جي نظرن اڳيان چيڪ ڪيون وڃن."

"پلي ڳالهه. پر ان لاءِ مونکي ڇا ڪرڻو پوندو؟"

"توهان منهنجي عزم ۽ پيغام کي انهن سيني تائين رسائڻ ۾ مدد ڪريو."

"ان لاءِ بهتر طريقو اهو آهي ته اوهان پنهنجي اها ڳالهه هڪ درخواست جي صورت ۾ انهن سيني ڏانهن پوسٽ ذريعي موڪليو. جنهن جي يقينن اوهان کي مثبت موٽ ملندي ۽ ڪيترائي پڙهڻ وارا ٻار اوهان جا ساٿي بڻبا."

"ٺيڪ آ ماما، مان امتحان کان اول اها درخواست لکي سيني ڏانهن پوسٽ ڪري ٻه موڪليندیس، ته جن سان ممڪن ٿيو روبرو وڃي ملي ٻه گذارش ڪنديس."

سويرا نهال جون اهي اميد افزا ڳالهيون ٻڌي مان جڏهن واپس وريس ته گهر تائين پهچندي اهوئي سوچيندو آيس ته، سويرا جو اهو عزم جڏهن عمل جو پنڌ ڪندو ته ان سان هوءَ نه رڳو پنهنجي نالي جو پرم رکندي، پر هن ديس مان ڪاپيءَ جي اوندهه کي هميشه لاءِ تڙي اسانجو موهن جي دڙي کان پڙهيل لکيل هجڻ جو تعارف ٻه ساڳئي تسلسل سان موٽرائي ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي....

دنيا كان اڳتي...!

"پورهيا ڪري ڪري منهنجي جڙهَ نڪري وئي آ. بيمارين سَنڌ سَنڌ ۾ گهَر ناهي ڇڏيا هِن. پر توکي ڪو قدرُ ۽ احساسُ ناهي."

"پورهيو عورت جو مَرَڪُ آ. رهيون بيماريون، تہ اهي مان تہ ڪونہ ڏنيون ٽمان ۽، جو صبح مَڏانَ سان مهٽا ٿي ڏنين..."

"منهنجو تہ نصيب ئي ڦَٽَلُ هو جو شاديءَ جي پهرين ڏينهن ڪان نہ تو ڪو ڪَڪُ پَڇي ٻيٽو ڪيو ۽ نہ ئي ڪڏهن ٻہ ٽڪا حَقَ سمجهي آڻي هَٿَ ۾ ڏنئي."

"ابي امان جو دادلو ڪري پاليو ۽ ڪمائڻ جي هيرَ نہ وڌي، تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ.."

"ڏوهہ تنهنجو ناهي تہ ٻڌاءِ ڪنهنجو آ، جو سزا ۾ پَرين ڇوويهن سالن ۾ رڳو مان ئي پئي ٿي پوڳيان، زاڻان ذاتِ..."

"هاڻي ڇڏِ اِهو ٽيڪو سڪون سان نيرن ڪرڻ ڏي..."

"ڪنهن وٽ حَياءِ ۽ ڪهڪاءُ ٽيندو آ، پر تو وٽ اهي ٻَئي ڪونهن."

"چوٽي هروپرو مونکي پنهنجي ٻُٽَ مان بيزار ڪرين. ٽڏو ڳالهائڻ نہ ٿو اچئي، تہ زبانَ کي تالو هَڻي اندر وڃي ويهہ..."

"ڪونہ ٿي اندر وڃي ويهان. راتاڪون تَپَ ۾ پَڙڪان پئي، گهر ۾ ٽڪو ڪونهي، جو ٽِڪي وٺي ڪانوان..."

"تہ تڪڙ ڪري پُٽَ جي شادي نہ ڪرائين ها نہ. ڪهڙو سَتوهہ پيو هو جو ويسيءَ جا آڻَ هزار دُڦ ڪري ڇڏيئي..."

"ادي جن زور پريو تہ چوڪري ويڙهي وٺو نہ تہ مونکي ڪا جلدي ڪونہ هئي. مون تہ چاهيو پئي تہ چوڪرو وڃڻهن پنهنجي مانيءَ رَسي تہ پوءِ پرڻايانس..."

"سَتاوڙي ٽئون موٽي ته چولن جو ٽالهُ مٽي تي رکي ڏئيس..."

"هن کي چو چولن جو ٽالهُ مٽي تي رکي ڏيان. اڃا پڙهي پيو. اهو توکي نه رڌي ڏيان..."

"مان ته ڪونه ڪپائيندس. قبر مان ڪڍي اهو پيءُ کي رڌي ڏي..."

"منهنجي پيءُ جو نالو نه ڪَرُ..."

"ته ماڻهين جو ڪٽان..."

"چوٽو انهن کي وچ ۾ آڻين. مڙس ماڻهو آن ته ڇهن نياڻين ۽ ٻن پٽن کي پالي ڏيکار نه. نه ته مُڃن کي تيل هٿي ائين ڪنڌ مٽي ڪري گهمڻ ڪو جڳاوئي ٿو چا..."

"ڪرين چاڻي بيغيرت رنَ، جيئن جهليانءِ ٿو وڃين ٽي آپي مان نڪرندي..."

"بيغيرت مان آهيان يا..."

"يا مان آهيان. ائين ٽي چوڻ چاهين نه، ته ٻيهڙ پلا، ڪُتي... ڪَميني..."

پنجيتاليهن سالن جي خميسي ماني پنڊي سوڌي پري اڇلي وڃي ڪِليءَ ۾ ٽنگيل کهاڙي کنئي.

سياڻي هن جون اکيون ڏئيون ته ڪنبڻي وڻي ويس. ٻيو حيلو نه ڏسي وڻي ڊوڙ پريائين. گهر جو ڳلو ٽپي گهٽيءَ ۾ نڪري آئي.

پويان خميسو طوفاني رفتار سان پڇندو اچي پڳس ۾ کهاڙي هوا ڦيرائي جو آءِ ڪيائين، ته سياڻيءَ جي مُنڊي فوٽ ٻال وانگر ڦيرائيون پائيندي وَسائي جي گهر جي پٽ ۾ وڃي اٽڪي بيئي.

پوءِ رت ٻڏل کهاڙيءَ سوڌو خميسو ٽاٽي تي پهتو ۽ کهاڙي ايس ايڇ او جي حوالي ڪندي چيائين، "ڏال کي پاڙي واري وَسائي سان ڪاري ڪري ماريو تمر. هاٿي ڪَر ٻي ڪاروائي..."

پريان ڏَندي چَڪيءَ جي ڏوهه ۾ لاڪپ ۾ واڙيل راضن ساڻئي ڏوهه ۾ قيد ٽيل پنهنجي ننڍي ياءِ کي رازداريءَ ۾ چيو "هي شاهوءَ جي ڳوٺ جو خميسو ٽئي. هن عمر تائين نِڪَمو ۽ نِڪِمٽو رهيو. هاٿي

سمورڊيءَ مان آيل وَسائي تي زال ماري ڪارنهن جو بهتانُ ٿو مڙهي، جيئن ڪنهن نہ ڪنهن پوتار يا سردار کان جرگو ڪرائي ڦاسيءَ جي سزا کنئون بہ بچي، تہ ڏَنڊَ جا لکين رپيا ڀ هڪ بہ سَگ بہ چپڻي وڃائي چَنيءَ ۾ تڳائي ونيِ...!!"

"ماءِ سنڌ اهڙي سئولي ڪارويار ۾ دنيا کان اڳتي آ، توبَهہ..." ننڍي پياءِ ڪِراهت سان خميسي ڏانهن ڏسندي وراڻيو. جنهن کي هڪ سپاهي منهن تي مرڪ سجايو لاڪپ طرف ورتيون ٿي آيو...

آنَ جو مُنهن جنڊَ ڏي...!

"ادا، قرب ڪري پنهنجي ميڊيڪل اسٽور تي اسانجي ڪمپنيءَ جي هيءَ دوا ب هلايو نہ."

"نہ پائو ان گروپ جي دوا اڳ ۾ئي اسان هلايون پيا. هن جي ضرورت ناهي. ٻيو ڪنهن ڊاڪٽر کڏهن ڪي ب نہ آهي."

"توهان جو پاڙيسري ڊاڪٽر لِکڻ لاءِ راضي ٿيو آ..."

"اسان ان سان ٺهيل نہ آهيون. هو حَدَ ڪان وڌيڪ لالچي آ. توسان الائي ڪيئن ٺهيو؟"

"مڙئي راضي ڪيو مانس."

"ڪيئن، گهٽن ۾؟"

"ڪيتري ۾ ب. بس راضي ٿي ويو."

"پوءِ ب ڪجهہ تہ ٻڌاءِ؟"

"ڏهن هزار رپين ۾، جيئن ٻيا ڊاڪٽر ٿا وٺن. يعني ڏهن هزار رپين عيوض لَکُ رپين جون لکندو."

"تہ اسانکي ڪهڙو فائدو؟ اسان مفت ۾ ڇو هلايون؟"

"توهان کي ب راضي ڪيون ٿا. پرواهہ ڇو ٿا ڪريو."

"نہ بابا، جانِ ڇَڏِ."

"منهنجي ڪيريئر جو مسئلو آ. تارگيٽ پورو نہ ڪيم تہ ڪمپنيءَ وارا مونکي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندا. ڏسو ٿا، نوڪريون ملن ڪاٿي ٿيون. وڌين سفارشن سان مسين تہ ملي آ."

"ٺيڪ آ پلا، ٻڌاءِ ڪيئن راضي ڪندين؟"

"جيئن چوندئو. حُڪم ڪريو نہ."

"رات اسان چار دوست بار بي ڪيو تي وينداسين. اهو بِلُ ادا ڪندين تہ ڪَسُ ڪائي تنهنجي ئي دوا هلائبي."

"ڪيترو پِلُ ٿيندو؟"

"پاڻَ سمجهين ٿو. لڳ ڀڳ چار هزار ڪَنّ ته لڳي ويندا."

"ڪجهه گهٽ ڪريو."

"گهٽا، ڪولي ڇڏ."

"ٽي هزار."

"چڱو ڏي. پهريون دفعو آيو آن. موقائڻ مناسب نٿو لڳي."

ميڊيڪل ريپ پنهنجي پرس مان ٽن هزار رپين جا نوٽ اسٽور واري جي هٿ تي رکيا ته هن جي چهري تي خوشگوار مرڪ چانڊجي وئي.

ڈوڪٽر ڈئي ميڊيڪل ريپ اسٽور تان لهي ويو ته اسٽور مالڪ پنهنجي ملازم کي اکِ پيچي چيو "ڈٺئي، مرغي کي ڪيئن ڦاسايم."

"برابر، توهان گهاگهه آهيو. ڈوڪٽرن ڪيڏ جي ٽيڪنڪ خوب اچيوَ ٿي."

"متان نه مڃين. باقي پاڻي واري ڊاڪٽر سان ته پنهنجي لين دين ورهين کان آهي. جنهن ڀر ڪوٺي وجهي نٿو سگهي. ڇو ته اَنَ جو مُنهن جنڊَ ڏي ئي هوندو آهي...!!"

ڪولِ...!

"متان تڪڙ ڪرين. جِنَ ڪيڏ جو نياپو پهريان مون ڏي آيو هو."

"هَلُ ڏي، ڪُراڏي اڳ پر مون وٽ آئي هئي. پڇي ڏسينس."

"ٻڌاءِ مائي، اڳ پر ڪنهن ڏي وئينءَ؟"

"مان پهريان تو واري ڪونڙيءَ جو در ڪڙڪايو. پر تو چيو ڏهنجان ٿو. تڏهن هِنَ ابي وٽ ويس، جو چوڪريءَ جي حالت خراب هئي. پَڻَ تي ليٽڙي پئي ۽ ڪوڪون اهڙيون ٿي ڪيائين، جو لڳو پئي ته آسمانُ اِڇهو ڪي اِڇهو قاتو..."

"ٻڌائي..."

"ها، ۽ اِهو به ٻُڌائي نه، ته توکان اڳ منهنجو دُر ڪڙڪايائين."

"تون نه آئين، تڏهن ئي مون وٽ آئي نه. ۽ مان هن جي سَڏَ سنئون هليو آيو آهيان. ڪا چڙهتِ ڪو نه ڪئي ٿُر توتي."

"چڙهتِ ڪي ٻيا سِگَ ٿيندا هَن چا؟"

"وِيُ ادا، پنهنجو رستو وَڻُ."

"رستو تون وَڻُ ڏي، هَلُ..."

"عزت وارو ٿي، هروپرو لوگهو نه ٻڌجُ."

"لوگهو هوندين تون، تنهنجيون سَتَ پيڙهيون..."

عامل رشيد احمد جي دماغ جو پارو خَدَ چڙهي ويو. ٻه قدم اڳتي وڌي عامل عبدالقدير کي ڳل تي هڪ اهڙي زوردار چماٽ وهائي ڪيڏيائين، جو هن جا ٽيٽر اٿي ويا. ٽڦ لڳڻ سان مٽي تي ٻڌل ڪارو پٽڪو ڪلي وڃي پريان ميدان جي ڏوڙ ۾ ڪريو.

"مونکي ڏڪ ٿو ٿيٽين، بي عزتا، نه ڇڏيندس توکي..." رشيد احمد ائين چئي ٿورو پوئتي هٽيو. پوءِ پوري طاقت سان ڏوڙي

عبدالقدير کي سيني ۾ ٺڪر جو هنياڻين، تہ هن جي اکين جي آڏو ساوا ڳاڙها تروار اچي ويا. ڪرندي ڪرندي پاڻ بچائي ۽ ڏڪ پچائي، ٻيو سمجهہ ۾ نہ آيس، تہ هٿ وڌائي وارن کان کٽي پکڙيائينس.

"هَٽُ ڪيڏ وارن مان..."

"تون منهنجي هٿان مرندين..."

"مرندين تون..." عبدالقدير پکڙيل وارن سان مٽي ٿي ڏُوهَ ڏئي کاڏيءَ جو ٺڪر هٽي ڪيڏيس.

رشيد احمد جا هٿ وارن نڪري ويا ۽ وات رت سان ڳاڙهو ٿي ويس. پوئتي ٿي اڏ سِرَ جو ڪٽي ورتائين.

"نہ هٽجاڻ، نہ تہ اڃا ماري ڇڏيندوسانءِ..."

عبدالقدير جملو پورو مس ڪيو تہ سروتو اڏندو آيو. جنهنکان ڪنڌ کي ساڄي طرف ڦيرائي پاڻ بچائڻ جي ڪيائين. پر اهو ڪلهي ۾ اچي لڳس.

"اڙي، هاٿي نہ بچندين..." رشيد احمد تيزيءَ سان جهڪي وڃي ساڳيو ئي سروتو ڪنيو.

ان وچ ۾ درگاهہ صابل سائينءَ جا ٻہ مُک فقير اچي پهتا ۽ هنهي کان پريرو بيهي کين ٽڏو ڪرڻ لڳا، تہ ان وچ ۾ جِنُ ڪيائڻ لاءِ سڏيندڙ پيرسن عورت "متان شاهدين ۽ ٻئي ڏڇي ۾ اچان.." جي خدشي سبب پيرن تي زور ڏيڻ ۾ ئي عافيت سمجهي ۽ ذري گهٽ ڊوڙندي پنهنجي بي سُڌِ ٽيل نوجوان چوڪريءَ کي ڪجهہ عورتن جي مدد سان چنگچيءَ ۾ ڪڍائي اتان روانو ٿي وئي.

گهٽو سمجهائڻ باوجود هنهي عاملن جي هڪٻئي تي ڪاوڙ ڏري نہ ٿي ۽ لتن ۽ مُڪن سان گڏ ٽڪرن جو سلسلو بہ نہ رکيو تہ فقيرن بہ بيزار ٿي پير پوئتي ڪندي چيو "ادا، پاڻ ڇاٽو.."

۽ جيئن ئي فقيرن پيرَ پوئتي ڪيا تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي نياپي تي پر واري ٽاٽي جي پوليس پهچي وئي.

ٻئي رت ڳاڙيندڙ عامل ٽاٽي تي پهتا ۽ اتي بہ وڏي آواز ۾ هڪٻئي

کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا ته، ايس ايڇ او ٻنهي کي رڙ ڪندي چيو "گوڙ نه ڪيو ۽ هڪدم پاڻ ۾ پاڪر پائي ڪير ڪنڊ تي ٽاٽي مان کسڪي وڃي ملم پتي ڪرايو نه ته صحافي پڪتا نه، ۽ اوهانجا هن حالت وارا فوٽو اخبارن ۾ ڇپيا نه، ته اسان ته پچاٽي ۾ ايندا سين، پر اوهان جي هن غير قانوني ڏنڊي جي به اهڙي ڪول ٽيندي، جنهن سان جڳ جهانَ ۾ پاڻ کي ڏِئو ڪرڻ سان گڏ اسان کي به نيٽ مجبور ڪندئو ته توهان کي جيل پيڙو ڪريون..."

عاملن کي هاٽي ڳالهه جا چارئي پاسا سمجهه ۾ اچي ويا. تڏهن دير ئي نه ڪيائون ۽ جلديءَ ۾ پاڻ ۾ ڪٽي پاڪر پاتائون.

پوءِ هَڻُ هَڻ ۾ ڏئي ٻئي عامل ٽاٽي مان ڪلندي ٻاهر نڪتا ۽ اتي هجوم ڪري بيئل ماٺهن کي عجب جي نشاني ٻڌائي ملم پتيءَ لاءِ روانا ٽيا...!!

هوءَ معذورن مان بہ نہ مُڙنِ...!

"ڪالهوڪا پئسا...؟"

"صاحب، مان ڪالهه بيمار هُيس. پِنڻَ، آئي هُيس. باقي هي اڃوڪا ڏنامانءِ..."

"نہ آئي هُئينءَ، تہ اهو تنهنجو مسئلو آ. ڏي پئسا..."

"جڏهن پِنيُمِ ئي ڪونہ، تہ ڪاڏهن ڏيانءِ..."

"چَڏِ اهو بهانو جلدي ڪَرِ. ڏي..."

"تون ڪنهن کان بہ پُڇُ، ڪالهه منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ هئي..."

"نہ ڏينديءَ تہ ٽاٽي تي هلٽو پَوندئي..."

"پلي هَلُ ٽاٽي تي. مان ڪو ڊِجان ٿي چا..."

.....

"وڏا، هيءَ چوڪري ڪالهوڪا پئسا نہ ٿي ڏئي..."

"صاحب، مون هن سپاهي ياءُ ڪي ٻڌايو تہ ڪالهه پيٽ ۾ سورُ هُيمر. گهر ۾ هُيس..."

"چوڪري، چالاڪڙي نہ ٿيءِ، ڏوڪڙ ڏئي جان ڇڏاءِ. نہ تہ..."

"نہ تہ چا!؟..."

"توتي چوريءَ جو ڪيسُ ٿهندو. اسانکي خَبرَ آ، تہ پِنڻَ بهاني تون ماٺهن جي گهرن مان چوري ڪندي آن..."

"ايڏو ڪوڙ!..."

"اسانکي ڪوڙو ٿي ڇَوين ڪَمڏاتِ..."

"منهنجي ذات وارن کي نہ ڳالهاءِ..."

"ڪري چاتي چوري. وڏي منشيءَ سان ائين ڳالهائبو آ..."

"ڪهڙو غلط ڳالهايمر. مان تہ..."

ڀ پوءِ اڌڙوٽ سپاهيءَ زبان مان ڪجھ ڇوڙ بجاءِ ڪابي ڳَلَ تي چمات وهائي ڪڍيس.

"مونکي مار نہ..."

"بس ڪر، تہ ڪيڏانءِ نہ ساهُ..."

"چو ڪيندين ساهُ، هان..."

"چڱو ٻيھ پلا..." سپاهيءَ ائين چئي ساڃي ڳَلَ تي ٻہ چمات وهايس...

"اي خدا جي واسطي، مونکي وڌيڪ نہ مار..."

"تہ ڪَيُ نہ پئسا..."

زاروقطار روئندڙ نوجوان فقيرياڻيءَ پاسي واري ڪيسي مان سَٽَ ڏئي سيپ سِڪا ۽ نوٽ ڪڍي سپاهيءَ جي هٿ ۾ سمايا.

"نِڪُر هاڻي، نَڙ. گم ڪر شڪل..."

اوچنگارون ڏيندي فقيرياڻي ٽاڻي مان نڪري روڊ تي چڙھي تہ ماڻس تڪڙو هلندي سامهون اچي ويس.

"ڏِٺسي پئسا؟..."

هن ڪنڌ لوڏي "ها" ڪئي.

"پلو ڪيئي..." ماڻس پاڪر ۾ پريندي چيس، "هي تہ تون آن، هو تہ معذورن مان ٻہ نہ مَڙن ...!!"

چمپل ڳنڍايو...!

تارا آسمان تي نمودار. سج اپرڻ پر اڃا ڳچل مهل گهربل. ڏال ۾ ڦلڪيون مانيءَ جون ۽ چانهه جو ڪوپ ڪٽي اڇي مٽن کان ٻيهي بنهين هوريان سڏيندس، "سوڊيءَ جا پيءِ!" هو مُنهن تان رلهي يا سَوَڙ هٽائي ائنڊو. ڪٽ پرسان رکيل ننڍڙي ڪاٺ جي پراٽي ٽيبل تان جڳ پاڻيءَ جو کڻندو، ته جوٽس مانيءَ ۽ چانهه ٽيبل جي ڪنڊ تي رکندي.

ٻه گلاس پي هٽ ڏوئي مانيءَ ڪائيندو. جنهن ڪانپوءِ نلڪو گيڙي، وهنجي ٻاهر ايندو. هڪ نظر سوڊيءَ ۽ ٽن ٻين ڏيئرن تي وجهي مرڪندو. پوءِ ڪاٺ جي پيٽيءَ جي رَسي ڪلهي ۾ قاسائي گهر ڇڏي گهٽيءَ ۾ نڪرندو، ته زبان مان ساڃيو آواز هوڪو بڏجي ٻاهر ڦهلبو "چمپل ڳنڍايو...چمپل ڳنڍايو..."

زندگيءَ جو گاڏو ائين سَٽَر سالن ۾ ٻه هڪ ئي دڳ تي هلندو رهيو. سوڊيءَ ۽ انڪانپوءِ ٻي ڏيءَ مومل کي پرٽائي باقي ٻن پوليو جي سَٽَ ۾ معذور ٽيل ڏيئر جي جياپي جو ٻار قدرت جو شڪر ڪري، ڪنيو مطمئن زندگي گذاريندو رهيو.

اچانڪ نظر ڏنڏلي ٽي ويس. ڏاڪٽر تائين پُڳو ته ان چيس، "موتيو پاڻي هجي ها، ته آپريشن ڪري نظر موٽائڻ ممڪن هيو. هاڻي ڪاري پاڻيءَ جي ڪري اها ويڃائجي چڪي آ. جنهنجي واپسي ممڪن ناهي!"

مايوس ٽيڙ بجاءِ ساڃيي جذبي سان ڏنڏلي نوَر هوندي ۽ چمپلون ڳنڍيندو رهيو. پر آڙ هر هر هٽ ۾ ڏنبجي پوندڙ. زخم تي زخم. پٽيون هڏي هڏي ٽڪو.

ڏال چيس، "منهنجي مڃين ته ان پورهيي مان هٽ ڪَيُ."

"چا ڪريان، ٻي مزوري ۽ ته نوَر جي نعمت سان ئي ڪري

سگهجي ٿي."

"سوچ، کوبيورستوئي ونڊو پوندئي."

"پنان!؟"

"محتاجيءَ ۾ اهو به عيب ته ڪونهي."

"پورهيي ۾ ايمان رهيو آ. پنهنجي اکين ۾ ڪرڻ کان مرڻ بهتر آهي."

"تون جو مرندين ته، پنڻُ پوءِ ته اسانجوئي مقدر بڻبو نه."

"هرگز نه."

پيرَ وري به ساڳين ئي رستن تي، "چمپل ڳنڍايو...چمپل ڳنڍايو..."

"ڪاڪا، بيهُ، هي چمپل ته ڳنڍي ڏي."

اکين ۾ پاڻي پرجي آيس، "پُٽَ، نظر ويهجي وئي آ. آزهر هر هٽن ۾ تي ٽنبجي. انڪري ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ٿِر."

"ته پوءِ چمپل ڳنڍائڻ جو هوڪو چوٽو ڏئين!؟"

"انڪانسواءِ ٻيو زبان مان اُڪلي نٿو..."

اوچتو هٽ تريءَ تي ڏهن رپين جو نوٽ اچي پيس، "وٺُ ڪاڪا، دعا ڪجانءِ."

"الله گنجَ ڏيندئي."

ائين ماڻهو سمجهندا ويا. ڪڏهن ويهه رپيا، ڪڏهن چاليهه رپيا ۽ ڪڏهن سئو ۽ ٻه سئو ٻه. هن جي خودداري پنهنجي جاءِ تي...

ساڳيو ئي معمول. تارن ۾ اٽڪ. پاڻي پي هٽ ڏوئي ماني کائي، پيتي کلهي ۾ لڙڪائي گهٽيءَ ۾ نڪرڻ. اهوئي هوڪي وارو آواز "چمپل ڳنڍايو...چمپل ڳنڍايو..."

هٽن ۾ ڏهين رپئي جو نوٽ. "الله گنجَ ڏيندئي..." اکين ۾ ڳوڙها. پيرن لاءِ ساڳيو ئي اٽڪت پنڌ...!!

رَوِشِ...!

"ويگن جو گئس سلينڈر ڦاتو. سڄي ويگن کي باهه لڳي وئي. ويٺل مسافرن مان ڪوئي نه بچيو!..."

هي اطلاع نه، جڙ وڃُ هئي. جيڪا ڳوٺ جيئنڊ پور جي ان پوڙهي ماءُ راڄل جي مٿان ڏماڪيدار آواز سان اوچتو اچي ائين ڪري، جو هن جي آسن ۾ ارمانن سان ڳڏ گهر ۾ وجود ۾ جڙ جلي خاڪ ٿي ويو. چوتهه هن جو اڪيلو پٽ ۾ مهينو اول شادي ڪري آيل ڪنوار نجيبان جو نوجوان وَرُ ميرل ۽ ان بد قسمت ويگن جي ٻين مسافرن ۾ شامل هو!

منجهند ڌاري ميرل راڄل جي پيرن تي هَٿ رکي ۽ نجيبان کان پاڪر پائي موڪلائي پرواري ڳوٺ جي سنگتي غلام حسين جي پهريتي پٽ جي لال شهباز تي باسيل سکان ڏيڻ واري ڪاج ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃي ٻن ويگنن مان هڪ ۾ چڙهيو ۽ موري ۽ دادوءَ جي پل کان ٽورو اوريان ويگن ۾ باهه جو بَڪُ ٿي ويو...

لاش آيو. ڪنهن ۾ ۽ ان کي ڏسڻ جي همٿ نه ٿي. ڪوئلن جا ڪجهه ٽڪر. جيڪي اجرڪ جي ڳنڍ ۾ ٻڌل. جنهن کي ڪٽ تي رکي مٿان چادرون ۽ اجرڪ وڌا ويا.

راڄل اوسارن مان اوباڪين پوندي ٻي سڌ ٿي جو ڪري ته ڏنڊ پئجي ويس. ۽ تجربيڪار مايون هڪدم ڏنڊ ڀيڙ ۾ مصروف ٿي ويون.

پريان لانديءَ ۾ ميت جي ڪٽ جي پيراندي ويٺل نجيبان ۽ روئندي هوش وڃائي، اتيئي ڍرڪي پئي ته "نجيبان...نجيبان..." چئي پاٽيءَ جا چنڊا هٽي ان کي ۽ هوش ۾ آڻڻ جون ڪوششون شروع ٿي ويون...

گهر باهران ڳوناڻن پنهنجي پنهنجي گهرن مان تڏيون ۽ رلهيون آڻي دروازي کان اوپر طرف برڇ جي وڏي وڻ هيٺان تڏو ڪري وڇايون. جنهن تي ماڻهو ايندا ۽ ويهندا پئي ويا.

"عجيب رَوِش آ. ڪورٽ جي آرڊر هوندي ويڳنن مان گئس جا سلينڈر ختم نٿا ڪرائن..."

"انهن کي سلينڈر نه، بَمَر چَئہ، بَمَر..."

"الائي ڪيترن جو سِرُ ڪٽندا. جي ڪورٽ آرڊر تي قانون جا رکوالا عمل ڪرڻ پنهنجي فرضن ۾ شامل سمجهن ها، تہ ويچارو ميرل هيئن قوهہ جواني ۽ ماءُ ۽ ونيءَ کي وڇوڙي جو وَڏُ ڏئي باهہ جو الو نہ بڻجي ويڃي ها!..."

ٻڏو اڻ ٻڏو...!

"اڄ ماسي سوني آئي هئي. تنهنجو ڪافي انتظار ڪيائين. ٻه منٽ اڳ ٻرئي آ."

"ائين ئي گهمڻ آئي هئي نه، يا ڪو ڪم ڪار هيس."

"پيٽين جي رشتي جي ڳالهه پئي ڪيائين..."

نرڙ ٻرسوند پئجي ويو.

"رشتو چوي پئي ته ڏاڍو پلو ٿو. چوڪرو ٻه سهڙو سيبتو آ."

"ڇا ڪندو آ؟" بيزاريءَ مان ڪيل سوال.

"ڪلارڪ آ..."

"ڪهڙي ڪاتي ٻر؟"

"ڪالیج ٻر."

"عمر؟"

"ڇويهه سال."

"ذات؟"

"اسان واري."

"اتو پتو؟"

"هن ئي شهر ٻر ٿو رهي. ٻيو ڪٽنب ٻه ايڏو وڏو ڪونهيس. رڳو ٻه ماءُ پيءُ ائس. پيڙ هيس. جيڪا ننڍپڻ ٻر گذاري وئي."

"گهر؟"

"ائس ڪچو باقي پنهنجو ٿس."

"ساران ڪي ته نه ٻڌايو ٿئي نه؟"

"نه، ان ڪان اڳ ٻر ماسي سوني وئي هلي ءِ هيءَ ٻه ٽوڪان ڪو منٽ ڪن اڳ ٻرئي اسڪول ڪان آئي آ."

"ٺيڪ آ. نه ٻڌائجانس ڪجه."

"معنيٰ ته هيءَ مائٽي به نه ڪندين؟"

"نه."

"چڱو تنهنجي مرضي، پر سڀ مائٽيون جو موتائيندو ٿو وڃين، ته ييڙ ڪي عمر پر لاءِ ويهاري ڇڏيندين چا؟"

"ها، پچيو ٿئي ته دل جو فيصلو اهو ئي آ. نه ته ٻڌاءِ، ڏهه اسانجا ٻار، ٻه اسان، ٽوٽل ٻارهن پاتين جو هيڏو سارو عيالُ هن جي ماستريءَ جي پگهار نه، ته منهنجي پڙيءَ واري مزوري پالينديِ چا، هان؟!"

عين انوقت زال مڙس جي ڪٽ سان لڳ ڪوٺيءَ مان ساران جي سڏڪي جو آواز آيو. جنهن ڪي ٻنهي ٻُڌو، ان ٻُڌو ڪري ڇڏيو...!!

ڇڇي ۽ ٻه...!

"مون ڏي، جو سڳ توکي ڏنو. جنهن تي رکو تنهنجي ئي خدمت ڪرڻ فرض آ. باقي تنهنجي ٻين گهرياتين جي ٻيلپي جي ذميواري قطعي به هن جي ناهي."

"چاچا سائين، اوهان الائي ڇاتا چئو. منهنجا ٻيا ڪهڙا گهرياتي آهن؟ ابو ۽ امڙ ئي ته آهن! جن جي خدمت ڪرڻ ڇا هن تي واجب ۽ فرض ناهي؟"

"نه."

"ته پوڙهن پيءُ ماءُ کي مان ڪير ڇڏيان؟"

"اهو تنهنجو مسئلو آ. هوءَ انهن سان ڪنهن به صورت ۾ گڏ رهڻ نٿي چاهي. جي ٻي جاءَ وٽي الڳ رهائينس ته ٺيڪ آ، نه ته پلي سڄي عمر مونوٽ ويٺي هجي. هن کي کارائيندي مان نه ڪُٽندس."

"چاچا، اوهان ٿڏيءَ دل سان سوچيو. هو کي ٻيا نه منهنجا ٻيءُ ماءُ آهن. جيڪي اکين ۾ جايون ڏيندا ٿس. امان امان کانسواءِ ڪوٽيندا نٿس. هوءَ اڃا ائوٽو پئوٽو هلندي ٿُن، ڳالهه ڳالهه تي دڙڪا ۽ ڇڙٻيون ڏيندي ٿُن، پر ٻڌائي ته ڪڏهن کو موٽ ۾ هنن اکر به چيو ٿس، جو بيواجبي ڪري هر و پر و گهر ڇڏي آئي آ."

"ادا، مان توسان بحثا بحثيءَ ۾ پوڻ نٿو چاهيان. هوءَ منهنجي سڪيلڏي ڏيءُ آ. تنهنجي والدين سان جيستائين جالهيئين، جالهيئين. هاڻي نٿي گذارڻ چاهي، ته مان زورو ڪري، ته ڪونه لائيندس نه تنهنجي ڪَيَ. انڪري پنهنجو گهر بچائڻ چاهين ٿو ته انهن کي اِنَ ئي گهر ۾ رهاءِ، پر هر عورت جي خواب وانگر ڇوڪريءَ جو به اهو خواب ساڀيا ڪر ۽ ڪيس الڳ گهر وٽي ڏي. جنهن ۾ هوءَ مالڪياڻي ٿي رهي."

"نہ، اهو مناسب ناهي ۽ نہ ئي مونوٽ ايترا ڏوکڙ آهن، جو هن کي الڳ گهر ونڊي ڏيان. پاڻ سوچيو. ڪلارڪيءَ ۾ گذران ئي مشڪل آ. نمبر ٻي ڳالهہ، تہ کو جهيڙو جهٽو ٻہ نہ ٿيو آ. نہ ئي بابي يا امان هن کي ڪجهہ چيو آ، جو برقعو پائي ائين بنا ٻڌائڻ جي مُنهن سُڄائي نڪري آئي آ."

"مان ايتريون ڳالهيون ٻڌڻ نہ ٿو چاهيان. بس، هن جي خوشيءَ کان وڌيڪ مونلاءِ ٻي ڪابہ خوشي ناهي. انڪري ويڃي هن لاءِ ڌار گهر جو بندوبست ڪر. ڪاڏنون ٻہ ڪرين. ۽ جڏهن اهو ٿي ويڃي تہ پوءِ ئي اچي مون سان ڳالهاءِ. هيئن اجايو روز روز اچي جهڳڙ جهڳڙ نہ ڪر. هَلُ، نڪر اوطاق مان. شاباس..."

"ائين لوڏي تہ نہ ڪيو نہ چاچا. آخر مان تنهنجو..."

"تيستائين ڪجهہ ٻہ ناهين، ها، جيستائين منهنجي ڏيءَ جي ڳالهہ کي اڳي نہ ڪندين. ٿورن لفظن ۾ سمجهي وڃ. نہ تہ انهي کان وڌ سخت هولي ٻہ ڳالهائڻ مونکي ايندي ٿئي..."

سهري جي بدليل رنگن واري چهري ۽ ڦوٽاريل اکين ۾ هو وڌيڪ نهاري نہ سگهيو. روٺهارکي مُنهن سان اوطاق مان ٻاهر نڪري آيو.

گهر موٽڻ بجاءِ هو ريل جي ٻن پٽڑين وچ ۾ هلندو رهيو. سوچيندو رهيو. نہ زال ٿي سهائي سگهيو. نہ پيءُ ماءُ. جنڊ جي ٻن پٽڑن وچ ۾ پيسجندي چوتڪاري جي راهہ ڪٽي ٻہ نظر نہ آيس...

روڊ تان ايندڙ ٽرڪ جي اڳيان هن پڙ ڇڏي ڏنو تہ وڏي مشڪل سان ڊرائيور بريڪ ڏئي گاڏيءَ کي موڙيو ۽ هن کان ٻن ايڪائي فوٽن جي فاصلي تي پريان بيهندي انتهائي توائيءَ ۾ هن ڏانهن ڏسندي چيو "مرٽو ٿئي، تہ وڃي ڪنهن ٻئي جي پاڙ پَٽِ. بيگناهہ مان مسڪين جي ڇڇيءَ ۾ چوٽو پوين...!"

ڪڙڪايون ٿا قانون کي...

"چئوادا، چا مسئلو آ توهان جو؟"

"اڳ پر مان ڳالهايان..."

"هاها، تون ئي ڳالهاءِ."

"سائين شهر لڳ مان ڳوٺ شاهل خان جو رهواسي آهيان. زميندار حسن عليءَ جي ٻن ايڪڙن تي هارپو ڪندو آهيان. هيلوڪو ڪڪ جو فصل کٽي عيد لاءِ ڪپڙا لٽا وٺڻ بجاءِ انڪري ۾ سولر پليٽون وٺڻ لازمي سمجهيم، جو دوزخ جهڙي گرميءَ ۾ بجليءَ وارن جا قهر ڏسو ٿا، ته جهڙوڪر ڏين ئي ڪونه ٿا. سو جبل جيڏو اونهارو گذارڻ لاءِ ايڏا ٻن ٽن هفتن جو سڪ مس ورتوسين، جو رمضان جي پلاري مهيني ۾ روزي رکڻ کان اڳ چور گهر جي ڪوئي تان ٻئي پليٽون لاهي کٽي ويا..."

"ٽاٽي تي فرياد ڪئي ٽئي؟"

"ها، اها داخل ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ وڏيري حسن عليءَ ڏي ويس. پر ان چيو ته صوبيدار سندس چٽي ۾ ڪونهي. ان جواب کانپوءِ به آسرو رکي ٽاٽي تي ويس. پر فرياد نه ورتائون. الٽو اهڙا سوال ڪيائون، جو طاق لڳي ويا. جڙ چور ئي مان هجان. تڏهن وڏي مشڪل سان پاڻ ڇڏائي ٻاهر نڪتس. پوءِ هڪ پير مرد چيو ته پريس ڪلب وڃ. جيڪا پڇائي هتي پهتو آهيان..."

"چگو صحيح آ. نالو چا اٿئي؟"

"سونهارو."

"ٺيڪ آ. هاٽي تون پوئتي ٽيءِ. ها پائو تون..."

"مان ڳوٺ عجب ديري جو. بڪالڪو دڪان هلائيندو آهيان. هڪ پليٽ منهنجي دڪان جي، هڪ گهر جي. جيڪي دڪان جي

چت تي رکيل هيون. رات اهي ٻئي چور چوري ڪري ويا!..."

"الله، توبہ ڪا فرياد ڪئي يا..."

"نہ نہ. سڀڪو هيڏانهن آيو آهيان، جو ٽاٽي وارن ۾ اميد نہ سمجهي تہ موترائي ڏيندا..."

"باقي اسان موترائيندا سون؟ اسان تہ صحافي آهيون. رڳو لکڻ ڄاڻون..."

"الله کانسواءِ اهو اوهانجو قلم ئي اسانجو سهارو آ. نہ تہ چوڌاري اوندهہ لڳي پئي آ. پاڻ ڏسو ۽ سمجهو ٿا. اسانجو ڏٺي سائين..."

"سمجهيم سمجهيم. تنهنجو نالو؟"

"قبولو."

"هَلُ. ها، ائون تون..."

"مان جوڳي فقير. شهر ٻاهران جوڳي ڪوٽ جو..."

"تنهنجو مسئلو؟"

"ساڳيو ئي. هڪ پليٽ جي چوريءَ جو..."

"ائيلي!، چورن پلا اڇڪلهہ مالَ ملڪيت بجاءِ مارو ئي رڳو پليٽن تي رکيو آ چا؟!"

"ها سائين، چورن کي شايد مال ملڪيت کان اهي ئي سئوليون ٿيون لڳن. نہ تہ هڪ رات ۾ ايترن هنڌن تان هڪ جهڙيون وارداتون نہ ٿين ها..."

"جوڳيءَ جو نالو؟"

"حاڪر."

"ٻيا بہ پليٽن وارا آهن چا؟"

"تي ٻيا بہ آهن. جن مان هڪ اسان وانگر ڳوناٽو بہ شهر جا آتو."

"لکئون ٿا، لکئون ٿا. چا نالا ٿن؟

"عيدن ڪوٽ جو لکمير."

"ڀ شهرين جا؟"

"ساجد ڀ شهزادو..."

"اف، کيڏي تہ گرمي آ..." نوجوان صحافي قلم روکي، کيسي

مان رومال کڏي نرڙ تان پگهر اگهڻ لڳو.

"شل، ٻچن ۾ ڪيڪٽ پَوندن. اسان جي ٻچن کنئون هواءِ کسي ٽئون. پاڻ بہ سک سان نہ سمهندا. هِتي بہ دوزخ ۾ هوندا، تہ مٿي بہ اهائي باهِ هوندن..." حاڪم جوڳيءَ ڏي گهٽ روئندي چيو.

"لکئون ٽا خبر، حاضر جوڳي فقير، بلڪل لکئون ٽا، ڪڙڪايون ٽا قانون کي. مَنَ رحم پَوين ۽ خبر جو مانُ رکي اوهانکي اوهانجون سولر پليٽون موٽرائي ڏِيَن..."

ووٹر جي عزت...!

هو ڊوڙندو وتس پهتو.

"مائٽ، هي چا ٿيو سجو سارو رتوچاڻ لڳو پيو آن ۾ شرٽ ۾ ڦاتي پئي ٿئي، ٻڌاءِ، ڪير وڙهيو ٿئي؟"

"ٽائيگر خان جا وائا وڙهيا هِن."

"ڪٽي وڙهيا ٿئي ۾ جو، جڏهن ته تون شيدائي ۾ ٽائيگر خان جي پارٽيءَ جو آهين!؟"

"سڀ ٻڌايائين ٿو ادا، سڀ ٻڌايائين ٿو. پر پهريان مونکي ٽاٽي تي وٺي هَلُ. مان انهن سيني تي ايف آءِ آر ڪترائيندس، جن ڏَڪ هنيا هِن. جلدي ڪر. ڪنهن رڪشا کي روڪِ."

"رڪشا ته نظر نه ٿو اچي. پر هَلُ، ٿورو اڳيان هلون. مَنَ سامهون واري موڙ تي ملي وڃي."

"هَلُ پلا، پر تڪڙو. جيئن ٽاٽي تان ٽي ۾ انهن جي ليٽر تي جلدي اسپتال پهچون. مٽي ۾ پانيان ٿو ڪو زخم رسيو آ، جنهن مان رت جو سيمو بند ئي نٿو ٿئي."

"هن پنهنجي رومال کي ڦاڙي پَٽي ٻڌاءِ.؟

"نه، ٽاٽي وارا ڏسي وٺن ته پوءِ ٻڌجاءِ. جيئن ايف آءِ آر ڦِلهڙي نه، طاقت واري داخل ٿئي."

"چگو جيئن تنهنجي مرضي. پر هاٽي جيستائين رڪشا ملي، مختصر نموني ٻڌاءِ ته آخر وڙهيا چو ٿئي؟"

"اڄ ٽائيگر خان جو جلسو هو نه..."

"اڙي ها، اهو جلسو اڄ هو نه. مونکان ته وسري ويو هو..."

"ان جلسي ۾ مون رڳو ايترو ڪيو جو...او هُو رڪشا وڃي ٿو. رڙ ڪرينس."

"رکشا..."

رکشا هلندو اچي ٻنهي جي اڳيان بيٺو.

"سٽي تاڪو."

"ويهو."

"ها، هاڻي ڪولي ٻڌاءِ؟"

"بس يار، مونکي ڪُٽيءَ ڪنيو جوڪجهه ڏينهن کان تي ويءَ تي تائيگر خان تقريرن ۾ چيو پئي ته، ووٽ کي عزت ڏيو ووٽ کي عزت ڏيو. ته، مان به سوچيو، جيڪو چوي ٿو ته، ووٽ کي عزت ڏيو ته ضرور ووٽر کي به اوڏي ئي عزت ۽ مانُ ڏيندو هوندو. تڏهن پاڻ سان اهو پَهہ ڪيم، ته هاڻوکي اليڪشني مهم ۾ هو جڏهن به اسانجي شهر ۾ جلسو ڪرڻ ايندو ته سڪٽو هٽ ڏئي نه، پاڪر پائي ملندوسانس..."

"اڇا..."

"ها، سو ان خواهش جي پورائي لاءِ اڄ جڏهن جلسي ۾ ويس. ۽ ڪافي انتظار کانپوءِ هن جلسي گاهه ۾ پير پاتو ته مان جيئن ته اڳيان اڳيان بيٺو هوس، انڪري هن جي چئوڌاري ڏنل سنڊس وائن جي ڪڙي کي سولائيءَ سان توڙي هن تائين پهچي ويس. هو پهريان ته ڪو خودڪش سمجهي ڊڄي ويو. پر پوءِ محسوس ٿيس ته مان ملڻ پيو چاهيان، ته بيزاريءَ مان ڪٽي هٽ کي سِڌو ڪري اڳيان ڪيائين. پر مان ته هن سان پاڪر پائڻ لاءِ آتو هوس، ان لاءِ تَڏ ڏئي، ايجا به ويجهو سُري پنهنجيون ٻئي ٻانهون کوليم ۽ هن جي سفيد ڪاٽن جي ڪپڑن جي چوڌاري ورائڻ جي ڪوشش ۾، انهن کي ڇُهيم مس ته رڙيون وڌي ڪيائين. پڪڙيو...پڪڙيو هن گند جي ڊيرَ کي، منهنجا ڪپڑا خراب ڪري ڇڏيائين. بس پوءِ اتيئي، هن جي اڳيان شاهَ کان اڳ ۾ شاهَ جا وفادار يعني هن جا وائا مونکي ڪنيي مارَ ۾ شروع ٿي ويا. لتن ۽ مُڪن کانسواءِ جيڪو هَٿِ ٻئي آيُن، هٽندا ويا، ايستائين، جيستائين هيءَ حالت نه ڪري ڇڏيائون..."

"ابوءِ!، اِهي هَن نه، عوام جي هِنَ وڏي کان وڏي هڏڏوکي سياستدان جا پرڪار، جيڪو جاتي ڪاٽي سينو ٽوکي چوندو ٿو

وتي ته، مان سرمائيدار سياستدان نه، پر عوام جو خدمتگار آهيان."

"ڪوڙو ڪوڙن جو ياڙ. پر هيءَ جيڪا هن مونکي مار ڏياري آ نه، ڀ جنهن لاءِ مان قانوني دڳ وٺان ٿو ڀ آخري ساهه تائين هن کي ڀ هن جي وائن کي نه ڇڏيندس. پر ان سان سڄي دنيا جي ميڊيا ذريعي ماڻهن کي ته خبر پئجي وئي نه، ته هو ووٽ ڀ ووٽر جي ڪيتري عزت ڪري ٿو!!..."

نہ ڪورٽون نہ قانون...!

پٽ شاھ کان موٽيس پئي ۽ موريءَ تي ڪوچ جو انتظار پئي ڪيم تہ سئوٽ عبدالغنيءَ جي فون آئي.

"جي سئوٽ..." مان فون کولي ساڻس مخاطب ٿيس.

"سئوٽ، پيٽ ۾ ڏاڍو سور پيو. سو کالھ تو وٽ آيس تہ ڪنھن ڊاڪٽر کي ھلي ڏيکار. پر جيئن تہ تون پٽ شاھ تي ويل ھئين، انکري ڪنھن دوست جي ڏس تي ھڪ ڊاڪٽر کي ڏيکاريم.

الٽراسائونڊ لکيائين. جيکو ڪائي آيس تہ چيائين، پيٽ ۾ وڏو غدودي گوڙھو ٿئي. سو ھڪدم آپريشن ڪراءِ. خرچ پچيومانس، تہ پنجاھ ھزار آپريشن جا ۽ پنجاھ ھزار ميڊيڪل سينٽر جي ڪرايي ۽ دوائن جا ٻڌايائين. جيکي پونئي موٽي گھر جا ڳھ ڳڻا ڪپائي ۽ ڪجھ پَٽَ ڦر ڪري ڪٽي آيو آھيان ۽ ھاڻي ڊاڪٽر ڏانھن وڃان پيو آپريشن لاءِ. سو دعا ڪجانءِ."

"ڪھڙو ڊاڪٽر آ؟" ڪانئس پڇيم.

"عرفان."

"تکڙ نہ ڪر. مان شام تائين پھچان ٿو. سرجن ڊاڪٽر رميش منھنجو دوست آ. چونہ ان کان بہ اوبنين وٺجي؟"

"پلي. مان ترسان ٿو."

"پيٽ جو سور ڪيئن اٿئي؟"

"کالھ ڊاڪٽر انجيڪشن لکي ڏني ھئي. جيکا کالھ شام ۽ اڄ صبح لڳرائي اٿم. انکري سور ڪجھ گھٽ آ."

"ٺيڪ آ. الله رحم ڪندو. تون انتظار ڪر."

شام جو پھچي سئوٽ عبدالغنيءَ کي ڊاڪٽر رميش ڏانھن وٺي ويس. جنھن بہ کيس چڪاس ڪري ھڪ الٽرا سائونڊ لکيو. جيکو

"مختيار" کان ڪرائي اڇڻ جو چيائين.

الٽرا سائونڊ ڪرائي پهتاسي، ته ڊاڪٽر رميش ريڊيالاجسٽ جي رپورٽ پڙهي ٿورو مشڪندي سئوٽ عبدالغنيءَ ڏانهن ڏنو ۽ چيو "توهانکي ڪوڙهو وغيره ته ڪونهي. لڳي ٿو ته ڪنهن ڪاڏي مان بدليا هجو يا ريهڙ جو پرابلم هجي. جنهن لاءِ به ٽڪيون لکان ٿو. اميد ته صحيح ٿي ويندا."

"ته سائين غدودي ڪوڙهي ۽ هي اڳ جي ڪرايل الٽرا سائونڊ جي رپورٽ..."

"تون چڏ ان قصي کي." ڊاڪٽر رميش ڪيس وچ ۾ ڪٽيندي چيو "وڃي مٺائي ورهاءِ، جو هرجي ٽيڙ کان به بچئين ۽ پيٽ ڦاڙائڻ کان به."

"ڪيئن سائين؟" سئوٽ عبدالغني هڪ ڀڪوٽي ڊاڪٽر ڏانهن ڏسڻ لڳو.

"اڙي ادا، ڏاڍو ڪو سادو آن. ڊاڪٽرن جي اڪثريت عرفان ۽ انهن نام نهاد الٽرا سائونڊ وارن جي مِلي ڀڳت سان صفا اکيون ٻوٽي، قهر ڪري ڇڏيا آهن. انهن کي رڳو پئسي سان ئي سروڪار آبابا، ڪنهنجي پيٽ ڦاڙڻ ۽ حياتي وڃائڻ سان نه ۽ وڏي ڳالهه ته انهن کان ڪير پڇڻ وارو به ڪونهي. نه ڪورٽون، نه قانون..!!"

پڑيئون پيرو...

"شادي نہ پيو ڪرايان، تہ ڏرتي تپائي تامو ڪري ڇڏيئي. پهريان ماءُ ڪان منٽون ڪرايئي، پوءِ نہ ڇڏيئي ڪنهن سنگتيءَ جو گهر. جڏهن راضي ٿيس تہ وري باهہ ٻاريئي، تہ سئوٽ جي ڏيءُ وٺي ڏي. جنهن سان ورهين کان اٽڻ ويهڻ هو نہ ڳالهائڻ هولهائڻ ۽ پٽ برادري. جو تون جڏهن ننڍو هئين، تہ هر ويرو ڏڳ ويندي سلام نہ ڪرڻ واري معمولي ڳالهہ تي ناتا توڙي ويو هو. حالانڪہ ڏڳ تي مون هن کي ڏٺو ئي ڪونہ هو. خير، تنهنجي ڪري مُڇون هيٺ ڪري وڃي ايلازو ٽيومانس. اڳ ۾ تہ تي تريون هٽي جواب ڏٺي ٻيلو. پوءِ وڏي پيٽس کي ميڙ ڪري وٺي ويوسانس، تڏهين وڃي مسين مسين سگ ڏيڻ تي راضي ٿيو. پوءِ ڏٺئي تہ وري بہ اسانجي حالَ تي نہ هليو ۽ شاديءَ ۾ ڪيڏو خرچي ڪيائين. سندس ساڻي هئا هڪ ڏيڍ جا، تہ تي ديڳيون پُلاءَ ۾ هڪ زرڊي حون زورو ڪري ورتائين. بحرحال اها مهل هئي، جيڪا صبر ڪري گذاري آياسون ۽ اسان کي صبر ئي ڪرڻو هو."

"بابا، هاڻي وسار اها ڳالهہ. گذري سا گذري."

"چگو ڇڏيون ٿا انهي کي. ڪجهہ ٻيون خاص ڳالهيون آهن، جيڪي توکي ٻڌائڻ لازمي آهن. انڪري ڪن ڪوليءَ، *ڏيان ڏئي، امي پنهنجي دل ۽ ويچار ۽ زندگيءَ ۾ انهن تي ئي عمل ڪر. ايئن، جيئن تنهنجي ڏاڏي جي چوڻ تي مون ڪيو ۽ ان پنهنجي پيءُ يعني تنهنجي* تڙ ڏاڏي جي چوڻ تي ڪيو. انڪري مون تابين سيني جو وقت ڏاڍو سک جو گذريو. توکي بہ ائين ڪرڻو پوندو. نہ تہ سک جو هڪڙو پل بہ ڏسڻ لاءِ ٻيو سڪندين. اهو مان گارنٽيءَ سان ٿو چوان."

"ها بابا، جيئن چوندين، تيئن ڪندس. اڳ ۾ ٻيلا ڪڏهن

تنهنجي چئي ٻاهر ويو آهيان."

"ٺيڪ آ، ٺيڪ آ. هاڻي ٻڌ ڳالهه."

"جي بابا."

"عورت کي عقل هوندو ٿئي ڪڙيءَ ۾. سو تون به زال کي گهڻو پيار ڏيندين، ته مڙس ماڻهو ڀي ڪيڏو به ڪٽي ڪندار هجين، مَجوُري هلائيندئي. انڪري حساب ڪتاب سان هلائيس."

"ڪيئن؟"

"ڏينهن ۾ ٻه ٽي پيرا ڪونه ڪو ٻهانو ڪري ڪُتڪو ڏئيس ۽ پيار رڳو رات جو ڪلاڪ اڌ لاءِ ئي ڏئيس. تڏهن گهر سڪير ملندئي. هر ڪروڌ کان آجي، جونءَ به ننڍ هوندئي ته ٻاهر به ڪنڌ ڪٽي هلڻ جهڙو رهندين. صحيح ٿو چوانءِ نه؟"

پٽ پيءُ جي ڪڙڪيدار آواز ۾ ڪِکان وکان ٽيندي ٽڪڙ ۾ واتان نڪرندڙ "ها" جي لفظ کي روڪي ورتو. پوءِ ٿورو سوچي ۽ پهريون دفعو همٽ ڪري پيءُ کي چيائين، "مان پنهنجي زال سان امان ۽ ڏاڏيءَ جهڙو جانور وارو سلوڪ نه ڪندس. چوين ته تنهنجي گهر ۾ رهان، نه ته ڪمائيندڙ آهيان. هٽ جي تنگي مولا نه ڏيندو. ڏکيو سکيو ڪائي جڙهندس. جڏهن ته ڏکيا تون ۽ امان ئي ٽيندئو. چو ته توهان منهنجي ئي ڪمائي ٽا کائو. يا مان غلط ٿو چوان؟"

پيءُ وٽ ان سوال جو جواب نه هو. تڏهن پهريون پيرو ڪنڌ هيٺ ڪري پٽ جي ڪرياني جي دڪان مان نڪري ويو.

نہ پتائي سياست...!

"گاڏي بيهار، اوسائين، بيهُ...بيهُ..."

"رڳو هڪڙو منٽ ترس. اسان وڏن کان تنهنجي پارٽيءَ جا آهيون. اسان کي ٻڌُ..."

"تنهنجي ڪمدار اسان سان ڦهر ڪيا هَن. اسان پاڪ ڪتاب ڪٽي توکي دانهن ڏيڻ آيا آهيون. اسان سان انصاف ڪر. گاڏي روڪ..."

"ڪمدار منهنجا ٻه پائر بي گناهه جيل ۾ وڃرايا آهن..."

"منهنجي ويهه ايڪڙ ٻني پگڙن مُٺِ وڻڻ چاهيائين. نه ڏنم ته هٿياربند ويهاري هن سالن کان قبضو ڪري وينو آ. ڪوڙ دغا توڙي ڪراچيءَ توڙي هِتي بنگلي تي آياسي. پر توسان نه ملايائون..."

"اسانجو ڏوهُ اهو آ، ته تنهنجي ڪڙمين واري سڄي ڳوٺ ۾ پنهنجي ٻنيءَ ٻاري وارا آهيون. جيڪا هو سيني کان پنهنجي شرطن تي وڻڻ ۾ ڏاڍ مڙسيءَ سان هڙپ ڪرڻ تو چاهي..."

"هن وسيلي جي صدقي اسانکي هن واڳونءَ جي وات کان بچاءِ. اسان نه تنهنجا مخالف آهيون، نه تنهنجي پارٽيءَ جا. ڪمدار ٻيواجبي ڪري اسانجي ويڑهي ۾ ذات وارن کي نشانو پيو بڻائي."

گاڏيءَ جي اندر پوئين سيٽ تي ويٺل تَر جي وڏي زميندار ۽ ان علاقي جي تن پيڑهين کان هر اليڪشن ۾ سوپاري ٽيندڙ خاندان جي عمر کان موت کاڌل ليڊر،(جيڪو هڪ پيرا صوبائي ۽ هڪ پيرو وفاقي وزير رهي چڪو آ) ڊرائيور پرسان اڳئين سيٽ تي ويٺل ڪمدار کان چسڪو وٺي مذاق واري انداز ۾ پڇيو "ڪمدار، مسڪينن سان ايڏي بيواجبي ڇو ٿو ڪرين بابا؟"

"سائين، مونکي مجالَ آهي. اهو اوهانجو ئي حڪم آهي."

"اها سياست سمجھ ۾ نٿي اچين ڇا؟"

"اچين ها تہ پاڻ کي ايڏو ڇڪتاڻ ۾ ڇو وجھن ها. ڪوبہ لولو ڪري ٻنيون ڏئي ڪڍھوکو ڇوٽ ڇڏي هليا نہ ويون ها. هيئن تاڪ منجھند جو هجوم ڪري پاڻ کي خوار ڪن ها ڇا؟"

"تہ منھنجي دانھن معنيٰ مونکي ئي ڏيڻآيا آھن. ائين نہ؟"

"ها سائين."

"گھٽا ووٽ اٽن؟"

"اناسي."

"۽ پنھنجي ڪڙمين جا گھٽا آھن؟"

"ڇھ سئو ويھ."

"ڇڪي رکين"

پوءِ ڊرائيور سان مخاطب ٿيندي حڪم واري نوع ۾ ليڊر چيو. "گاڏيءَ کي تيز ڪندو نڪرندو وڃ، جلدي جلدي. جو جلسي ۾ ٻہ پھچڻو آ بابا. اڳيئي ٻہ ڪلاڪ ليٽ ٿي ويا آھيون."

"جي سر." چئي ڊرائيور رفتار ٿوري ٿوري ڪري وڌائيندو ويو تہ اڳيان ايندڙ ماڻھو ھٽندا، پوئتي ٿيندا ويا.

"اسانجا ووٽ اڄ ٻہ تنھنجا آھن سرڪار، ٿورو ترس. اسانکي ٻُڌ بابا سائين، ٻُڌ. ڪمدار کي..." پوڙھو مولا بخش جملو پورو ڪري نہ سگھيو ۽ لينڊ ڪروزر ھن کان تيزيءَ سان اڳيان وڌندي وڌندي چند سيڪنڊن ۾ سيني جي اکين کان اوجھل ٿي وئي.

.....

جلسي ۾ پھچي ماڻھن جي وڏي ميڙ کي مخصوص انداز ۾ ھٿ لوڏي خطاب ڪندي چيو "ھن دفعي ٻہ مونکي ھڪ نہ، پر سئو دفعا پَڪَ آ تہ اوھان مونکي ئي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪندا. ڇو تہ اوھان مونکي ڄاڻو سڃاڻو ٿا ۽ خبر اٿو تہ منھنجا ھٿ ۽ دامن صاف آ. سڀائين ماڻھن جي ٻلي لاءِ ئي سوچيو ۽ لوچيو اٿم. گھر جا دروازو ٻہ چوويھ ئي ڪلاڪ ماڻھن لاءِ کليل رکندو آھيان. انڪري جو منافقيءَ واري تہ پتائي سياست مونکي ايندي ئي ناھي. صفا نہ ايندي آ بابا...!"

A PAINFUL PORTRAYAL OF SINDH SOCIETY

My friend Mr. Muhammad Ali Pathan is an accomplished and adept man of letters. He has done innovative experiments in different genres of literature and all of them have earned acclaim from literary circles so much so that even his critics seem appreciative of his creative competence and imaginative ascent. His short stories' book "Ahead of the World" is also unique in its texture and idiom. The stories given in it are based on author's inquisitive investigations which he has spun imaginatively with dialogues delivered in a folk dialect easily understood by common man.

These short stories come under the category of "Flash Fiction" which carry a clear message and leave reader not in a state of confusion to ponder over its latent import.

I would like to cite here certain stories from the book under my review for enlightened readers to comprehend the pathos and anguish of the author felt for Sindhi society caught in the cobweb of cruel customs of honor killing, illiteracy, ignorance and tyranny of an idle macho milieu.

The short story "Let's see who hears their complaint" (*DISON KAIR THO BUDHEN*) is indeed of international standard. It depicts "Might is Right" philosophy which is being applied in the universe from world superpowers to heads of hamlets of Sindh. All the powerful nations and authorities existing in different forms and shapes keep on inflicting indignities, atrocities upon the oppressed nations and weak people in this global village. While an act of unleashing hounds on a voiceless widow and her depressed daughter by hooligans of a landlord is an oblique indication to all oppressors who hail

from a condemnable culture of aristocratic vulgarity and ruthlessness. Byron befittingly portrays a true picture of such savage class in his ode to New York "which exactly suits to the soulless swine of Sindh, in these lines;

"Vulgar of manner, overfed
Overdressed and underbred
Heartless, Godless, hell's delight
Rude by day and lewd by night"

In "CC Cameras" story the author castigates inhumanity of private labs and medical college owners who promote unethical trade of human organs and patronize professional criminals to dig dead bodies from graves of deserted graveyards. This is a caustic criticism on government for its failure to control over this terrific trade.

The story "one wheeling" carries a cautionary message for parents to forbid cute kids to play havoc with their lives through this pernicious practice.

In "A memento of ancestors" (*Wadran Ji Nishani*), the writer lampoons lucidly at Sindh education Department for its failure to replace outdated books and syllabus with updated books and material.

He refers to a classic example of a Sindhi novel (Jhan Aara) on intermediate classes, which is an absurd in its contents and message, yet it is being taught from decades. Apart from it there are many trite topics in arts and science subjects which need to be replaced with new ones, but no heed is given to this essential academic issue.

In the story "An Attitude"(*Rawash*) the author exposes despicable disposition of aristocracy towards the issue of public safety measures and none compliance of apex court adjudication regarding installation of standard cylinders in public transport vehicles to avoid recurrence of explosion incidents causing countless causalities.

The story "An intact Trust" (*Amaanat*) tells an enlightened decisions of separation by a revolutionary couple at nuptial night when a bold bride spoke the truth

with a brave bridegroom about her refusal to marry with him. He received the refusal with open heart and accepted it as an inviolable right of hers to choose life partner at her will and wish. This short story heralds the good tidings of resistance against forced marriages.

"Defamation" (*Khuwari jo Kharo*) is also a classical story which highlights the harms of usury business being run by private persons who encumber poverty stricken people under a back breaking burden of heavy interest upon advanced loans. Indeed, the dictates of usurers are not less than those of IMF & World. The only difference in roles of Bretton Woods institutions and local usurers is that IMF and World Bank enslave nations all over the world and local financers enslave few poor people of localities.

In this story the writer shows public pleasure at the arrest of a criminal creditor (Usurer), which is a catharsis for venting pent up agonies being endured by miserable masses. The usurers are an anathema to the society and an affective crackdown against them is a welcome step that ought to be admired.

The story "Conflagration"(*Bhanbhoor khe Baah*) is a saddening anecdote of merciless messiahs who often go on strike in government hospitals even at trifle matters and become so cruel that they refuse to give first aid to serious patients losing the all sense of a professional ethics to serve suffering humanity as a divine duty. While in private clinics they show much tolerance and pocket petty insults with smiling faces.

"The Temptation" (*Ann jo Munh Jand De*) is a sarcastic censure upon the conscienceless doctors who yield to tempting offers of drug companies and prescribe spurious and low quality drugs in lieu of personal perks and facilities without considering hazards to the health of patients.

In the "Dreadful Department" (*Dadho Khaato*) story the writer exposes highhandedness of law enforcing agencies which occupy educational institutions in Sindh and brazenly

refuse to vacate buildings depriving students of education mostly in rural areas where police stations are housed in school buildings. This story is a silent satire on perverse role of police department.

"A cruel current" (*Walishee Walkaro*) is a hair raising story of an innocent lass kidnapped and raped by two savage sons of influential parents whom she got arrested with bold stance, but on appearance of pregnancy, her uncle and cousins felt their pride piqued as a result they strangulated her with the same scarf she abortively attempted to put at their feet to let her live because she was not at fault for violation of chastity.

"A doll behind a donkey" (*Gadh Puthian*) is too a moving story of a four years infant girl given in a marriage to a sixty years old man as an indemnity for saving life of her uncle who was accused of committing adultery with a woman murdered by the old man as an honor killing case.

"Befitting" (*Merk*) this story relates an agonizing anecdote of a barefooted woman working in field who urged her husband to get her a pair of slippers for protection of feet from prickly thorns, pointed stones and heat burning. Heartless husband deemed the demand as an act of undue dalliance so instead of obliging her; he gave her a brutal bashing.

The story "Two roeful hilsa" (*Ba Aaniyara Palla*) narrates a terrible tale of an unfeeling father who, overwhelmed by greed and gluttony sells his daughters and lives luxuriously taking in meals too roeful hilsa daily. This is a lasting lampoon on unfriendly fathers.

"Three wives and fifteen Acres" (Tray *Zaalon aen Treeh Jareb*), it is a story of an idle husband who hinges on working wives and leads a life of dependence despite being fit for physical work. Such husbands are ludicrous leaches for families.

The story "Licking the dust of road" (*Chaato Road Jee Raee jo*), narrates a deep routed malice lurking in the mind.

of man against womenfolk. It depicts an evil deign of a dishonored husband, who on the instigation of a local landlord, killed his virtuous wife with an ill motive to get two acres of a cultivated land from a villager by alleging him of having adulterous relations with his wife murdered in honor killing. But after arbitration, local landlord occupied two acres of land and left him without land and lady.


In the title story "Ahead of the world" (Dunia *Kha Agtay*) the writer relates a lamentable legend of an ill-tempered, idle, peevish and parasitic husband, who in a fit of fury killed his modest wife at a trifle teasing and invented a case of honor killing and implicated a man recently returned from Saudi Arabia to exact money from him in cohort with local landlord and Station house officer (SHO). This sorry situation, prompts the writer to get this dialogue delivered from a character. "Ah! Honor killing is growing gravely as a benefiting business in Sindh".

In the perspective of a wide spectrum of short stories covering discriminatory debonair of man against women, it would not be exaggeration to say that women is the worst sufferer of gender discrimination, be she a mother, a sister, a daughter, a wife, a widow, or in any relationship, she meets mortification at the hands of man for being used as an object of sacrifice, sale and safety for a man.

In summation the state of women woes can be put in these poetic lines;

"It is an established fact, not a dubious dictum
Sindhi woman is the worst discrimination victim
Poets and writers relentlessly it note
Man makes woman ever scapegoat
In the world she meets many a hurdle
But her sufferings in Sindh blood curdle".

Jam Jamali
Larkana



محمد علي پناڻ جيئن شاعريءَ جي افق تي نمودار ٿيو، تيئن وري کاٽيءَ جي حوالي سان اپري آيو آهي ۽ تمام ٿورڙي عرصي ۾ هن نندين کاٽين جي ميدان ۾ ڏاڪو جمايو آهي. سندس کتاب "سئو لفظ سئو کاٽيون" جڏهن مون تائين پهتو، تہ مون ڏٺو تہ انهن سيني کاٽين ۾ سنڌ جي سماجي صورتحال جو چٽو منظر ڏيکاريل هو. سنڌ ويچاري جنهن ڏکن سورن مان گذري آهي ۽ گذري پئي، ان جو احساس جنهن نموني محمد علي پناڻ کي ٿيو آهي، تہ رڳو احساس ٿيو آهي، پر درد جو ٽاڻون اپريل کيفيتن جو هن چگيءَ طرح جائزو وٺي پاڻ موکيو آهي.

کاٽين جي هن کتاب "دنيا کان اڳتي" ۾ شامل هي نندڙيون کاٽيون تمام وڏين کاٽين کان بہ وک اڳيرو آهن. هي کاٽيون سچ تہ رڳو "کاوش" اخبار جي صفحن تي ڇپيون آهن، پر اسانجي دلين تي بہ اثر ڇڏيندي، جيءَ کي جهوريندڙيون رهيون آهن.

محمد علي پناڻ جي قلم جو نشتر تمام تيز ۽ سماج جي ڦٽن کي اکيلي وري ڪنڌ بڌجڻ لاءِ بہ پر اميد آهي. سندس اڳئين کتاب جي مهاڳ ۾ منهنجي پراڻي دوست ۽ "روح رهاڻ" جي ساٿي اختر جانوريءَ ڪيس وڏو خراج ڏنو آهي.

اميد تہ محمد علي پناڻ سنڌ جي سورن ۽ درديلي سماج جي صورتحال تي ائين ئي لکندي وک اڳيري کڻندو رهندو.

مان هر هفتي "کاوش" جي صفحن تي سندس مختصر کاٽين پڙهڻ جو شدت سان انتظار کندو آهيان.

حميد سنڌي

Rs. 300/-

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.